منهنجي ڀڳتي بہ ڪئي اٿس، تنهن صورت ۾ هنکي هرڪنهن
جنم ۾ پنهنجن اڳين جنمن جي يادگيري پوندي ۽ هو رامچند
جو انهيءَ ڀڳت ٿيندو." هي پکيراج! شنڪر ڀڳوان موکي
چوڻ لڳو تہ "ڏس! متان ڪي وري ڪنهن براهمڻ يا ڀڳوان
جي ڀڳت جو اپمان ڪرين. براهمڻن کي تون منهنجوئي روپ
ڄاڻج، انهنجو آدر ستڪار ڪج؛ ڇاڪاڻ تہ اندر جي وڄر، منهنجي
وشال ترشول، ڪال جي ڏنڊ، وشڻو جي مها ڀينڪر چڪر کان
جيڪو منشيہ بچي وڃي تہ پڻ، پر براهمڻ جي ڪروڌ اگنيءَ کان
ادو ڪنهن بہ طرح ڇٽي نٿو سگهي."
شنڪر ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي گروءَ بہ موکي آشيرواد
ڏني تہ "هي پترا! ائين ئي ٿيندو." پوءِ شنڪر جو ڌيان ڪندو
...نجو گرو پنهنجي گهر هليو ويو. ڪيتري وقت ڪالچڪر مان
...ہ جي پريرڻا سان وِنڌيا چل پروت تي وڃي نانگ ٿيس.
...ڪالچڪر ادو شرير ڇڏي مون ڪيترين ئي شرير ڌارڻ ڪيا،
...ڪو جيڪو جنم مون ڌاريو ٿي تنهن تنهن جنم ۾ منهنجي
رامچندر ۾ انهيءَ ڀڳتي رهي ٿي. انت ۾ مون براهمڻ
...رير پاتو، جو ديوتائن کي بہ ملڻ مها ڪٺن آهي. انهيءَ
...کي چولي ۾ منهنجو پريم شري رامچندر ۾ آهي ۽ انهيءَ ڪري
...تہ ڀڳتيءَ ڪانسواءِ ٻيو موکي ڪي بہ ڪين سجهڻ لڳو.
... منهنجي پتا موکي ڪيترائي شاستر پڙهايا، تہ بہ سڀني

مي ڪهڙ ڪهت ويڪ پرماتما! تون ڪائن. ڪان ٻري آهين؛ ڪلياڻ جو ڪارڻ آهين؛ جي اڻهتي ٻالپڻ ۽ سنگهار جا ڪرتا پڪيت وتسل ڀڳوانيت کي ناس ڪرڻ وارا! موه کي ناس ڪندڙ ۽ ڪامديو جا شترو! مونکي پرسن رهجو. هي پاروتيءَ پتي! ڪي الم تہ جيستائين ڪو منشيہ تنهنجي پويتر چرڻ ڪملن جو ڌيان نٿو ڪري، تيستائين ڪنهين بہ طرح اُتي کي پاڻي نٿو سگهي. سو ڪرپادان! مونکي پنهنجن چرڻن جو ڌيان ڏي. هي شو، شنڪر، شنڀو! نڪو ڪو مونکي جپ ڪرڻ ٿو اچي، نڪو ڪو تپ، يوگ يا پوڄا، رکو تو کي پرڻام ڪرڻ اچيم ٿو. سو هي ديالو ي! مهنجي رکيا ڪر، ڇاڪاڻ تہ مي جنم مرڻ دکاڏي روپي اجگر ڪائڻ جي ٿو ڪوشش ڪري!"

ڪاڪڀشنڊي چوڻ لڳو تہ "هي ڪرڙ! اهو جيڪو مٿيون شوجي جو اشٽڪ، يعني اٺن شلوڪن وارو ستوتر آهي، تنهنکي جيڪو منشيہ سچي ڀاو سان پڙهي ٿو تنهنتي شنڪر او ڪرپالو ڀڳوان پرسن ٿئي ٿو. هي پکيراج! جنهن مهل شنڪر جي منهنجي گروءَ استوتي ڪئي، تنهن مهل وري بہ مندر ۾ آڪاش واڻي ٿي تہ "هي براهمڻ! کهر جيتڪي ڪهڙو مجيتي مان، توتي اتيمت پرسن ٿيو آهيان." براهمڻ اها آڪاش واڻي ٻڌي گدگد واڻيءَ سان هٿ جوڙي چوڻ لڳو تہ "هي ديناٻندو! ڪرپاڪر، جيڪڏهن توهان مونتي پرسن ٿيو آهيو، تہ ڪرپا ڪري هي ور ڏيو تہ اها سر وڪ تنهنجن چرڻن ۾ پريم رهي. پر ٻيو ڪري ڪرپا ٻي سہ ڪر، جو هي منهنجو چيلو جنهن اهنڪار روپي اوندہ سان ڏکي ٿيو آهي، سو ويچارو تنهنجي ديا سان تنهنجي ڏڪ سراپ کان جلدي ڇٽي وڃي."

وائڙو ٿي ويس، ۽ سڄي بدن ۾ ڏڪڻي پئجي ويئي. اکين
پاڻي زار زار وهڻ لڳس. نيٺ آءُ گروءَ جي پيرن تي ڪري پ
۽ ڪاڪُس پنهنجا گناهه بخشائڻ لڳس.

گرو مهاراج ۾ منهنجي اهڙي حالت ڏسي شنڪر ڀڳوان ج
ستوتي ڪرڻ لڳو ته "هي ايش! هي مهيش! مان توکي نمسڪ
ڪرياٿو تون سمرٿ، موکش سوروپ وڀُو، وياپڪ، برهم ۽ وي
سروپ آهين. تون اجنما، نرگڻ، سنڪلپ ۽ ڪاپنا کان رهت،
چيشٽا کان رهت، سچدانند سروپ، آڪاش وت ۽ سرو وياپي
پرماتما آهين. تنهنجو مان ڀڄن ڪريان ٿو. هي شنڪر! تون
نراڪار، اوم ڪار جو مول ڪارڻ ۽ جاگرت، سوپن ۽ سشپتيءَ کان
پري، واڻيءَ ۽ گيان اندرين کان پري، سرويشور، ڪيلاس واسي،
ڀينڪر ڪال جو ۾ مها ڪال، ڪرپالو، گڻن جي کاڻ ۽ ٻن سنسار
ساگر کان پار اُڪارڻ وارو آهين. آءُ توکي وارون وار نمسڪار
ڪرياٿو. تون هماليه پروت سمان، ڪنيئر سياه وارا ڪروڙن ڪامديون
ڪي مات ڪندڙ شرير وارو آهين. ڪڇڪوڙ ۽ ڪهڙ گهات ڪندڙ
ٽ جيڪا گنگاندي تنهنجي مستڪ ۾ براجمان آهي، چندرما جي
سڪا تنهنجي ڀالت ۾ شوڀا ڏيئي رهي آهي ۽ ڪنٺ ۾ تنهنجي
پ شوڀائي رهيا آهن، ڪنن ۾ تنهنجي ڪنڊل پيا آهن،
ٽ تنهنجو نيل ورڻ آهي، نيتر وشال ۽ ڪمان جهڙا [illegible]،
ن مکر آهين، واگهمبر تنهنجي شرير تي هڙيل آهي، مڙدن
مالائون تنهنجي ڳچيءَ ۾ پيئون آهن، هي ديالو، منگل
، منگل ڪرتا، آنند مير، سيتي جا پيارا شنڪر ڀڳوان!
اريءَ وشو جو مالڪ آهين، اهڙو جيڪو تون ڪاياڻ سروپ
پرماتما، تنهنکي مان چت سان نمسڪار ڪريان. تو

١٨ ڪلا اوتار اهن رام، ڪرشڻ، ديوي، گڻيش، سوريه، ڀيرو،
شنڪر اياڌي اشٽ ديوتا مقرر ڪيا آهن، تن جو هرڪو منشيه
پنهنجن ڪلان پٽاندر پنهنجي پنهنجي اشٽ ديوتا جي پوڄا ڪندو
ليڪ پورڻ سنوڪلا کي پائي سگهي؛ جنهنجي سهائتا سان پوءِ
هو نراڪار جو گيان ڪري مڪتي کي پراپت ڪري سگهي." هي
گروءَ! جيتوڻيڪ گروءَ جن مونکي ايترو اپديش ڪيو، ته به آءٌ
سڀ ڄڻ ته سٽيءَ دلي تي پڪي هو. اتاهو مان اهڙي ضدي ٿ
پوجي ويس. جو جيڪر خبر ناهي ڇا ڪريانس. هي گروءَ اهو
اهڙو گروءَ مونکي پنهنجي ليڪا ڄاڻي جي ڪريتي ٿيو؛ ڇاڪاڻ
ته ليڪا ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڪا وديا سيکاريتي آهي، ته آهو
اتاهو پهرين پنهنجي سيکاريندڙ جو ڪلو دٻائيندو آهي. جولدا
آهن ته ڏانگر کي کير پيارڻ اٿلو انجو زهر وڌائڻو آهي. انهي
والڪو آءٌ اهڙو مٽجي بي رهيس، جو ڪابه ساڃه اهڙ ته لڳيم.
ڪار فساد جو ته جهڙ مان ڀعلو هوس. پر ٻلهار وڃان پنهنجي
گروءَ جي ڏالو ڏان، جنهن ويچاري منهنجي اهڙي اڏوکي ڏسي
اتاهو مونتي ديا ڪئي. من ڪجهه به ڪن ڪجهو، اتاهو مونکي
آسڪي سان سمجهائڻ لڳو. پر الجي اما الوقت هي سمجهائي
مونکي زهر ٿي لڳي. ليڪ آءٌ لڳوسانس شاستر ارت ڪرڻ
۽ اٿو سڀڻو ڪرڻائڻ. تنهنتي مدد ۾ اوهيو ڏڪ عجب واڪي ٿي،
۽ شنڪر مهاراج بولڻ لڳو ته "اڙي ليڪا! تون گروءَ جي نو
نندا ڪرين، ۽ اسکي تو اب شهد چئين! اهي ڪري تون وچي
ڏانگر ليندين. خبر اٿيئي ته جيڪو گروءَ جي نو نندا ڪري،
تنهنکي ڪلپ پريت نرڪ ۾ ڪيو رهڻو پوي؟" جنهن مهل
شنڪر ڀڳوان جي مين اهڙي واڻي پڌي، تنهن مهل آءٌ باڪل

سروپن جي نندا تہ نہ ڪر. اهي انت شڪتيءَ واري پرماتما
انت روپ آهن. تنهنڪري توکي ڪنهن جي بہ نندا ڪرڻ نہ جڳائي
اجا بہ جيڪڏهن توکي پنهنجو رايو قائم رکڻو آهي، تہ رڳو پنهنجي
شو روپ جي پيو واکاڻ ڪر، پر ٻين جي واکاڻ ڪندي ٻئي ڪنهن
بہ روپ جي نندا نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن تون رام، ڪرشڻ
۽ ديويءَ وغيره هن جي نندا ڪندين، تہ ڪو وري اهڙو بہ هوندو
جو تنهنجي شنڪر جي نندا ڪندو. تنهنڪري جيڪڏهين توکي
پنهنجو ڪلياڻ چاهڻو آهي، تہ ٻئي ڪنهين جي نندا نہ ڪر،
پوءِ اهو ڀلي تنهنجي نظر ۾ ڪيڏو بہ خراب هجي. تون پاڻ
کي چڱن ڪمن ڪرڻ سان پرڪيات ڪر. جيڪڏهن جدا
جدا ديوتائن جا پوڄاري اهيءَ طرح هلت نہ ڪندا ۽ اٿلندو هڪ
ٻئي جي نندا ڪندي پاڻ ۾ وڙهندائي رهندا، تہ پوءِ ڪنهن جو
بہ ڪارج سڌ نہ ٿيندو ۽ وڌو وڳوڙ ٿيندو. اڄ ڪلهہ هزارن
ماڻهن جي مغز ۾ چڪر آهي جو ڪو ديويءَ جي پيو پوڄا ڪري،
ڪو گڻيش جي، ڪو شوجي، ڪو رامچندر جي تہ ڪو ڪرشن
چندر وغيره جي. هرڪو پوڄاري پنهنجي پنهنجي اشٽ ديوتا
کي سرشٽي ڪرتا سچدانند وغيره، ۽ ٻين کي انهيءَ جو داس پيو
سمجهي. هاڻي ٻڌايو تہ ڪير سچو ۽ ڪير ڪوڙو؟ گهڻو ڪري
ڪنهين منشيہ انهيءَ مٿئين خيال ۾ غلطان رهي پاڻ کي منجهيل
سمجهي رهيا آهن. ڪي تہ وري، جي پاڻ کي سڌريل ۽ قابل
سمجهن، سي جيڪر چئي ڏين تہ ڇہ! اهي سڀ براهمڻن
ان روپ ليلائون آهن. اسانکي اهڙي گڙٻڙ سڙٻڙ ڪانہ کپي.
پرماتما وري آهي ڪٿي؟ پرڪرتي پنهنجو ڪم پاڻيهي پئي
ڪري پر جي اُنهن ماڻهن کان ڪڏهن پڇجي تہ پرڪرتي ”جڙ“

ڪندو هوس. جنهن مندر ۾ آءُ پوڄا ڪرڻ ويندو هوس، انهيءَ مندر ۾ هڪڙو براهمڻ به پوڄا ڪرڻ ايندو هو. آها! اهو براهمڻ ڪهڙو نه ديالو هو سو انسان مهنجي سمجهڻ کان ٻاهر آهي. پوءِ نه ڪجهه وقت ڪانپوءِ مان اصلي ان براهمڻ وٽ رهڻ لڳس. ان براهمڻ مون کي وديا خوب چڱيءَ طرح سان پڙهائي. آءٌ شڪرت ٿي انهيءَ شيوا ڪرڻ لڳس. جيتوڻيڪ مان الوقت وديا بلڪل چڱيءَ پر پڙهي ويو هوس ۽ شاسترن جو چڱيءَ طرح بوڌ هئم، تڏهن به مون پنهنجي ليکي جاتي جو سياڻو نه ڇڏيو، يعني مان ڏاڍو اڀمان ڪرڻ لڳس ۽ ڪنهن بات جي نه سمجهه پوندي هوس. گرو تنهن هوندي به مونکي چڱيءَ طرح اپديش ڪرڻ لڳو ته "هي پترا تون جو شڪر مهاراج جي پوڄا ٿو ڪرين ۽ ٻين ديوتائن جي نندا ٿو ڪرين، انهيءَ مان تنهنجو ڪو به ڪاڻ نه ٿيندو. جن نه جيڪڏهن هڪڙا به ٻئر هجن، انهن مان تون هڪڙي سان رکين پريت ۽ ٻئي کي پيڪدم سنڌس پاڻ جي اکيان ڏين گاريون، ته ڇا مهنجي پاڻ کي ڪاوڙ نه لڳندي؟ بيشڪ هو تنهنجي دوستي ڇڏي ڏيندو. انهيءَ ساڳيءَ طرح تون انهن ديوتائن ۾ ڪوبه فير نه سمجهه. اهي سڀ ڪرتي پرماتما جو روپ آهن. پر پڻ ليکي به جي هرهڪ تون اها ڳالهه نه مڃين ته ماٺ ۾ رهه. تون جو ڪهڙي ڪري شري رامچندر جي نندا ٿو ڪرين سو اها تنهنجي وڏي ڀل آهي. توکي خبر آهي ته انهيءَ شري رامچندر جو پاڻ خود تنهنجو شڪر ڀڳوان به ڪري ٿو؟ انهيءَ هوندي به تون ڀوءِ ٿي ڪرين مت ڪري پريوءِ جن جو پوءِ آدر ٿو ڪرين؟ جيڪڏهن توکي سرو شڪتيمان پرماتما جو پاڻ شو سروپ ۾ ڪرڻو آهي، ته پاڻ ڪري، پر ٻين

سروپن جي نندا ته نه ڪر. انهيءَ اننت شڪتيءَ واري پرماتما جا
اننت روپ آهن. تنهنڪري توکي ڪنهن جي به نندا ڪرڻ نه جڳائي.
اڃا به جيڪڏهن توکي پنهنجو رايو قائم رکڻو آهي، ته رڳو پنهنجي
شو روپ جي پيو واکاڻ ڪر، پر ٻئي جي واکاڻ ڪندي ٻئي ڪنهن
به روپ جي نندا نه ڪر، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تون رام، ڪرشڻ
۽ ديويءَ وغيره جي نندا ڪندين، ته ڪو وري اهڙو به هوندو
جو تنهنجي شنڪر جي نندا ڪندو. تنهنڪري جيڪڏهن توکي
پنهنجو ڪلياڻ چاهڻو آهي، ته ٻئي ڪنهين جي نندا نه ڪر،
پوءِ اهو ڀلي تنهنجي نظر ۾ ڪيڏو به خراب هجي. تون پاڻ
کي چڱن ڪمن ڪرڻ سان پرکيات ڪر. جيڪڏهن جدا
جدا ديوتائن جا پوڄاري انهيءَ طرح هلت نه ڪندا ۽ اٽلندو هڪ
ٻئي جي نندا ڪندي پاڻ ۾ وڙهندائي رهندا، ته پوءِ ڪنهن جو
به ڪارج سڌ نه ٿيندو ۽ وڏو وگوڙ پيدا ٿي ويندو. اڄ ڪلهه هزارن
ماڻهن جي مغز ۾ چڪر آهي جو ڪو ديويءَ جي پيو پوڄا ڪري،
ڪو گڻيش جي، ڪو شو جي، ڪو رامچندر جي ته ڪو ڪرشن
چندر وغيره جي. هرڪو پوڄاري پنهنجي پنهنجي اشٽ ديوتا
کي سرشٽي ڪرتا سچدانند وغيره، ۽ ٻين کي انهيءَ جو داس پيو
سڏي: ڳالهه ٻڌايو ته ڪير سچو ۽ ڪير ڪوڙو؟ ڪيڏو ڪري
ڪنٿين منشيه انهيءَ مٿين خيال ۾ غلطان رهي پاڻ کي منجهيل
سمجهي رهيا آهن. ڪي ته وري، جي پاڻ کي سڌريل ۽ قابل
ٿا سمجهن، سي جيڪر چئي ڏين ته ڇا! اهي سڀ براهمڻن
جون پوپ ليلائون آهن. اسان کي اهڙي گوڙ سوڙ ڪان ڪجهه.
پرماتما وري آهي ڪٿي؟ پرڪرتي پنهنجو ڪم پاڻهي پيئي
ڪري پر جي آهن ماڻهن کان ڪڍي ڇڏجي ته پرڪرتي "جڙ"

ڪندو هوس. جنهن مندر ۾ آءُ پوڄا ڪرڻ ويندو هوس، انهيءَ
مندر ۾ هڪڙو براهمڻ به پوڄا ڪرڻ ايندو هو. آها! اهو براهمڻ
ڪهڙو نه ديالو هو سو انسان منهنجي سڄاڳپ ئي ويئي. پوءِ نه
ڪجهه وقت ڪاڻپوءِ مان اصلي ان براهمڻ وٽ رهڻ لڳس.
ان براهمڻ مون کي وديا خوب چڱيءَ طرح سان پاڙهي. آءُ
نشڪپٽ ٿي انجي شيوا ڪرڻ لڳس. جيتوڻيڪ مان الوقت
وديا بالڪل چڱي پر پڙهي ويو هوس ۽ شاسترن جو چڱيءَ طرح
پورو علم، تڏهن به مون پنهنجي ليکي جاتيءَ جو سياڻو نه ڇڏيو، يعني
مان ڏاڍو ايمان ڪرڻ لڳس ۽ پڪش پات جي نه سمجهي ٻچڙپ
مورتي هوس. گرو تنهن هوندي به مونکي چڱيءَ طرح اپديش
ڪرڻ لڳو ته "مي پترا! تون جو شنڪر. مهاراج جي پوڄا ٿو ڪرين
۽ ٻين ديوتائن جي نندا ٿو ڪرين، انهيءَ مان تنهنجو ڪو به
ڪاڻ نه ليندو. جنهن نه جيڪڏهن هڪڙا ٻه پنر مڃين، انهن
مان تون هڪڙي سان رکين پريتي ۽ ٻئي کي ڀڪدمسندس
پاءُ جي اڳيان ڏين ڪاريون، ته ڇا مڃجي پاءُ کي ڪاوڙ نه
لڳندي؟ بيشڪ هو تنهنجي دوستي ڇڏي ڏيندو. انهيءَ ساڳيءَ
طرح تون انهن ديوتائن ۾ ڪوبه ڦير نه سمجهه. اهي سڀ ڪرڻي
پرماتما جو روپ آهن. پر ٻئي ليکي به جي هرهڪ تون ادا ڪ"ه
نه مڃين ته مانٽ ۾ رءِ. تون جو ڪهڙو ڪري شري رامچندر
جي نندا ٿو ڪرين سو ادا تنهنجي وڏي ڀُل آهي. توکي خبر
آهي ته انهيءَ شري رامچندر جو پاڻ خود تنهنجو شنڪر ڀڳوان
به ڪري ٿو؟ انهيءَ هوندي به تون ڀوءِ ٿي ڪڙاڙ هٿ ڪري
پرڀوءَ جن جو ڇو اندر ٿو ڪرين؟ جيڪڏهن توکي سرو شڪيمان
پرماتما جو پاڻ شو سروپ ۾ ڪرڻو آهي، ته پاس ڪي، پر ٻين

پنهنجون گگدام ڪئو يعني ڪنيائون ڪيترن ڪلن سان ٿا پڙهون
گهوٽ چاهي ڪٽي ڪيترو به جواري، چور، لفنگو، يا بدمعاش
هجي، پر پئسي جي شرط ڪري اهي اوگڻ به منجهس گڻ
سمجهڻ ۾ آيا. اُهي منشيه اهو ڪو به ويچار نه ڪرڻ لڳا ته
جن جيون سان سندن ڌيئن جو ساريءَ عمر ڏاء پاؤ اٽڪيو آهي،
سي ڪيترا آهن. هاءِ! هاءِ!! ايڏو انڌير انهيءَ ڪلجڳ ۾ ورتڻ لڳو،
ڪاڏي پيتي جو به ڪو مانشي وهنوار نه رکڻ لڳا. جيڪي اڃي
سو "سواها." بس! انهيءَ ئي ڪارڻ ڪري طرحين طرحين جون
بيماريون ۽ آفتون ڪلجڳ جي پوري ٽيٽ سنسار تي ڪاهي
اچڻ لڳيون.

هي پکيراج! جيتوڻيڪ ڪلجڳ ۾ ايترا اوگڻ آهن، تڏهن
به منجهس هڪڙو اهڙو گڻ وڏيڪ آهي، جو اُنهن سڀني اوگڻن
کي مات ڪندڙ آهي. اُهو گڻ هيءُ آهي، جو فقط ايشور جي
نام اُچارڻ سان منشيه پرم پد کي پائي سگهندا. ست جگ ۾ منشيه
يوگ ۽ وگيان جي بل سان مڪتيءَ کي پائي سگهندا هوا، تريتا
۾ يگين ڪرڻ سان، ۽ دواپر ۾ دان ڪرڻ سان. پرنتو ڪلجڳ
۾ رگو ڀڳتيءَ جي پرڀاءُ سان منشيه هن ڀؤ ساگر ڪان پار تري
سگهن ٿا.

هي گروڙ! انهيءَ شودر يونيءَ ۾ رهندي ڪو وقت مونکي گذري
ويو. نيٺ مان هڪ دفعي اُجين نگريءَ ۾ ويس ۽ اتي وڃي
اپار وغيره ڪرڻ لڳس جتي مون کي چڱو پئسو هٿ آيو.
ن! پوءِ ته مان اتيئي ويهي پنهنجو وقت ڪٽڻ لڳس. آئ
پڻي جتي آيو آهيان ته مان شنڪر جي پوڄا ڪاڏي ڪئو سان
ڪندو هوس. سو اتي اجين ۾ به مان انهيءَ ٻولي ناٿ جي پوڄا

لڳا. ڪترين ته اصل ٻڌمتي ڌرم کي ڏوئي ڇڏيو، ورهندڙ
جي ٻٽ ۽ ته ٻهچندڙن جي اڳيو. ونيشيه ترڪن تي ڀاڱون ڪاٽڻ
لڳا. جي ڪٽي ڪنهن وقت واپار ۾ ٿي ڪيائون، ته ۾ انهيءَ
۾ ڀائيون ته ڄڻ ته ڪوڙ، ڪپٽ ۽ دغا بازيءَ جو ڪوليڪ
ڪيو اٿن. ويچارين پوِرتا استرين کي ڪڙو الڪ جو ۾ پورو
ملي نٿي سگهيو هوڏانهن ونشانن کي ريشمي ساڙهيون پهريل ڏسڻ
۾ آيون. ويچارن گرهستين کي ڪڙو وقت ڪاڏو ملي ٿي،
ته هيو وقت هئي هٽ مٿي تي رکي ويٺي رڻائون باقي سنياسي،
اُداسي، باوا ته ڄڻ ست پيڙهيا شاهوڪار، ڪاڏيون کهوڙا ۽ سڌن
کهون ٿي. ويچار جو ڄڻ ڪو ڪليگ ۾ هرڪنهنکي سرٽيفڪيٽ
مليل هو. ڪليکي محشن جو ٻڌمتين لڄ استرين مان پرو
کهجڻ لڳو. مندر ۽ ٺڪاڻا اڏي اڏي عمدي ۽ سهڻي سامان
سان سينگارجڻ لڳا، جو ڀانئجي ته ڄڻ ڪنهن راجا جا رنگ
محل آهن. هرڪنهن اندر جي وشيه جيڪڏهن بني ڪنهن
منڊ ملي نٿي سگهي، ته انهن ستائن ۾ سو اوس ملي سگهي
ٿي. مي ڪسرا! مان تو کي ڇا ٻڌايان؟ ڪليگ جو
چڪر مها ڀيانڪ آهي. محشيه اهڙن ٻوڙهيءَ مندر آدي ستائن جو
مهتو (وڏائي) کهڻائي ڪين ولدر جوڻ جايون سمجهڻ لڳا. هر طرح
جي لشي جو هنڌ مندرن ۽ ٺڪاڻن وغيره ۾ فخر سمجهڻ ۾ آيو.
مطلب ته هرهنڌ ڪميٽي ويڪ حاوي لڳي. سار ته ڪليگ
جي سميه ۾ ڏڪار پوڻ لڳو. منشيه وغيره "ان ان" پڪاري
ٻڌمتا پراڻ تياڳڻ لڳا. ڪٿيا دان بدلي ڪنيا واپار حاوي لڳو،
يعني منشيه پنهنجا ولي ٻڌمتون سون جهڙيون ڌيئون ڀڄ ۾ اڇلائڻ
لڳا ۽ پيسن جي لالچ تي ڪو ويچار ڪرڻ نه لڳا ته اسين

ڌرم ڪياني ۽ ويراڳي سمجهڻ لڳا. جنهنجا ڏکيا ڏکيا نهن ۽
ٽبيون لنبيون جتائون هجن، سوئي تپسوي سمجهڻ ۾ آيو. ايا
۾ جي مڙڻ جوان ڇڏيون، ڪوڙيون وغيره ڪنيا، تہ هيڪاري
سڌ ٿيو. جو منشيہ رڱي ڏکيون ڏکيون ڳالهيون ڪري ڇاڻي،
پروڊيا بنجهس هجي ڪانہ، اهڙو منشيہ اتي ٻرويڻ وڪتا سڏبو
۾ آيو. شودر براهمڻ جا ڪرتويہ ڪرڻ لڳا، ۽ تلڪ ڏيئي مالهائون
پهري، پاڻڪي رشين جو اولاد سڏائڻ لڳا نہ رکيو اُهڙو، پرنتو
پرديس ۾ وڃي سڀ ٻجهہ پاڻکي ڪرو اتوا پروهت سڏائي براهمڻپڻي
جو دم هڻڻ لڳا. پتر پتا جي آکيا نہ مڃڻ لڳو ۽ ماتا جو پوچو
۾ تيستائہ رهيس، جيستائہ ايا زال جون اکيون نہ ڏٺيون هوائہ.
مرد زالن جا ٻچو ٿيڻ لڳا. زالون مڙسن کي ٻانڌون وانگر
نچائڻ لڳيون. گروڻي جو ڏاڍو ڌرڪو پائڻي رکڻ لڳو، پوورڻو
منجهون اُهڙو ٻہ نہ، جو ڪٿي ڏاڻ ڏڄاڻي سگهن. ڏسڻہ سسارو
سنسار بودم ڪياني. ڪٿا منشيہ ڏکيا ڏکيا ڏاڍا ويدون اُپاديون جا
وڪڻ لڳا، ٻو ڪين آيو سنسڪرت جو "سو" ٻہ ڪين ٿي. اهڙا
منشيہ ڏاکڻ جو جامو پائي پاڻ کي ڏرماتما سڏائڻ لڳا. چنڊال
چوڻ لڳا تہ "دون! براهمڻ براهمڻ اسين سڀڻون نسي ڪين،
اسين ئي براهمڻ آهيون." سٽ ونئي ڪٿي ڄڻيو پاڻئون پيدا ٿي
ڪٽي پوڻن سان رشتہ داري رکندڙ هوا. تنهن هوندي بہ پاڻکي
ڏوڻن جي گرڻ سڏائڻ ۾ هٺي نہ ٻوڙ لڳا. گهر ڪان ڏنو سو بہ
تيو سنياسي. ٻيگهون ڪٿي ويس ڪيا، تہ ڏٺ الڳي پرهيائي
۾ ايہ ٿي ويو. اسڪيہ ڪڙول ڪاپ ٻت ڪرڻ لڳا. پنڊوڪت
شوڌن کي منشيہ اهڙو ۽ ڦڏول سمجهڻ لڳا. براهمڻ ٻنهنجي ڏرم
ڪرم ڪرڻ وغيره کي سڪاپ ڏيئي ڇڏي واسطي ڄتڪا

آهي. پراڻن ۾ ته ايتري قدر به چيو ويل آهي، ته جو جيو ڪوارٽ به ڪلي ايوڌيا پوريءَ ۾ جنم وٺي ٿو، تنهنکي اوشيه ڪنهن نه ڪنهن جنم ۾ رامچندر جي ڀڳتي پراپت ٿي سگهي ٿي. هي ڪروا جنهن مهل ايوڌيا پوريءَ ۾ منهنجو جنم ٿيل هو، تنهن مهل ڪليگ پنهنجي ڦوا جوانيءَ ۾ هو ۽ سڀ استري پرش پاپ روپي سمندر ۾ غلطان هوا. ڪليگ جي پرتاپ ڪري سڀ ڌرم الوپ ٿي ويو هو، ۽ پاکنڊي لوڪ پنهنجا ڏوان ڏوان ڪلپت مت ڪڍڻ لڳا هوا، ۽ هرڪو منشيه پنهنجا ڪوڙا ڌرم لکيو هو. سڀ منشيه ڪام، ڪروڌ لوڀ، موه ۽ اهنڪار جي وس ٿي ويا هوا. هي ڪروا هاڻي پڌ ته توکي ڪليگ جا ٿورا چريتر ٻڌايان ٿو:

هي ڪروا ڪليگ ۾ جيتني ورڻا شرمن جو ڌرم الوپ ٿي ويو. سڀ استريون پرش ويدن جي ابتڙ هلڻ لڳا. براهمڻ ته جڏهن ويد اصل ڏوني ويٺا. راجائون پنهنجي نسي رعيت کي پنهنجو گراس سمجهڻ لڳا. مطلب ته ڪوبه منشيه ويدن شاسترن جي آگيا نه مڃڻ لڳو. جنهنکي جيڪو خيال من ۾ آيو، بس سو تنهنتي هلڻ لڳو. زبان دراز، يعني ڳالهائيندڙني، پنڊت ٿي سمجهڻ ۾ آيو. ڪوڙي ۽ پاکنڊيءَ کي منشيه سادو ۽ سنت سمجهڻ لڳا. جو ماڻهو هميشه ٻين کي لتيندڙ هو، سوئي ته چتر ليکجڻ ۾ آيو. پاکنڊين کي آچارين جي پدويءَ ملڻ شروع ٿي. ٺڳي مسخري ڪرڻواري کي ماڻهو عقل وارو سمجهڻ لڳا. ڪوڙ کي پنهنجي زبان جي هاڪي سان سچ بڻائڻ واري کي مهوپا ڏياءُ سمجهڻ لڳا. جنهن ماڻهوءَ ۾ لڪو آچار، لڪو وهنوار، پرلعو اناو ويرورڌ وڌائي، تنهنکي ته منشيه

سيني مان موٽڪي هيءَ ڪانگر جي جوڙ وڌيڪ پسند ٿي اچي
چاڪاڻ ته پرپوءَ جن جي ڀڳتي موٽڪي انهيءَ ئي جوڙ ۾ ميس
ٿي آهي. سيني نيتي شاسترن جو سار آهي ته جنهن وستو
مان ڪو پراوڪ فائدو نظر اچي، انهيءَ وستوءَ کي ڌارڻ ڪرڻ
گهرجي، پوءِ ڀل ته اها وستو ڪٿي ڪهڙي به اڌم هجي. انهيءَ
طرح منهنجي اها اڌم جوڙ هن انوڀر لاءِ جو شريشٽ ڪارڻ
نظر ٿي اچي. ڏس، اوڪ فائدي واسطي منشيه ريشم جي
ڪيٽن جي ڪيتري نه سنڀال ٿا ڪن! چاڪاڻ ته جيڪڏهن
ڪيٽان هوندا، ته ريشمي ڪپڙو ٺهندو، نه ته انهن ڪانسواءِ هرگز
ٺهڻ وارو نه آهي. هاڻي ويچار ته ڪجي ته پهرين ڪيٽون
ڪهڙي نه اپوتر وستو آهي، پر منجهس ريشم هئڻ جي ڪرڻ ڪري
منشيه ڪيس ساهه وانگي سانڍين ٿا. تهڙيءَ ريت مون پنهنجي
هيءَ ڪانگر جوڻي وڌيڪ پسند ڪئي آهي. انهيءَ جو ٻيو سبب
هيءُ به آهي، ته ڪانگر جي عمر گهڻو ڪري ٻين سڀني پراڻين
کان وڌيڪ هوندي آهي، انهيءَ ڪري ڀڳتيءَ جو آنند گهڻي
ڪال تائين وٺي سگهبو. هي گرڙ! ڪنهن سمي مون ايوڌيا پريءَ
۾ ڪنهن شودر جي گهر جنم ورتو. موٽڪي پنهنجي پڌيءَ جو
اهڙو ته ايمان هو، جو ڪنهنجي به ڪين پڌڻ لڳس. منهنجو
پريم رڳو شنڪرڀڳوان ۾ هو، ۽ ٻين سڀني ديوتائن جي مان
پيٽ ڀري نندا ڪندو هوس. پاکنڊ جو ته سچو پچو اوتار هوس
ڌن جي ايمان ۾ چڙ ته ڦاٿس ٿي. ڪنهن کي پاڻ جهڙو ڪين
سمجهندو هوس. جيتوڻيڪ مان رهندو اهڙيءَ پوتر پريءَ ايوڌيا ۾
هوس، ته به منهنجو من سو سداءِ گهمنڊ سان ڀريو پيو هوندو هو.
هاڻي موٽڪي ايوڌيا، پريءَ جي پرتاپ جي ٿوري گهڻي خبر پيئي

تي ٻج ۽ اتي ڪاڪڀشنڊي ٻالي ڪري ڪاڳ ٿيو رامائڻ جي
ڪٿا ڪري، اها ٻڌي ساري ٻڌ، جنهنجي ٻڌڻ سان تنهنجا
سڀ شڪ شبها ويندا: هي پاروتي! اها ڪٿا ٻڌي ڪري
ڳرڙ اوڏاهن ويو، ۽ ساري ڪٿا ڪاڪڀشنڊي جي مکان ٻڌي
ڪرتارٿ ٿي ويو. ڪٿا جي سماپتي مهل ڪاڪڀشنڊي ڪي
ڳرڙ جي ڏي ٿيو ته "هي ڀڳت شروملڻيا ڪرپا ڪري توهان
مونکي پنهنجي جنم جي ڪٿا ڪري ٻڌاءِ. ته ڀاڳي جيڪو
وهم ڏاڍو رهيل مجهيم سو به اهي وڃيم، جاڳائڻ ته مونکي ڏاڍو
ڪو اور قسم جو وهم آهي." ڳرڙ جي من ۾ اها شنڪا هئي ته
مٿان شنڪر مهاراج پاڻ ڪاڪ ڀشنڊي جو روپ ڌاري اُپديش
ڪندو هجي. جيهن مورت ۾ مان به ڀڳتي آهيان تنهن
مورت ۾ مونکي اُپديش ڏيڻ ڪاڻ شايد ائين ڪيو مجهس.
سيڪان وڏي شنڪا ڳرڙ جي من ۾ اها هئي ته شايد هي اهو
ساڳيو ڪاڪ ڀشنڊي آهي، جنهنجي نسبت مڪري دفعي وشنو
ڀڳوان مونکي چيو هو ته "تون جو ٻروبرو پنهنجي ڀڳتي جو
پيو واکاڻ ڪرين، سو توکان ته اُن ڪاڪ جي ڀڳتي وڌيڪ
آهي وغيره." انهي ڪري اهو شڪ من ۾ آيس ته متان پرماتما
منهنجي ايمان دور ڪرڻ لاءِ هي رٿ نه رٿي هجي وغيره.
ڪاڪ ڀشنڊي چوڻ لڳو ته "هي ڳرڙا جيڪڏهن تنهنجي
ٻروبرو اهي اچا ٿي آهي ته مڪو پنا ساوڌاني سان ٻڌ.

جپ، تپ، يگيه، نيم، ورت، دان، ويراڳيه، وويڪ،
يوڳ ۽ گيان انهن سڀني جو ڦل رام ڀڳتي ۾ پيل آهي. منهنجي
ايڪي ته رامچندر جي چرڻن جي ڌيان بنا مڪتي جو پيو ڪوئي
ٻارو ڪونهي. ميهريون جيڪي مون جوڳيون ورتيون آهن، تن

شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! هڪڙي دفعه گرڙ کي
اچي من ۾ اها شنڪا اُٿي ته پرڀو رامچندر جيڪڏهن سچ پچ
پرميشور جو اوتار آهي، ته پوءِ استريءَ جي موهه ۾ ڦاسي ڇو
ٿي جهنگل ۾ ورلاپ ڪياءِ؟ ڇا پرم پتا، جڳديشور ٿي به ڪڏهن
موهه جي ڇايا پئي سگهيتي؟ اها شنڪا جڏهن گرڙ کي من ۾
آئي، تڏهن هن ويچاري پنهنجو من گهڻوئي ڏو ڙايو، پر پتو
اصلي ڪونه پيس. نيٺ ناره رشيءَ وٽ وڃڻ جو خيال ڪياءِ.
اتي وڃي انکي سارو ورتانت ڪري ٻڌاياءِ ۽ هٿ جوڙي پنهنجيءَ
شنڪا جو سماڌان ڪائنس پڇياءِ. ناره اها هنجي شنڪا ٻڌي
ڏاڍي وسمي ۾ پئجي ويو، ته گرڙ جهڙو پراڪرمي جيو، تنهنکي
اهڙي اجائي شنڪا؟ نيٺ هن چيس ته ڀائي! تون ڪرپا ڪري
برهما وٽ وڃ، ته هو توکي اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهائيندو.
عجب جي ڳالهه وري هيءَ هئي، جو برهما به ناره جيان کيس
پيڻ جا گهر ڏسڻ لڳو، يعني چيائينس ته "شنڪر وٽ وڃ."
نيٺ ويچارو هن وٽ آيو. پر موکي انهيءَ وقت اهڙي آتر
ويلا هئي، جو ڳالهه ٻڌڻ ڪان ٿي پاهر يعني وشڻوءَ ڀڳوان مونسان
انهيءَ ڏينهن انجام ڪيو هو ته مان توکي پنهنجو موهني اوتار
ڏيکاريندس. وري گرڙ جو گڏيم رستي تي، تنهن ته هيڪاري
موکي لاچار ڪيو. ڇا ڪريان؟ جي گرڙ کي ويهي تو انهيءَ
شنڪا جو سماڌان ڪرايان، ته وقت وڃڻ ڪري ڊپ تو ٿئيم ته
متان انجام ڪيل وقت تي نه پهچان! ۽ جي وڃانٿو هليو، ته
هن ويچاري جو ڪم نٿو ٿئي. تڏهن مون چيس ته هي گرڙ!
جيستاءِ تو ست سنگ نه ڪيو آهي، تيستاءِ توکي انهن ڳالهين
جو ڀيد اصل معلوم ٿي نه سگهندو. انهيءَ ڪري تون نيل پروت

جو روپ ڌاري وڃي ڪيس ٻرهائڻ لڳس. اهو ڪيرو نه اديت آنند هو جنهنجي ڳالهه ڪرڻ ڪويا انهيءَ آنند تسي دوش لڳائڻو آهي.

ويچارو ڪاڪ ڀشنڊي جيڏانهن وڃي تيڏانهن سدرشن چڪر، ليڪ ڀڄندي ڀڄندي وڃي برهما جي شرڻ پيو. پر اُن به ڦيري واريس ۽ چيائينس ته "رامچندر جي ڪروڌ کي مان هٽائي ڪين سگهان. تون شنڪر ڀڳوان وٽ وڃ، ته هو توکي انهيءَ سدرشن چڪر کان بچائيندو، ڇاڪاڻ ته ڀولوناٿ رامچندر جنجو انيم ڀڳت آهي." اما ڳالهه ٻڌي هي پاروتي! اهو ڪاڪ ڀشنڊي مون وٽ آيو، ۽ مونکي انهيءَ اهو سربستو حال ٻڌايائين. مون چيومانس ته بابا جي ٻي ڀيٽي ڪانهي ته هل ته انهيءَ شرڻاگت وتسل جي شرڻ هلون. اها ڳالهه ٻڌي ڪاڪ ڀشنڊي يڪدم پرڀو ڏانهن ويو ۽ هنجي من مان سڀ سنشيه (شڪ) نڪري ويو، ۽ انهيءَ پرڀوءَ جن جي چرڻن تي ڪري پيو. تنهنتي سدرشن چڪر جتان آيو هو اتي موٽي ويو. پرڀوءَ جن ڪاڪ ڀشنڊيءَ کي پنهنجو ساڪيات سروپ درشائي مهه تتو جو اُپديش ڪيو."

پڙهندڙ ضرور اهو خيال ڪندا ته ڪاڪ ڀشنڊيءَ کي من ۾ ڪهڙو شڪ هو؟ جڏهن ڏينهن ڪاڪ ڀشنڊيءَ کي خبر پيئي ته پرڀوءَ جن هاڻي دشرٿ مهاراج جي گهر اوتار ڌاري آيا آهن، انهيءَ ڏينهن کان وٺي هنجو من ٿيو ته پريکشا وٺي ڏسان ته اهما ڳالهه ڪيتري قدر سچي آهي. ديستاءِ جڳ ۾ پريکشائون ڪيون هيون، تنهن ۾ پوئين پريکشا هئي. اهوئي سبب هو جو هنجا سڀ شڪ لهي ويا. هنڪاپوءِ ڪاڪڀشنڊي پرڀوءَ جن جي گهڻن ئي ليلا جو ڏاڍي اچي درشن ڪندو هو.

ڪنهن ڪاڳ کي به اهڙو برهم گيان ٿيو آهي، جو هن اهڙي
طرح سان وشنو ڀڳوان جو يش ڳايو آهي؟ ۽ وري توهين پاڻ
به انهن چيو ٿا ته اسان به شري رامچندر جو چرتر ڪاڳ ڀشنڊي
نالي ڪاڳ کان ٻڌو آهي. ڪرپا ڪري اهو سڀ ڪجهه ٻڌايو.“
شنڪر جواب ڏنو ته ”هي پاروتي! تون ڏاڍي ڪا پوري ٿي
ڏسجين ٿي جو هن ته ٻڌايان ٿو! اها ته تو کي خبر آهي ته تون
اڳين جنم ۾ دڪش پرجاپتي جي ڌيءُ هئينءَ ۽ تو پاڻ کي
ستعوش يگيه ۾ جلائي ڇڏيو هو. تنهنجي ديهانت ٿيڻ کانپوءِ
مون کي ايترو اهو ويراڳ لڳو، جو ڪابه ڳالهه پسند نٿي آئي ۽
دل اهو ڳولا ٿي ڪيم ته ڪٿي ڪا سماڌي لڳايان. پر سماڌي
جهڙو ڪو سٺو هنڌ هت نه لڳو. نيٺ نيلگري نالي پربت
تي ويس، ته ڇا ڏسان، جو هڪڙو ڪاڪ ڀشنڊي نالي ڪانگ
ويٺو رامائڻ جي ڪٿا ڪري. مون کي هن جي ڪٿا ڏاڍي وڻي ۽
دل چيم ته اهائي سندر سماڌي آهي. بس! پوءِ ته هميشه هنس
جو روپ ڌاري هتان به وڃي هن پکين سان گڏ ويهندو هوس
جي ويچارا به پوتر رام ڪٿا ٻڌڻ ايندا هوا. هي پاروتي! پرڀوءَ
جي ليلا اگم آهي. اهو ڪاڪ ڀشنڊي ڪڏهن هميشه ...
پرڀوءَ رامچندر جي محلات جي اڳيان ۾ ويندو ۽ ويهندي ...
... ته اها ... ٿيا ۾ ... ، تنهن ...
ڪسي ... ، جو ڪو ... روپ ۾ رامچندر جي ... آهستي
آهستي ڪائو. ... پرڀوءَ ... ڪري ...
ته ... سدرشن چڪر ... ڪاڳ ...
ڀشنڊي جي ... . هي پاروتي! ...
ڪري ... اهڙو ته آنند ... جو ... ڪاڳ ...

ڇڪي ڳالھ ٿئي ھا، جيڪڏھن ساري پرٿويءَ جا راجائون شري رامچندر کي ڪٽي پنھنجو درشتانت بنائين ۽ سڀ پرجا انھيءَ تي ھلت ڪن. پر ڇا اھڙيءَ ھلت سان انھن راجائن جي پرجا ڏکر پري سگھي ٿي؟ ھرگز نه.“

پربو رامچندر جن جي منشيه روپ ۽ جيون اسٿتي (رھڻ جي رھت) اندرين تورڙي ٻاھرين اھڙي ته وچتر ھوندي ھئي، جو اُنجو مثال ھرڪو گرھستي جيڪر پنھنجي سڪوتيءَ جو ڪارڻ سمجھي سگھي. ھي پاروتي! پربوء جن جا گڻ، ڪرم ۽ سڀاو بلڪل الئت آھن. سمندر ۾ پاڻي جا تولا ڪيترا آھن. آسمان ۾ تارن جي سنکيا ڪيتري آھي، پرٿويءَ تي واريءَ جا ڪڻا ڪيترا آھن، انھن سڀني اسئيو ڳالھين جو جيڪڏھن پتو لڳي ته پلي لڳي، پر پرماتما جي-گڻن، ڪرمن ۽ سڀاون جو پتو لڳڻ بلڪل مشڪل آھي. مشڪل ڇا، پر بلڪل ناشدني ڳالھ آھي. ايتري ڪٿا شوجي مھاراج پاروتيءَ کي ٻڌائي چوڻ لڳو ته ”ھي پاروتي! تو جيڪي مونکان پڇيو سو مون توکي ٻڌيءَ انوسار، جئن ٻڌو ھو، تئن ئي ٻڌايو. اڃا تنھنجي باقي ڇا ٻڌڻ جي اڇا آھي؟“

پاروتي ھٿ جوڙي چوڻ لڳي ته ”ھي ناٿ! ڌنيه آھي پربو رامچندر ۽ ڌنيه آھي سندس ليلا! منھنجيون کھڻو ڪري سڀ شنڪائون پورت ٿي ويون آھن. آءٌ ٿئي پايان ته ڪو پربوء جن جي چرترن ٻڌڻ کان ڪا مان ڪئي ٿينديس. ھي سوامي! ڪجھ شنڪا اڃا به منھنجي من ۾ رھجي ويئي آھي، سا ڪرپا ڪري پورت ڪريو. اھا شنڪا اِھا آھي ته توھانجو ڪھڙي ڪھڙيءَ انين پڻ چيو ته ڪاڪ ڀشنڊي چوڻ لڳو ڪرڙ کي ته ھي ڪرڙا وغيره سو مونکي ڏاڍو آشچريه ٿيو لڳي ته ڇا ڪڏھن

پنهنجين اُپاءُ سان لاڳاپو
"دريانگره" اهو چيون اپاءُ ڪيڻو ڪري پنهنجين اپاءُ ۽ اِندريون
ميثو؛ پرنتو فرق رکو ايترو آهي، جو چئين اُپاءُ آهي "ڌيرج"
جي وس رکڻيون ٿيون پون: ستون
ڪر سکه، سنتان، دروير، مان، اپمان وغيره جيڪي پراپت
بشارت يا پراربڌ جي انوسار ملي، تنهنتي راضي رهڻ ۽ هئي کي
سکي ڌسي ساڙو نه ڪرڻ، تنهنکي "ڌيرج" چئجي ٿو.
اٺون اپاءُ آهي "وديا" جا وستو جيڙي ڏجي، تنهنجو پراپت
ڪيان، انهيءَ کي "وديا" چئجي ٿو، اها وديا ٻن قسمن جي آهي
لوڪڪ ۽ پارمارٿڪ.
نائون اپاءُ آهي "ستيه" جا ڳالهه جنهن ڏٺي ۽ جا وستو
جهڙي ڏسجي، انهيءَ جو پرارت (جهڙو جو تهڙو) ملاوٽ ڪانسواءِ
چوڻ، انهيءَ کي "ستيه" چئجي ٿو.
ڏهون اپاءُ آهي "اڪروڌ" يعني جو من بنا اپراڌ ڏکوئڻ،
ڪانسواءِ ڪنهين کي چيڙائڻ، ۽ ڪنهن به واجبي ڳالهه
پريو جي ڪانڊ، انهيءَ کي "ڪروڌ" چئجي ٿو.
جو غم نه ڪائڻ، انهيءَ کي ڏهه اپاءُ اٿو جنسان منشيه پنهنجو
هي نڪرواسيو! اهي ئي جيڪڏهين انهن ڏهن
منشپڻي جو ڌرم قائم رکي سگهي ٿو.
اُپاوَن ۾ ڪو ذرو به رولو ٿي وڃو، ته پوءِ منشپڻي جو نشان
چت تي وڃڻ جو امڪان آهي. اهو ئي اٿو منشيه جنم جو سار
انهيءَ ۾ ئي هن جيو جي سڌانتائي آهي؛ جاڳاڻ ته يعني ڪنهن
به يوني ۾ جيو اهي وصفون حاصل ڪري نٿو سگهي. اهـ
منشيه جوني چڙلو آهي؛ جو انهن ڳالهين ڪري مڪتي جو
ساڌن آهي."
تاسيداس مهاراج جن فرمائين ٿا ته "اها جيڪر ڪيڙي

بلڪل پڪو ۽ لٽيرو رهي سگهيتو، چاڪاڻ تہ اهو ڌرم ئي آهي جنهنجي شرط سان منشيہ وري اڳتي ڪنهن بہ جنم ڪي لئو پائي، ارثات موڪش کي پائي سگهي ٿو.

آها! ڪهڙو نہ سٺو منشيہ جنم. جيڪڏهن اهو اڪيارٿوويو، تہ پوءِ رقم ئي ڇٽ. هاڻي مان توهانکي ڌرم جي انهن ڏهن اپائن جو سنکيپ ۾ ورنن ٿو ڪيان.

پنهنجي پنهنجي ورڻا شرم پٽاندر ڌرم ۾ استر رهڻ تنهنکيئي "ڌرتي" چئجي ٿو انهيءَ ڪري هرڪنهن منشيہ کي اهو سٺ آهي تہ پنهنجي پنهنجي ورڻا شرم جا ليہ سنڀالي. جي نہ، تہ اهو ڌرم جو اڌڪاري نہ آهي، يعني اُنکي منشيہ ڪنهن بہ صورت ۾ لئو ڇئي سگهجي. ٻيو آهي "ڪما" ڪنهن بہ جيو جي من، وچن يا ڪرم سان هنسا نہ ڪرڻي ۽ جيڪڏهين ڪو اسانجي هنسا ڪري وجهي تہ انکيہ پڻا پرڪيہ معافي ڏيڻي، انهيءَ کي "ڪميا" چئجي ٿو. ٽيون آهي "دم" سنساري ڪوتبن وشين ڏي ويندڙ من کي روڪڻ ۽ برهم ودِيا جي حاصل ڪرڻلاءِ جيڪي چار اُپاءَ (١. شروڻ. ٢. منن. ٣. ڪيرتن. ٤. ند ڌياسن) آهن، تنهن من کي پرورت ڪرڻ. انهيءَ کي "دم" چئجي ٿو. چوٿون آهي "استي" جنهن شيءِ تي پنهنجو حق نہ آهي، انهيءَ شيءِ تي پنهنجو حق مالڪ جي موڪل ڪانسواءِ سمجهي آهـــا شيءِ ڪڍڻ، يعني چوري ڪرڻ، ان کي "استي" چئجي ٿو.

پنجون آهي "شوچ" پنج گيان اندريون، يعني (١. ڪن ٢. چمڙي ٣. اکيون ٤. جيڀ ۽ ٥. نڪ) ۽ پنج ڪرم اندريون، يعني (١: وات: ٢: هٿ: ٣: پير ٤: لنگ: ٥: گدا) ۽ من، انهن کي پوتر رکڻ تنهنجو نالو آهي "شوچ". ڇهون آهي

باندر پنهنجن گهرن ڏي راهي ٿيا. فقط هنومان پڀو رامچندر جي آگيا سان سگريو کان موڪل وٺي ايوڌيا ۾ رهڻ لڳو.

پڀو رامچندر جن جي تخت تي ويهڻ کانپوءِ ٽيئي لوڪ سنتشٽ ٿي ويا. پڀوجن جي پرتاپ سان ڪٽلتا ۽ ويرڀاو سڀني منشن مان نڪري ويو. سڀيئي منشيه پنهنجي ورڻا شرم پٽاندر ويدن جي آگيا انوسار ڌرم ۾ پريت سان آچرڻ ڪرڻ لڳا.

١. اڌياتم، ٢. اڌديوڪ ۽ ٣. اڌ ڀوتڪ، اهي ٽنهي قسمن جون پيڙائون پڀوءَ جن جي راڄ مان نڪري ويون. ڌرم ٻه برابر پنهنجن چئن ئي پيرن، يعني تپ، گيان، يوگ ۽ دان جي سهاري پورڻ ريتيءَ سان هلڻ لڳو، سڀ استريون پرش پڀوءَ جن جي ڌيان ۽ ڀڳتيءَ ۾ مگن رهڻ لڳا. ٿوري عمر، ڪليش، دک، دردتا، اهي سڀ ڳالهيون نشٽ ٿي ويون. سڀيئي، نر ناريءَ، پاکنڊ رهت، ڌرم ۾ تتپر، چتر ۽ سندر گڻن يڪت ٿيڻ لڳا. پر اُپڪار، اُدارتا، اهي ڳالهيون پڀوءَ جن جي راڄ ۾ ساکيات روپ ڌاري رهڻ لڳيون. چور، ڪپٽي ڪوڙي، دغاباز وغيره جو نالو ئي ڪونه رهيو. نه رڳو ايترو، پر ڏنڊ يا سزا جي واسطي ڪنهن اڌڪاريءَ جو نالو به ڪونه رهيو. آپسوارٿ به ڪنهن قسم جو ڪونه رهيو، يعني ٻئي جي دک سک کي سڀڪو منشيه پنهنجو دک سک ڪري سمجهڻ لڳو. چؤطرف شانت ئي شانت لڳي ويئي. پر ڪرتي به پڀوءَ جن جي پرتاپ انڪول وچرڻ لڳي، يعني برابر وقت تي موسمن جي گردش وغيره پوريءَ ريت ٿيڻ لڳي. سڀ ورکش وغيره سٺا ۽ عمدا ڦل، پشپ وغيره ڏيڻ لڳا. گايون ۽ مينهون وغيره ميلائتو ۽ تمام سٺو کير ڏيڻ لڳيون."

ر وغيره اوهانجي وات نهاريندا هوندا. توهانکي انهن کان جدا
ي کهڙو وقت ٿيو آهي. مان توهانکي دل سان چوان ٿو ته
نکي توهان پڪيءَ ڪالسواءِ پيارو ڪوبه ڪونهي. موکي
رو وياڪ سمجهي سڀ پنهنجي پنهنجي گهر وڃو. جتي جتي
دين منهنجو ڌيان ڪندا، اتي اتي مان اچي توهان کي
شن ڏيندس باقي هون ته منهنجو ذڪري ڪري پر ماڳوءِ ۽
س آهي."

جنهن مهل ڀرپوءِ جن جي مک مان اها ڳالهه ٻڌائون تنهن
ل چڙهه ته مٿان ڪا ٻجلي ڪري پيئن. پر ڇا ڪن لاچار
پوءِ جن جي آگيا مٿي تي رکڻي پيئن. انڪري ته ويچارو
وئي پيو ۽ هٿ جوڙي کين چوڻ لڳو ته "هي ناٿ! جنهن
ل منهنجو پتا پالي ديولوڪ ڏي پڌاريو، تنهن مهل هو توهانکي
هنجي پاهن سونپي ويو هو. پوءِ ڪيئن ٿا اوهين موکي
لکان جدا ڪرڻ پاليو؟" ائين چوندي پڪوان جي پيرن تي
ڪري پيو.

پرپوءِ جن انڪري جو پريم ڏسي کيس ڀاڪر پائي چوڻ لڳا
"بابا! توکي اسانجي آگيا مڃڻ گهرجي. اسين اوداسان
ري ۽ پرتگيا ڏا ڪريون ته جنهن وقت جوڙي روپ ۾ توهين
انجو ڌيان ڪندا، انهي ئي وقت اچي ئي روپ ۾ اسين
دانکي پنهنجو ڏرشن ڏينداسون." نيٺ کهڙي مٿا ڪٽ ڪالپوءِ
وار ٿي پرپوءِ جن جو چوڻ قبول ڪيائون. پرپوجن يڪدم
ڪشمڻ کي آگيا ڪئي ته "انهن واسطي وستر وغيره ڪڍي اچ."
سار وستر آندا ويا، ۽ سيئي بالدرن کي پتايوکيه ڪرايا
اجهه وقت ڪالپوءِ نيٺ وڃڻ جو داغ سهندا سڀ

شو جي چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! اهڙيءَ طرح سـان
مهنا آنند ۾ گذري ويا. (باندرن جي ايڪي شايد ڇهه پل گذريا ه
هي ستي! هيءُ پاپ موچني' رامچندر جي ڪيتا ڪير ٿو سمو
ورڻن ڪري سگهي؟ جيڪو انجو هڪواريءَ سچي پريم سا
يان ڪري ٿو، انجا جنمن جا پاپ نشٽ ٿي وڃن ٿا."

هڪري ڏيڻ پريو رامچندر انهن سڀني باندرن کي ڀاڪوت
ڪهرايو، ۽ سچي پريم سان کين چوڻ لڳا ته "هي مترو! مان
توهانجي جيتري واکاڻ ڪريان، اوتري ٿوري آهي، ڇو تـه
توهان منهنجي واسطي راڄ ڀاڳ، استريون ۽ پتر ۽ وئيڀو سکه
سب ڇڏيا، ۽ سربه تريءَ تي رکي هڪواري موتا. توهين پاڻ
۾ قربان ڪرڻ لڳا." ايترا وچن پرڀن جا ٻڌي سگريو چوڻ
لڳو ته "هي ڪرپالو! جنهن آنند واسطي وڏا وڏا رشي، مني،
مهاتمائون ۽ راجائون پنهنجا راڄ، ڀاڳ ڇڏي جنگل ۾ وڃي هزارين
ورهه تپسيائون ڪن ٿا، اڄ سوئي آنند اسان کي جيڪڏهن
مفت بنا پريشرم ملي، ته پوءِ اسين ڪئين نه وٺون؟ اسان
توهانجي ڪا ڪهڙي سيوا ڪانه ڪئي آهي، نڪو جپ، نڪو
پ، نڪو نيم، نه ڪو ورت ۽ نڪو دان ئي ڪيو اٿئون.
ڻن هوندي ۾ توهان ڪرپا ڪري اسان پسن کي پنهنجن
ڻن جي شيوا ۾ رکيو. هيئنر به اسان تي ايتري ڪرپا
ندا جو اسانکي پنهنجن چرڻن ۾ هميشه رهڻ جي آگيا ڪندا."
پرڀوجن اها ڳالهه ٻڌي انگد کي ڏاڍي پريم سان ڀاڪر پائي
لڳا ته "هي پيارا! توهانکي شاباس آهي. متر ته پڻي
ن جهڙا سڄڻ، جي نه، ته مترائيءَ جو دم نه هڻن. اوهين
سب پنهنجي پنهنجي گهر وڃو. اوهانجون استريون،



ساڪاڻ نه ته شايد ڪهڙو ڪري ڪل هوندا. پوءِ ڀڳوان ڏهن
سان ڀرت ۽ شتروگهن کي سڏ ڪرايائون. تنهن کانپوءِ وشسٽ
مهاراج کان آڪيا وٺي ڀاڳ ۾ ڀڳوان جٽائون کوليائون. سڀ
آدي ڪيائون ۽ راڻين وستر ۽ آڀوشڻ پهريا. ڪهڙي نه من
موهيندڙ ڏسي ٻڌو جن جي هئي.

جڏهن محل ۾ رامچندر ٻنواسي ڪپڙا لاهي راجائي وستر
پهريا تنهن محل جي سندرتا ڪروڙن ڪامديون کي به مات
ڪندڙ هئي. ماتا سيتا به سندر وستر ۽ آڀوشڻ پهري اچي
ڪيڏي نه ٺهي. پوءِ وشسٽ مهاراج جي آڪيا سان سنگهاسڻ
گهرايو ويو، ۽ تنهن سو راج تلڪ ڪري پرڀوءَ جن کي سنگهاسڻ
تي ويهاريائون. سوريه جهڙن پرڪاش ڪندڙ تخت تي براجمان
پرڀو رامچندر ۽ ماتا سيتا ڀرت، شتروگهن ۽ لڪشمڻ هٿين پاسن
[illegible] ڪٿي ايٺل، براهمڻ ويد منترن جي اچارڻ ۾ رڌل ۽ ڪهڙي
[illegible] سان پرڀو، هوڪتهن جو مک ڪمل وانگي [illegible]
[illegible] آنند منگل ڇاڻو. انهي سوري درشيه [illegible]
[illegible] حالي نه سگهيا. برهما، وشڻو، شو آدي سڀ
[illegible] جي الوہم شوڀا لوڪڻ لڳا ۽ اچي هن آنسو
[illegible]

[illegible] لڳو ته اي گرو! پدا ته ڪير نه
[illegible] جي ڏج کي ڀڳوان اکين جو سرمون
[illegible] ايل، هنومان، انگد ۽ جامبوات
[illegible] هئي. انهي اپو روپڪتي تي
[illegible] ۽ [illegible] ساڳو جون اچون اڳڻ

اشارو - واچڪ ڪرپا ڪري مونکي معاف ڪندا، ڇاڪاڻ
ته پرڀوءَ رامچندرجن جي پٽابوگيه آدر ستڪار سمت سيتي سان
ملڻ ۽ خصوصا ڀرت جي ميلاپ جي درشيه جو ورڻن مون کان
هرگز ٿي نٿو سگهي. مطلب ته پريم ۽ شرنگار رس ساڪيات
اوتار ڌاري آيا هوا جڻن ته - ڀنو پرٿوي جي ڪجي - سمنڊ
ڪجي مس ته به پورو ٿي نه رس - انهي ڀرت ميلاپ جو.

آها! ماتائن ڪوشليا، ڪيڪيءَ ۽ سمترا آدين جي ورڪه
جو ڏيکارو ڪيڏو نه عجيب هوندو! ڀرت ۽ شتروگهن جو ڪيڏو
نه وچتر هوندو! جڏهن مهل پرڀوءَ جن سيتا، لڪشمڻ وغيره سميت
اجهي ايوڌيا ڏي پهتا، تنهن مهل گويا سڀ رستا ڦٽن سان
ڍڪجي ويا. ننگر جون سڀ استريون انهن پرڀوءَ جن جي
درشن ڪرڻ لاءِ اتر ٿي ڪٺيون الوا درين ۽ ڇتين چڙهجي بيٺيون
هوٽر ڪرڻ لڳيون. طرح طرح جا منگليڪ اُتسو ٿيڻ ۽ براهمڻ
سام ويد جا منتر اُچارڻ لڳا. استريون مٺي مٺي آواز سان
ڀڄڻ ڳائڻ ۽ وڌائي جون موهيندڙ گيت ڳائڻ لڳيون. پوءِ
منڊليون ڪري پرڀوءَ جن جي اڳيان ناچ ڳائڻ لڳا.
آها! ڪيڏو نه اپورو پريم. ڌلهه آيو اوهين ايوڌيا واسيو!
جيڪڏهن اوهانجي اهڙو رڻ ساگر جهڙو ڏکڙو ڦٽو ڪٿي
هوڪت ڀارت واسين کي ميسر ٿئي، ته هوند هيترو ڏکر نه
ڏسڻو پوي.

ڪجهه وقت ڪاپوءِ پرڀوءَ جن آنند سان اچي پنهنجي
محل ۾ پهتا. پهچندي شرط يڪدم پنهنجي هٿن سان ڀرت
جون جٽائون کوليون ۽ سيوڪن کي آگيا ڪيائون ته هنجي
سڪي، ڀٽي سگهيو، آڌپ ڏاڙهي کي سنان وغيره ڪرائڻ،

ڪڍ ڇڏي ويو، رومالچه ڪڍي ڇڏي ويس ۽ واڪي اشڪت ڇڏي ويس
۽ ڀڪتيءَ ۽ ادو مکڻ ڇڏي ويو، جو "سياور رامچندر جي جيءَ"
ائين چوندو ڀرت کي آنند وچون آلڪن ڪندو ڇنڊيءَ پيو، آها
ڀرت جي ڪهڙي دشا! مطلب ته هو ڪريءَ اپليءَ سمان ڪٿي
بيٺو. هرش ۽ آترتا، اهي ڳالهيون سندس هرديه ۾ کهسان مچائڻ
لڳيون. ڪجھ وقت ته هو ڀي ڪجھي ڏاڍهن آشچريه ۾ ڦسندائي
رهيا. نيٺ هنومان چوڻ لڳو ته "مهاراج! جنهن جي ڏيان ۾
اوهين رات ڏينهن مکن رهو ٿا، اچ اهوئي پڀو رامچندر لڪشمڻ
سميت دشمن جو ناس ڪندڙ اچي لڪر جي ٻاهر پهتو آهي."

ڪاڪيشند چوڻ لڳو ته "هي ڪوڙ! هنکان مٺي وري ٻي
ڪهڙي خوشي ڀرت لاءِ هوندي؟ جنهن ڀرت جو بدن ڏکي رهيو
آهي مڪه مان آوازئي نڪو نڪريس، ۽ ابو رو ڀڪتيءَ جي ڇتا جنهنجي
منهن تي پنهنجو ديرو ڄمائي رهي آهي"

نيٺ ڀرت پنهنجي دل جئن تئن جهلي هنومان کان مهاراجن
جو حال احوال پڇڻ لڳو هنومان سارو ورتانت ڀرت کي ڪري
ٻڌايو. تنهنکانپوءِ ڀرت ۽ هنومان ٻئي گڏجي وسشٽ مهاراج وٽ
ويا ۽ وڃي کيس اهو شڀ سماچار ٻڌايائون. رفته رفته اها اچڻ
جي خوشخبري پهرياءِ محلات ۾ ۽ پوءِ ساريءَ ايوڌيا پريءَ ۾ پهچي
ويئي ته پرڀوءِ جن سيتا ۽ لڪشمڻ سميت ايوڌيا ڏاهن اچن پيا.
گهر گهر منگل چانشجي رهيو. طرحين طرحين جا آتسو تيڻ لڳا.
رستا صاف ڪئي ويا. شاهي سڙڪن تي روشنائي لڳي ويئون.
سهڻا منڊپ هنڌ هنڌ لڳي ويا. ٻاهتيون ۽ پتاڪائون خوب لڳي
ويئون. راج دربار چڱيءَ طرح سان سينگارجي ويئي. مطلب ته
انوقت جي ايوڌيا جي شوڀا سور ڪر ڪار، ڪي ڪروڙين درجا اتر هئي.

هي پاروتي! هن وقت ڀرت جي شڪل مون پاڻ به وڃي ڏٺي هئي. بس! هو ساڪيات ڀڳتيءَ جو اوتار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مان انکي ڏسي اهڙو ته آنند ۾ ٻُڏجي ويس، جو مون برابر ٻارهن ورهين ورهيه انهيءَ آنند ۾ سماڌي لڳائي هئي. ڀرت ويچارو ڀاڳڪي ڦٽڪاري رهيو آهي، ته ڇا ڪڏهن مون جهڙي ڪتل کي به پرڀوءَ جن درشن ڏيندا؟ پر نه ڙي نه! رگهوناٿ جن ديالو آهن، ضرور ديا ڪندا. اهڙيءَ طرح سان انيڪ پرڪارن جا ورلاپ ڪندو يوگ اگنيءَ ۾ پنهنجي جليل من کي ٺارڻ لڳو. واه! واه! شوڪ روپي ايوڌيا واري ندي هيئر سکه ساگر ٿي پيئي. ازغيبي شنکن ۽ گهڙيالن جا آواز ٿيڻ لڳا. سڀ شڀ شڀ سڳڻ ٿيڻ لڳا. سڀني ايوڌيا واسين جي من ۾ هڪ اور قسم جي خوشي ٿيڻ لڳي. سڀ اهڙا اُتاولا ڏسڻ ۾ پئي آيا جو چڻ ته اڄهي ئي پرڀوءَ جن اچن. سچ پڇو ته ليکو به اهڙوئي هو. هنوقت ايوڌيا واسين کي پنهنجي شرير جي به پوري سڌ ڪانه هئي. ڪي ڪي ته "شريرامچندر آيو" "شريرامچندر آيو" ائين به پئي اُڪرڪڻ لڳا."

شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! ايوڌيا واسين جو پرڀوءَ جن ۾ اهڙو پريم ڏسي ڀلا ڪير نه انهنکي ڌنيه چوندو؟ مطلب ته اهڙي پرڪار جي هرش جي اُتپتي ٿي جو سڀني کي اها پڪ ٿي ويئي ته پرڀوءَ جن اجهو آيا ڪي آيا."

هنومان دڪري براهمڻ جو روپ ڌاري اچي ڀرت جي اڳيان بيٺو. ڇا ڏسي ته آها! "رام" "رام" رام" اهڙي منتر ڏني انجي مکه مان نڪري رهي آهي، ۽ اکين مان پريم جا سچا موتي (لڙڪ) ڇڪي رهيا آهن. هنومان هنجي اهڙي ڀڳتي ڏسي پريم ۾ گد



شري رام جو پشپڪ وِمان منجهه ايوڌيا ۾ پڌارڻ

جڏهن ۽ سڀ جڻا ڇڙهي ويٺا، اُهو وقت آڪاش مارگ مان رٿن ڪندو ايوڌيا ڪوئي ڏاڍهن ڦلڻ لڳو. وات تي پرڀو رامچندر سيتا کي سڀ هنڌ ۽ جايون ڏيکاريندو ويو. ڪهڙن رشين جا استان ڪهڙا ليڪ اچي جڏهن ايوڌيا کي ويجهو پاهر پهتا تڏهن پرڀو ۽ جن هنومان کي آکيا ڪئي ته "هي پون ڪمار! تون براهمڻ جو روپ ڌاري وڃي پرت کي اسانجي اچڻ جو سڀ سماچار ٻڌاءِ."

شو جي چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! ديِن دَيالو پرڀو رامچندر جي مهما بلڪل اننت آهي. ڪنهنکي طاقت آهي، جو انهنجو سربستو ورنن ڪري سگهي؟ آءٌ ته رڳو ايترو چئي سگهان ٿو ته هي پويتر رام نام هن سنسار روپي ساگر جي ترڻ لاءِ ٻوڪا (ٻيڙي) روپ آهي."

* * *

اُتر ڪانڊ

شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! ايوڌيا ۾ چوڌاري شوڪ روپي ندي ڏاڍي ويڪ سان وهي رهي آهي؛ چاڪاڻ ته سڀني ايوڌيا واسين کي اها خبر آهي ته پرڀوجن جي بنواس وارا چوڏهن ورهه هاڻي اچي پورا ٿيا آهن، يعني باقي اڄوڪو ڏينهن اچي بچيو آهي. ڪنهن هوندي ته هاءِ! هاءِ! اڃا پرڀوجن جي اچڻ جو ليش ماتر به پتو ڪونهي.

تن ويچاري جو ته حال ئي نه پڇو اکين مان سندس وڃي وهي رهيا آهن. ويوگ اگني ۾ اُن پاڻکي ڪاري سگهيون آهي. جتائون سندس مٽي تي پڪ جي ويٺيون آهن.

ويڪنڊ هن مون من، وچن يا ڪرم سان پرڀوءَ جن کان سواءِ ڪنهن ٻئي پرش جو ڌيان ڪيو هجي، تہ تون مونکي جلدئي ڀسم ڪري ڇڏ." ائين چوندي پرڀوجن جو ڌيان ڪندي يڪدم ڪٽي اگنيءَ ۾ ٽپو ڏنائين. آها! سيتا ماتا جو ٽپو ڏيڻ، ۽ ۽ اگني جو يڪدم برف جهڙو سيتل ٿي وڃڻ. پوءِ ڇا ٿيو اگني ديوتا پاڻ هڪڙي براهمڻ جو روپ ڌاري سيتا ماتا کي وٺي ٻاهر آيو، ۽ پرڀوءَ جن کي چوڻ لڳو تہ "هي رگهوڪل ڀوشڻ! هيءَ سيتا نردوش ۽ ڪمل جي پتي وانگر نرمل ٿو. مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو تہ جيتوڻيڪ اوهين ساکيات ايشور آهيو تہ بہ لوڪ جي سنديهہ مٽائڻ واسطي هي ڪارڻ ڪيو اٿو."

هيءَ ڳالهہ چئي اگني ديوتا انترڌان ٿي ويو. آڪاش ۾ نغارا وڄڻ لڳا پشپن جي ورشا ٿيڻ لڳي. "جيءِ" "جيءِ" شبد چؤطرف ٿيڻ لڳو. چوڌاري خوشي ٿي ويئي. هاڻي مهاراج ويڀيشڻ کي چوڻ لڳا تہ "هي لنڪيشور! بنواس جا چوڏهن ورهيہ هينئر پورا ٿيڻ تي آهن تنهنڪري هاڻي مان پنهنجي ايوڌيا نگريءَ ڏانهن ويندس، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اُتي پوري وقت تي نہ ويندس تہ ڀرت ويچارو منهنجي ويوڳ ۾ پراڻ ڇڏي ڏيندو." اها ڳالهہ ٻڌي جيتوڻيڪ ويڀيشڻ ويچاري گهڻوئي کي پرڀوءَ جن کي لنڪا ۾ هلڻ ۽ ڪجهہ وقت اُتي وشرام ڪرڻ لاءِ چيو، پر پرڀوءَ جن چوڻ لڳا تہ "هي ويڀيشڻ! مان ڪيئن رهي نگر ۾ پرويش ڪريان؟ پتا جي آگيا آهي تہ چوڏهن ورهيہ بنواس ۾ رهڻو! اڃا مدو پورو ئي ڪين ٿيو آهي، پوءِ آءٌ ڪيئن نگر پرويش ڪريان." اهڙيءَ طرح ڪيترو سمجهائي پرڀوءَ جن ايوڌيا ڏي هلڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. پشپڪ ومان تيار ٿي ويو ۽

ڏئي، جنهن سچا موتي پيدا ڪري، منشن لاءِ رام نام روپي مالها تيار ڪري، ڪين هن ڀوساگر جي جنجال کان ڇڏائڻ جو اپاءُ ڪيو آهي. هي پاروتي! وڏ ڀاڳي آهن اهي منشيه، جي پريوءَ جن جو راتڏينهن سمرڻ ڪن ٿا.“

پريو رامچندرجن آڪيا ڏيڻ لڳا ته هي ”هنومان! تون وڃي سيتا کي وٺي اچ.“ جنهن مهل پون ڪمار وڃي ماتا سيتا کي اها خوشخبري ٻڌائي تنهن مهل جي ماتا سيتا جي آنند جو اپوُ سندس اندر کان سواءِ ٻيو ڪير ڪري سگهندو؟ هن اشڪت زبان کي طاقت نه آهي، جو انهيءَ جو رڳو ٿلهو ڪٿي ڪري سگهي. مطلب ته رٿ يڪدم تيار ٿيو، ماتا سيتا اُن رٿ ۾ ترجتا راڪشياڻيءَ کي ساڻ وٺي اچڻ لڳي. ۽ جنهن مهل اهو رٿ وڻ ڪيتر ۾ آيو، تنهن مهل رامچندر جن وڏي واڪي سان ته ”اي هنومان! سيتا کي چئُه ته پيرين پنڌ اچي.“

سيتا ماتا اها آڪيا ٻڌاڻي يڪدم پيرين پنڌ هلڻ لڳي. سڀ ٻاندر ”جيءِ“ ”جيءِ“ شبد پڪارڻ لڳا. آها ها! سيتا جي ليترن مان پريم روپي جل وهي رهيو آهي. هوءَ يڪدم پريو جن جي چرڻن تي ڪرڻ لڳي. پريوءَ جن يڪدم کيس منع ڪرڻ لڳا، ۽ انيءَ، چوڻ لڳا ته ”هي سيتا! تون راوڻ جي گهر ۾ ڪيترو ڪال رهي آهين، انهيءَ ڪري تون پهرياءِ پنهنجي پتورتا ڌرم جي پرکيا ڏيئي پوءِ موکي سپرش ڪر.“ اهـــا ڳالهه ٻڌي سيتا پهليءَ والڪر ٻهي رهي. ليڪ مهاراجن جي آڪيا پٽاندر هڪڙو وڏو اڳني ڪنڊ ڏاهيو ويو، ۽ ماتا سيتا کي اڳنيءَ ۾ پرويش ڪرڻ جي آڪيا ملي. ماتا سيتا مٿ جوڙي، چوطرف اڳنيءَ کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳي ته ”هي اڳني ديوتا!

ڪڏهن موان من، وچن، يا ڪرم سان پرڀوءَ جن کان سواءِ
ڪنهن بہ ٻئي پرش جو ڌيان ڪيو هجي، تہ توهان موٽڪي
دئي ڀسم ڪري ڇڏ.“ ائين چوندي پرڀوءَ جن جو ڌيان ڪنديءَ
يڪدم ڪٽي اڳنيءَ ۾ ٽپو ڏناءِ. آڌا! سيتا ماتا جو ٽپو ڏيڻ، ۽
۽ اڳنيءَ جو يڪدم برف جهڙو سيتل ٿي وڃڻ. پوءِ ڇا ٿيو
اڳن ديوتا پاڻ ڪري براهمڻ جو روپ ڌاري سيتا ماتا کي
وٺي ٻاهر آيو، ۽ پرڀوءَ جن کي چوڻ لڳو تہ ”هي رگهوڪل
پوتر! هيءَ سيتا نردوش ۽ ڪمل جي پتي وانگر نرمل ٿو.
مان چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو تہ جيتوڻيڪ اوهين ساکيات ايشور
آهيو تہ بہ لوڪ جي سنديہ مٽائڻ واسطي هي ڪارج ڪيو اٿو.“
هيءَ ڳالهہ چئي اڳني ديوتا انترڌان ٿي ويو. آڪاش ۾
نغارا وڄڻ لڳا. پشپن جي ورشا ٿيڻ لڳي. ”جيءَ“ ”جيءَ“
شبد چوطرف ٿيڻ لڳو. چوڌاري خوشي ٿي ويئي. ڄاڻي مبارا
وڀيشڻ کي چوڻ لڳا تہ ”هي لنڪيشورا بنواس جا چوڏهن ور
هينئر پورا ٿيڻ تي آهن تنهنڪري ڄلدي مان پهچجي ايوڌيا نگر
ڏانهن ويندس، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اُتي پوري وقت تي
ويندس تہ ڀرت ويچارو منهنجي ويوڳ ۾ پراڻ ڇڏي ڏيند
اِتا ڳالهہ ٻڌي جيتوڻيڪ وڀيشڻ ويچاري ڪهٽوني ڪي پ
جن کي لنڪا ۾ هلڻ ۽ ڪجهہ وقت اُتي وشرام ڪرا
چيو، پر پرڀوءَ جن چوڻ لڳا تہ ”هي وڀيشڻ! مان ڪهڙي
نگر ۾ پرويش ڪريان؟ پتا جي آڳيا آهي تہ چوڏهن
بنواس ۾ رهڻو! اڃا مدو پورو ٿي ڪين ٿيو آهي، پوءِ آ
نگر پرويش ڪريان.“ اهڙي طرح ڪيئي سمجهائي پرڀوءَ ج
ڪرڻ لڳا. پشپڪ وِمان تيار
هلڻ جي تياري
ڏ

ڏني، جنهن سچا موتي پيدا ڪري، منشن لاءِ رام نام روپي مالها ڏاهي تيار ڪري، ڪين جن پوساڳر جي جنجال ڪان ڇڏائڻ جو اپاءُ ڪيو آهي. هي پاروتي! وڌ ڏکيي آهن اهي منشيه، جي پربهءُ جن جو رات ڏينهن سمرڻ ڪن ٿا."

پربهو رامچندرجن آکيا ڏيڻ لڳا تہ هي "هنومان! توڻ وڃي سيتا کي وٺي اچ." جنهن مهل پون ڪمار وڃي ماتا سيتا کي اها خوشخبري ٻڌائي تنهن مهل جي ماتا سيتا جي آنند جو اپئُ سندس اندر ڪان سواءِ ٻيو ڪير ڪري سگهندو؟ هن اشڪت زبان کي طاقت نہ آهي، جو انهيءَ جو رکو پڙڪو ڪٿي ڪڍي سگهي. مطلب تہ رٿ يڪدم تيار ٿيو، ماتا سيتا اُن رٿ ۾ ترجٽا راڪشياڻيءَ کي ساڻ وٺي اچڻ لڳي. پر جنهن مهل اهو رٿ رڻ کيتر ۾ آيو، تنهن مهل رامچندر جن وقتي واڪي سان تہ "اي هنومان! سيتا کي پڌ تہ پيرين پند اچي."

سيتا ماتا اها آکيا ٻڌانديئي يڪدم پيرين پند هلڻ لڳي. سڀ ٻندر "جي" "جي" شبد پڪارڻ لڳا. آها ها! سيتا جي نيترن مان پريم روپي جل وهي رهيو آهي. هوءَ يڪدم پربهو جن جي چرڻن تي ڪرڻ لڳي. پربهءُ جن يڪدم ڪيس منع ڪرڻ لڳا، ۽ انيز چوڻ لڳا تہ "هي سيتا! توڻ راوڻ جي گهر ۾ گهڻو ڪال رهي آهين ۽ انهيءَ ڪري توڻ پنهنجي پتورتا ڏيکاري ڏيکي پوءِ مونکي سپرش ڪر." اهڙا ڪٺر ٻڌي سيتا ڇا چاهي وانگر ٻيهي رهي. ليڪ مهاراجن جي آکيا ٻڌندي، ڪيو وڌ ڪندي ڪنڊ ڏيو ويو، ۽ ماتا سيتا کي اگني ۾ پرويش ڪرڻ جي آکيا ملي. ماتا سيتا هٿ جوڙي، چوطرف اگنيءَ کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳي تہ "هي اگني ديوتا!

جي ڪري اڄ اهڙو اُتر ڏرجو پاڻي وڌو آهي، جو جيڪر ڪنهن
ديوتا کي به مان مشڪل ٿئي."

تنهن ڪانپوءِ شري رامچندر وڀيشڻ خواه ٻين سڀني سگريو،
انگد، جامبونت، نل، نيل، هنومان وغيرهن کي ڏاڍي پريم
سان چوڻ لڳو ته "هي شورويرو! توهان جيتري قدر مونلاءِ پرشرم
ورتو آهي، اوترين دار مان توهانجي واکاڻ ڪري نٿو سگهان. مان ته
سان تو هوان ته جيڪڏهن سنسار ۾ ڪو متر جا ڪرتويه يعني
دوستيءَ جا فرض ادا ڪرڻ چاهي ته هنکي ٻاندر سگريو جو مثال
پنهنجي وٺڻ گهرجي، جنهن ڪيئنور پنهنجا راڄ ڇڏي ڪر سک وغيره
ڇڏي به مونسان هنوقت سهائتا ڪئي آهي. نه رڳو ايترو پر هن
اسڪيه ٻاندري سينا به منهنجي مدد واسطي ڏني آهي، جنهن
ڪهڙا ڪهڙا نه شورويرپهلوان، انگد، جامبونت، نل، نيل،
هنومان آدي آهن. اڄ هنن ئي پر اُپڪاري پرشن جي سهائتا
سان مون دشت راوڻ جو ناس ڪيو. آها ها! سگريو آدي
سڀني ٻاندرن جي ڪهڙي دشا ٿي. سڀ ڌت ڌوڙي! [illegible]
سان اکين مان لڙڪ ڳاڙيندا، پنهنجي چرڻن تي پنهنجو
مستڪ رکڻ لڳا، ۽ گوڏن ويهي سان [illegible] هٿ جوڙي چوڻ لڳا ته
"هي وشوناٿ! اسان ۾ اهڙي ڪهڙي لائق آهي، جو اسين
انهيءَ ڪمل [illegible] جو [illegible] سگهون؟ هي [illegible]
سڀ توهانجي رحمت [illegible] شڪتي آهي، نه ته [illegible]
جو [illegible] ٻاندرن [illegible] جيڪر راڪشس مارڻ وڃون؟"

شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاربتي! انهيءَ [illegible]
ڪڏهن مان [illegible]! آها! ڪهڙو [illegible]
[illegible] (جوڳي) [illegible]

لڳا. اها ها! پرڀو جن جي اُن مهل ڪهڙي نه وڻندڙ ڇٻي هئي. ٻلهار وڃا!

شيام سندر ورڻ آهي جنهنجو، جٽائون سندس مٿي تي ٻڌل آهن، ترڪش ۾ سندس تير پيا آهن، ڏنش ٻاڻ سندس ٻانهن ۾ لٽڪيل آهي، رت جون ٻوندون سندس شرير تي آهن، ويرس سندس منهن ۾ ٽپڪي رهيو آهي؛ مند مند مشڪڻ سان ڄڻ گويا وشو کي موهي رهيو آهي.

رڻ کيتر جي ڪهڙي نه ڀيانڪ حالت هئي. رت جون نديون وهي رهيون آهن، جن ۾ جهنڊا ڏڍ مثل هاٿين جيان ۽ مڇ گويا خوفناڪ ڪڇن وانگر پيا آهن؛ ۽ پر چڙهيا پراڪرمي راڪشس مالڪرمڇن جيان اُنهن جي وچ ۾ تري رهيا آهن. ڀوت، پريت، پشاچ، ڪتا، ڳجهون، ڪانءُ؛ سوين شڪاري پکي پنهنجي اُدر پورنا ڪري رهيا آهن. مطلب ته درشيه اهڙو ته ڀيانڪ آهي، جو اُنجي لکڻ سان ني ٻڌ وڃي وڃي. ڪجهه وقت کانپوءِ رامچندر لڪشمڻ کي سڏي چيو ته "هي لڪشمڻ! تون انهن سڀني سڳريو آدي ٻانڊرن سان گڏجي وڀيشڻ کي راڄ تلڪ ڏيئي اچ." آڳيا ٻڌندي لڪشمڻ سڀ ساري ٻانڊري سينا مان مکيه مکيه ٻانڊر پاڻ سان ڪري تيار ٿيا، ۽ لنڪا ۾ پهچي اُتي وڀيشڻ کي راڄ تلڪ ڏنائون. راڄ گدي تي وهي وڀيشڻ مهاراج پنهنجن منترين سان گڏجي ڏاڍي پريم سان خوش ٿيون آهي دکھ دور ڪي پيرين پيو. رامچندر کيس اُٿاري ڪٺي ڀاڪي سان لاتو.

شنڪر ڀڳوان لکيو ته "هي پاروتي! وڀيشڻ جهڙا ڪهڙا نه ڀاڳ ڀريا جنهن، جو پاڻ جيتوڻيڪ راڪشس آهي، ته به پڪي

چئي ماتا سيتا ورلاپ ڪرڻ لڳي ۽ اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي
ترجمنا - هي ماتا سيتا! ڇا ڪڏهن سچدانند پرماتما ڪ
ه ڪو دک ٿيندو آهي؟ هو دک تي رهت، سک مير پرڪاش
بير، جوتي سروپ پرماتما، ڇا ڪڏهن دک ڀوڳي سگهي ٿو
ڪڏهن نه! پوءِ تون ڇو ٿي اجائي چنتا ڪرين؟
هو ڏاڍهن راوڻ جو ڏٺو نه منهنجا سر وري به نوان ٿيو پون،
سو ڏاڍو ايمان ۾ ٻرجي پنهنجي مايا وري به پکيڙڻ لڳو. اسنکيه
ڀوت ۽ پريت، پشاچ ڀوگنيون ۽ يکش اچي پرڳٽ ٿيا. ڪن
جي هٿن ۾ گدا، ته ڪن جي هٿن ۾ ترشول وغيره مطلب،
نه مها ڀينڪر شبد ڪندا باندرن کي پيڙا ڏيڻ لڳا. اها ليلا
ڏسي وماڻن ۾ ويٺل ديوتائون ڏاڍا وياڪل ٿيڻ لڳا ۽ ديت
باندر وغيره هاهاڪار شبد ڪري پڪارڻ لڳا. اهڙو بکيڙو مچي
ويو، جو ڪائنس ماتا سيتا جو ڌيان هردي مان ڇڏائي ويو.
پرماتما به وجهه ڏسي اهڙو ڏکڙو تير هردي ۾ وڌايس، جو هردي
شونير تي پرٿوي تي ڪري پيو. هناجي ڪرڻ جو اهڙو نه ڏڪاءُ
پيو، جو پرٿوي ۽ آڪاش وغيره سڀ ڏڪي ويا. پوءِ پربو
مچندرجن تير هٽي سندس ڏهئي سر ڪپي وڌا ۽ ويهه ٻانهون
ڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيون، جي وڃي مندودري جي اڳيان
ون. راوڻ جي وڃيل مايا سڀ گم ٿي ويئي. چؤطرف
واري شانت ٿي ويئي. راوڻ کي پرٿوي تي مئل ڏسي
ديوتائون خوشي سان نغارا، شنک، واڄٽر وغيره وڄائڻ لڳا
در آدي سڀ آنند ۾ گد گد ٿيڻ لڳا. برهمانڊ مان "شري
ندر جي جيءِ" اهڙو آواز نڪتو. آڪاش مان پشپن جي
تيڻ لڳي. ديوتائون رشي، مني وغيره استتي ڪرڻ

ٿي. مون ٻيري ٻه جڏهن ترجٽا ماتا سيتا کي وڃي ٻڌايو ته هو دشت راوڻ ڪنهن به طرح سان نٿو مري، تڏهن ماتا سيتا اها خبر ٻڌي ڏاڍي افسوس سان چوڻ لڳي ته ”هي ناٿ! توهان کي مون اڀاڳڻ لاءِ ڏاڍو ڪشٽ سهڻو ٿو پوي. ترجٽا! راوڻ تڏهن ڀلا ڪئن ڪي ٿيندو؟“

ترجٽا هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته ”هي ماتا! راوڻ کي جڏهن هردي ۾ ٻاڻ لڳندو، تڏهن هو دشت مرندو.“

سيتا- پر تڏهن پرڀوءَ جن ڪيس ڇو نه ٿا هردي ۾ ٻاڻ هڻن؟

ترجٽا- ماتا! توهان ته ڏاڍي ڪا ڀوري ٿي ڏسجين! ڀلا ٻڌاءِ ته راوڻ کي پرڀوءَ جن هردي ۾ تير ڪيئن هڻن؟ ڇو ته جنهن مورت ۾ راوڻ کي رات ڏينهن هردي ۾ تنهنجو ڌيان آهي ۽ تو کي رامچندر جو، يعني جنهن مورت ۾ تون رامچندر جو ڌيان ڪري رهي آهين ۽ راوڻ تنهنجي شرير ۾ نواس ڪري رهيو آهي، ۽ تنهنجي سمرڻ ڪري اهو وري راوڻ جي هردي ۾ نواس ڪري رهيو آهي. انهي ڪري جيڪڏهن راوڻ کي پرڀوءَ جن تير هڻندا، ته ساري وشو ۾ ٻرائي ٿي ويندي. تنهنڪري هي ستي! جيستائين تون هن دشت جي هردي ۾ آهين، تيستائين پرڀوءَ جن ڪيس ڪڏهن ڪين ماريندا. هان! تنهنجو ڌيان سولهيس، ته پوءِ سمجهجانءِ ته سڪو مردو مساڻ ۾.

سيتا- واهه، واهه، ناٿ! هت ۾ مان توهان کي آڏو آيس. منهنجي ڪري اڄ اهو دشت نٿو مري. هي وڌاتا! مون کي خبر ڪانه ٿي پوي ته منهنجو موسان ڪهڙو پوري جنم جو وير آهي، جو هيئنڊر ساري ٿي وليم. هيترو ڏک، ڪليش ۽ وڀوڳ سهارڻو اٿم، تڏهن ٻه اڃا ڏئي ڪوڙ ٿيو الٽي. انهن

۽ ڪٽي ڪرو شڪتي ٻاڻ جو ڏيائون، جو اُنهي ڇڏڻ سان راو
جي اها ساري رچيل مايا ڪري ڪن ۽ گر ٿي ويٺي. سيني
باندرن کي للڪاري چوڻ لڳا ته "هي باندرو! هاڻي توهين
ٿڪا هوندا. ٿورو آرام ڪريو، هاڻي اسانجو وارو آهي." ائين
چوندو ڌنش کي ٽنڪار جو آواز ڪرائيندو پيو رامچندر راوڻ
ڏاڍين جو ڏيو. جنهن مهل راوڻ شري رامچندر کي ڏٺو، تنهن مهل
ڪروڌ ۾ ڀرجي ڏاڍنس ڏوڙي ڪيس چوڻ لڳو ته "اڙي سنياسي!
ياد رکجو ته مان ڪو کر، دوشڻ، ميگهناد، ۽ ڪنڀ ڪرڻ يا
نارانتڪ وغيره نه آهيان، جو مونکي جهرڪي سمجهي هڪ ڪن
۽ ماري ڇڏيندين. مونسان ته توکي برابر حساب چڪائڻو آهي.
توکان مان انهن سڀني جو وير ساري سنڀالي چڱيءَ طرح وٺندس."
ائين چوندي ويهن ٻاڻن سان اتا ته ڪشي ڪٽي تير هنيائين،
جو پڙهو جن سچا تيرن سان ڍڪجي ويا. گويا سورج نارائڻ
ٻادلن ۾ اڪي ويو. پڙهو جن به پنهنجن ٻاڻن سان هنن ٻاڻن
جو ناس ڪندي، ظاهر ٿي، راوڻ کي ڪيئن هزار ٻاڻ هڻڻ
لڳا، جن ٻاڻن راوڻ جون سسين، پٺيان سسيون ڇيت ڪيون.
جئن جئن راوڻ جون سسيون اڀنديون وينديون، تئن اهي
ا سسيون انداز ۾ وڏي اسنکيه ٿي آسمان ۾ وڇڙڻ لڳيون
"شري رامچندر جي جئه" اهو هل شنکام مچائڻ لڳيون. ۽
ٿي سسيون، پر راوڻ جو هيو جيڪو انگ ٿي ڪپيو، سو
ب وري نئون ٿي ٿي پيو. اهڙيءَ طرح سان اسنکيه سسيون،
ن ٽنگون وغيره عنوا آڪاش ۾ اڏامڻ لڳا. ماتا سيتا
ڪري ترجٽا ناليءَ راڪشڻ داسي رهندي هئي، جا هر روز
لڙائيءَ جو حال ٿيندو هو، سو وڃي ماتا سيتا کي ٻڌائيندي



شري رامچندر ۽ راوڻ جي لڙائي

چڙهيو پاڻ ته ڄڻ ڪڙان رسي آيا هوا. اولداهي خوب ڏهڪائي سان پنهنجو راڄ ڪرڻ لڳي. طوفان کي ڄڻ ڪويا انهيءَ بادشاهت ۽ وزيريءَ جو خطاب مليو هو. هوا جي ڪري مٽي اُڏري ٿي اڏاڻي جو جهڙڪ آڪاش جي جاءِ تي ڌرتيءَ تي اچڻ ڀانيو. من کي موهيندڙ ڀڙيون ڏرشيه جڻ ته لنڪا ڪان اصلي موڪلائي ويو. اندڪار روپي لثون مهمان لنڪا ۾ رهڻ لڳو، پرڪرتي ۾ عجب طرح جي چالاڪ آهي. سندس عياريءَ جو اج سوڏو ڪنهن ۾ پيو ڪوڙ پاتو آهي. ڏشالن راوڻ ڪيهر شيهن والکر ڪجهندو رت ۾ ڇڙهي، اسڪيه راڪشسي سنا ولي، پوئين فيصلي جو منتظر ٿيندو اچي رن کيتر ۾ پهتو. شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! راوڻ کو جهڙو تهڙو پلي ڪوڙ هو. سارو ڪئلاس پربت هن هٿ تي کڻي موڪي ڏيکاريو هو. جيتوڻيڪ پريوءِ جن جي اکيان هي راوڻ تيه ڇا، پر هن جهڙا اسڪيه راوڻ به هڪ ترڻ (ڪکر) برابر آهن. پرنتو جنهن صورت ۾ پريو رامچندرجن جنوقت منشيه جي چولي ۾ هوا، تنهن صورت ۾ منکي ضرور منشيه ني جهڙي ليلا ڪرڻي پيئي."

راڻ ايندي شرط اهڙي ته کڻي مايا پکيڙي، جو آسمان مان لالکر، پٿر ۽ ٻاهه جا اَلا ڪرڻ لڳا. جان ٻاندرن جي سنا راڪشسن جي سنا ڏانهن کڻي نهاري، ته مارا هزارين هنومان، لڪشمڻ، انگد، جامبونت راوڻ جي پاسي آهن! ويچارا ٻاندر اهو حال ڏسي پڇڻ لڳا. پر پڇن ڪيڏانهن؟ جيڏانهن پڇن، تيڏانهن اکيي ني اکيي. بس! پوءِ ته ويچارا ٻاندر "ها رام" "ها رام" ڪري پڪارڻ لڳا. برابر هڪڙو سخت لڙائي هلي. نيٺ جڏهن پريوجن ٻاندرن کي ڏاڍو وياڪل ڏٺو، تڏهن اهڙو

ڪهڙو نہ سهامڻو وقت! پرڀات جي مهل آهي. آسمان ۾ پکين جو آواز ڪهڙي نہ فرحت ڏيئي رهيو آهي. منڊ منڊ سڳنڌت پوڻ لنڪا کان پوئين رام رام ڪري پرڀوءَ جن جي چرڻن ۾ مٿو ٽيڪي رهيو آهي. سوريہ نارائڻ بہ هيئنر نڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. صبح جي ڳاڙهاڻ بادلن جي رنگا رنگي قطار، اهي من کي اهڙو موهيندڙ ڏيون، جو گويا پرڪرتي سڄي پچھ سورڌن ٿي سينگار ڪري پنهنجي سونهن سنسار کي ڏيکاري رهي آهي. آسمان جو راجا سوريہ بہ هاڻي گهر کان ٻاهر نڪتو. نغارن ۽ واڄٽرن جا آواز باندري سينا ۾ ٿيڻ لڳا. ساري باندري سينا تيار ٿي ويئي. سڀ سينا پنهنجي لشڪر ۾ کي پرڀوءَ ڏيئي رهيا آهن تہ اڄ اوهانجي بہادري جو پوري امتحان آهي. ڏسجي تہ ڪير ٿا پاس ٿيون. چوطرف "شري رامچندر جي جيءِ" اهو آواز ٿي رهيو آهي. هي پاروتي! اهو آواز ڪهڙو نہ مٺو ۽ سريلو من کي موهيندڙ آهي. باندرن جي مکر مان گڏجي هڪڙو ٿي ٿي نڪتو! انهيءَ مڌر آواز کي ٻڌي ديوتائون پنهنجا استان ترتڪڙ ۾ ڇڏيندا ويمانن ۾ چڙهي اچي انهيءَ ميدان جي شوڀا ڪرڻ لڳا. ڪهڙو نہ انوپم درشيہ جو سارو آڪاش ويمانن سان ڀرجي ويو. گنڌروائن ڪرڻ لڳا. ويادر استتي ڪرڻ لڳا. ڪواريءَ انترڪش مان بہ اهو آواز ڏاڍي زور سان هڪ منزل تي ديوتائن جي مکر مان نڪتو تہ "شري رامچندر جي جيءِ." پشپن جي ورشا ٿيڻ لڳي ۽ طرحين طرحين جا واڄا وڄنديون آڪاش ۾ وڄڻ لڳيون، ۽ مڌر مڌر شنکن جا آواز ٿيڻ لڳا.

ورک اچي اوچتو وکهن پيو. سوريہ آسمان ۾ مٿين اڪائي،

پيدا ڪري ڇڙيو سڄي سرشٽيءَ کي مات ڪندڙ هو، تنهن بہ ڏٺا
اندر منجهہ اهڙو ڪاڏو پيو هو، جو جيڪر ڪنهن ٻئي ڏٺي
ماڻهوءَ جو بہ نہ ڪاهي. هي پاروتي! اهو مان لڇمڻ سان ڇوالٺو
تہ جو جيو اوپچار جي ڏاڍ ۾ قائل آهي، سو ڪٿي ڪهڙو بہ
شڪيمان ٿئي، تہ بہ انجا راوڻ جهڙا حال ٿين ٿا."

راوڻ جو سارو بدن خوف ۾ ڪروڙ وڇون ڏنگي رهيو
آهي، وات مان نڪتل ڪڇيءَ جبان ڪويا ڪو سمندر وهي رهيو
آهي، اکيون سندس ٻارڙيون جهڙيون ساڪيات اگني روپ
ٿي ويون آهن، واڪي سندس ڪهڪهي ٿي ويئي آهي. راوڻ
جا ڏهہ ڏسي تہ سندس اکيان ڪڙو منشيہ اکاڙي تلوار ڪيو
بيٺو آهي. وري جڏهن اهو منشيہ ڪم ٿي ويو، تڏهن ڇانو
ڏسي تہ سندس ڏٺي سڀئي ڀت ۾ پيئي آهن. ڪڏهن ۾
ڏسي تہ سڄو سونو ٿي پيو آهيان. يا تہ ڪاڪهہ ۾ باہ اچي
لڳي آهي. جيڏانهن وڃي تيڏانهن هنکي اهوئي درشن پيو
ڏسڻ اچي تہ شري رامچندر مهاڪرال سروپ ڌاري هٿ ۾
ڌنش کنيو منهنجي چوطرف بيٺو آهي؛ چاڪاڻ تہ مٿي هيٺ،
اکيان پٺيان ڀرسي پاسي ڪان هنکي ڪال سروپ ۾ رام ئي رام
ڌنش هٿ کنيل نظر اچڻ لڳو. ڪڏهن نہ هنوقت راوڻ جي
شوچنيہ دشا ٿي. هو هرين والکر ٿي اٿڪن ۾ ٻڪون ڪرڻ
لڳو. ڪڏهن ڏوڙي پيو، تہ ڪڏهن ٻٽ ۾ سمهيو رهي تہ وري
ڪڏهن رڙيون پيو ڪري. مطلب تہ راوڻ جي هنوقت وچتر
دشا ٿي ويئي. اها دشا ڏسي راوڻ جا سڀ منتري، سينا
وغيره ڏاڍي چنتا ۾ پوڻ لڳا ۽ راوڻ کي پنهنجي من
جو ٻوت ڪائيندو بي ويو.

۾ ٻاڻ ڪي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيائون. دشت راوڻ کي جڏ
مهل خبر پيئي ته نارانتڪ به ماريو ويو، ان مهل رڙ ڪر
بيهوش ٿي پرٿويءَ تي ڪري پيو. ڪيترائي منتري وغير
ڪيس سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا؛ پر ڪجهه
ڪين وريو. گويا هو سچ پچ هي اسار سنسار ڇڏي وڃي
پرلوڪ پڌاريو هو. راڪشسن ۾ هاهاڪار مچي ويو. هان!
هي ڇا ٿيو؟ دشت راوڻ وري به سجاڳ ٿي پيو. اٿي راڪشسن
جي من ۾ آنند اُپڄيو، ۽ ديوتائون وري به مايوس ٿيڻ لڳا.
راوڻ جي شڪل هنوقت اهڙي ته ڀينڪر هئي، جو اُنجو ورنن
هيءَ اشڪت واڻي هرگز ڪري نٿي سگهي. هي اُهوئي راوڻ
آهي؛ جنهنجي هلڻ سان پرٿوي ڏڪ ڏڪ ڪري پيئي ڏڪندي
هئي، ڏهن ڏشائن ۾ ڳڙ ٻڙ پيدا ٿي ويندي هئي، اِندر پنهنجو
آسڻ ڇڏي گرو ورهسپتيءَ جي شرڻ ۾ رکيا لاءِ ڀڄندو هو، ۽
سڀ ديوتائون ڪنهن زبردست آفت اچڻ جو امڪان سمجهندا
هوا، اُهو ساڳيو راوڻ اڄ ڪروڌ ۾ اهڙو ته ڀريل آهي، جو ڄڻ
ته پرليه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي. جنهن مهل راوڻ ڏند
ڏندن تي رکي ڪرٽڻ لڳو، تنهن مهل ڄڻ ته پروت ٿي ٽڪر
ليا. اهڙو ته خوفناڪ درشيه اُن مهل راوڻ جي ڪچهريءَ ۾
، جو اُنجي رڳي خيال ڪرڻ سان ئي ڪال ڀڳوان به
ڪاريءَ وارو ٿي ويو.

شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! راوڻ کي بيشڪ ايترو
هو. پرنتو هي ستي! وڌاتا جا عجب ليکا آهن! جيڪڏهن
استري گهمن جو منجهس اوگڻ نه هجي ها، ته راوڻ ڪنهنجي
جوئي ڪين هو. جيتوڻيڪ الهيءَ راوڻ جو ادو ڀاڳيو ا،

خوب خوشيءَ سان گڏيو. وڏي ٻل حال احوال ٻڌي متر کي
جواب ڏنو ته "مترا! تون پرڀوءَ جي سان واقف آيو آهين؟
ملي منهنجي نمسڪار ڪري پنهنجو جنم سڦل ڪر." اها ڳالهه
ٻڌي نارد اهڙو ته خوش ٿي ويو، جو اصلي بس. اُتلندو
پنهنجي متر وڏي ٻل کي ڪهت ۽ ڳالهائڻ ۽ ڏمڪائڻ لڳو.
آخر وڏي ٻل کي ٻري ڪندو پرڀوءَ جن ڏاهن شستر کڻي جواب
لڳو. وڏي ٻل ڇا ڪيو، جو ڪيس پڇ ۾ ٻڌي کڻي ٻيهاريائين.
نارد پاڻکي اهڙيطرح سان روڪيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ
ٻه ٻئي ڄڻا ٻاهر اڪي بيهي رهيا ۽ خوب واقف لڳا. ليڪن
وڏي ٻل ڪيس ٻڪر ۾ وجهي اهڙي زور سان کڻي پرٿويءَ تي
ڦٽو ڪيو، جو سڄي ڪائنات هيو سڄو شرير پرٿويءَ ۾ گهڙي ويس،
۽ پراڻ نڪرڻ مهل منهنجي مکر مان "رام" "رام" "رام" اهي
لفظ اهڙي زور سان نڪتا جو سارو برهمنڊل ۽ آڪاش "رام"
شبدمير ٿي ويو. وڏي ٻل ڇا ڪيو، جو منهنجي سبيءَ لاءِ
اهي پرڀوءَ جن جي چرڻن اڳيان رکيا. شنڪر جواب لکيو "هي
پاروتي! پرڀوءَ جن ڪهڙا نه ديالو آهن، جو اهڙي دشت کي به
اها اپر ڀڳتي ڏنائون، جنهنجي ڪ واسطي وڏا وڏا رشي، مني
تپسيائون ڪري پاڻ ڳاري رهيا آهن."

پرڀوءَ جن اهو نارد جو سر سڪريو کي ڏيئي جواب لکيا ته
"هي سر ٻالوت سنڀالي رکجو متان خراب ٿي نه وڃي.
ڪجهه وقت ڪانپوءِ نارد جون ٻه استريون رنديون پٽينديون
پرڀوءَ جن وٽ آيون، ۽ ڪالهن اهي پنهنجي پتيءَ جو سر گهريائون.
اُهو ولي ٻئي استريون جتي سلوچنا پاڻکي جلايو هو. اُتي
آيون ۽ پنهنجي پتيءَ جي مسڪ سان چتا ۾ وڃي پوڪ اڪي

ناراتڪ جو ناس ٿيڻو آهي. هنومان اها ڳالھ ٻڌي، پرڀو جن جي آگيا پائي، يڪدم اوڏانهن رواڻو ٿيو. ڇا ڏسي ته وڏي ڀل اهڙو ته ڏيان ۾ مگن آهي، جو ڪيس پنهنجي شرير جي به سڌ ڪانهي. هنومان گهڻائي پنهنجا وس هلايا پر وڏي ڀل جو ڏيان نه ٽٽو ليڪ، پرڀو جن جو سمرڻ ڪندو اتيئي ويٺي رهيو. ڀڳوان جي اهڙي ڪرپا ٿي، جو اُهو وڏي ڀل اوچتو سجاڳ ٿي پيو، ۽ هنومان کي ڏسي ڪانئس خبر چار پڇڻ لڳو. هنومان چوڻ لڳو ته "هي راجڪمار! جنهنجي تون هيترن راتڏينهن تپسيا ڪري رهيا آهيو اڄ تنهن وٽ ئي هلڻ لاءِ اوهانکي سڏ ٿيو آهي. سو ڪرپا ڪري هلو." وڏي ڀل اهڙو خوش ٿيو، جو ڪپڙن ۾ ئي نه پيو سمائجي، پوءِ هو هڪدم اُتان روانا ٿي هڪ گهڙيءَ ۾ لنڪا ۾ اچي پهتا.

پرڀو جن وڏي ڀل کي ڏسي، اتيمت پرسن ٿيا. وڏيڀل به اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندو پرڀوءَ جن کي پريم سان مليو. ڪجهه نه خوشيءَ جو وقت مطابق ته سگريو آدي سڀ باندر وڏي هرش سان پيا پوگيه وڏي ڀل سان ملڻ لڳا.

هان! هي وري ڇا ٿيو؟ وري به ساڳيو انڌڪار! شايد وري به اهو ناراتڪ ڪنهن ڪنيو تو ڏسجي. سچ پچ هو به اهين، جڏهن نه ناراتڪ پنهنجو ڀڳيه پورو ڪري، وڃي ڏسي، مايا ڦهيلي اچي پرڀو جن جي سامهون ٿيو. ناراتڪ جو وڏي ڀل کي ڏٺو، سو هو واڙو ٿي ويو. هو ڏانهن ناراتڪ کي ڪنهن رشيءَ جو سراپ مليل هو ته "جنهن مترتي تون ڀروسو رکين ٿو، تنهنجي ئي هٿان تنهنجو موت ٿيندو." وڏي ڀل ناراتڪ کي پنهنجو مترسمجهي ڪانئس خبر چار پڇڻ لڳو؛ ڪيس

اگني استر اڇو ڇڏيو، جو چوطرف وري ٻه پرڪاش ٿي ويو. پرڪاش ٿيڻ مهل هنومان جو آڪاش ۾ جو تنهن ڏانهن ڌڪو راڪشس راوڻ جو پٽ نارانتڪ ڏلي پيو خوب تيرن جا وسڪارا ڪري. اُن راڪشس کي ڏسي هنومان کي اڇو ڪروڌ آيو، جو مدگر ڏاڍي زور سان ڪڍي هڻائينس، جنهنجي لڳڻ سان اُهو راڪشس بيهوش ٿي پرٿوي تي ڪري پيو. نارانتڪ جو ڪرڻ ۽ جامبونت جو ڪيس تنگر کان جهلي راوڻ جي ڪمري ڏانهن ڦٽو ڪرڻ جي هو راڪشس وڃي راوڻ جي پيرن وٽ ڪريو. بانرن جو ڏلو ته دشمن هاڃي ڪري ٿي ويو، سو هو ڏاڍا خوش ٿيا. هو ڏانهن جڏهن نارانتڪ سجاڳ ٿيو ۽ تڏهن هو پاڻکي اهڙي حالت ۾ ڏسي ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ لڪي ڪنهن، لڪي ڇپيو، اوڏي مهل ڇا ڪياءِ جو سڀان آدي ڪري وڃي وچ جو يگيه آرنڀ ڪياءِ. جڏهن سرو تي پرڪاش ٿي ويو ۽ سويه نارائڻ پنهنجي پوري جوڀن اوستا ۾ هو تڏهن بانر وري ٻه پريو رامچندر جي ڪرپا سان اپيه ٿي ويا. اوڏي مهل نارد مهاتما اتي آيو، جنهنکي ڏسي پريو جن آدر سان اُٿي بيٺا، ۽ پڻا پوڪيه آدر ستڪار ڪري ڪاڻس اچڻ جو سبب پڇڻ لڳا.

نارد مت جوڙي چوڻ لڳو ته "هي سروگيه! اوهانکي ته سڀڪجهه معلوم آهي تنهن هوندي به مان اوهانجي چوڻ تي پنهنجي اچڻ جو سبب ٻڌايان ٿو."

"هي پريو! سگريو جو پٽ وڏي بل، جو ڪ اوهانجي پيو تپسيا ڪري، تنهنکي جيڪڏهن هنومان اڄوڪي رات ۾ وڃي اچي ته بلڪل چڱو، جو ته وڏي بل جي هٿان ٿي من دشت

ڪي آئت ڏيڻ لڳو.

صبح جو وقت آهي. سوريه نارائڻ پنهنجيءَ روشنائيءَ
پرٿويءَ تي راڄ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. چؤطرف ش
ئي شانت لڳي پيئي آهي. حصوصا لنڪا جي رڻ کيتر ۾
عجب طرح جي شانتي ڦهلي رهي آهي. مند مند پوَن
گنڀيرتا ڀريو آواز آڪاش ۾ اهڙو ته خوفناڪ طرح سان ڳجي
رهيو آهي، جو ڄڻ ته پرڪرتي به ساڪيات ويرس جي آڏ ش
تي خوفائتي شڪل ڏيکاري رهي آهي. جنگ جي ميدان
ڪي ٿورا ٿورا باندر هيڏانهن هوڏانهن گهمندا ڏسڻ ۾ ٿا اچن
باقي ٻيا سڀ باندر صفون ڪيو اهڙيءَ ته رونق سان بيٺا
آهن، جو گويا رڻ کيتر ۾ ڪا رنگي برنگي ديوار اڏيل آهي.
باقي جو وري سوريه نارائڻ جا هلڪا هلڪا ڪرڻا مٿن پيا ٿي
سو انهن ته هيڪاري اڏ ڀت درشيه بڻائي ڇڏيو.

اڙي! هي ڇا ٿيو؟ چؤطرف اندڪار! ڪاڏي ويو اهو
ڦيريون عجب دماءِ؟ آسمان مان تير پيا ڪرن. وڄ جا چمڪا
پيا ٿين. اهڙي ته خوفناڪ گرجنا آڪاش ۾ پئي ٿي، جو ڏهه
ئي دشائون خوف ۾ پيون ٿڙڪن. ساري باندرن جي سئنا
اهڙي وياڪل ٿي ويئي، جو اونداهيءَ ۾ ڪٿ نه ڏسي سگهي
هٽ ڪي. جڏهن اهڙو حال هو، تڏهن ڀلا جيڪر ڪير اهو
سمجهي سگهجي، ته تير ڪير ٿو هڻي؟ جيتوڻيڪ اسانجا سئنا
ي هنومان، انگد، جامبونت نل ۽ نيل، اهي آڪاش ۾ ٻه
امي ويا، تنهن هوندي به ڪو پتو ڪونه پيو. اسنکيه باندر
ن جي وسڪاري ڪان ماندا ٿي پرٿويءَ تي ڪري پيا. اهڙي
هتيءَ اڌرم يڌ ۾ باندرن کي وياڪل ڏسي پريو جن دکي

پنهنجي پيا جي ڳالهه ڪرڻ جو به وجهه نه ملندو، ۽ ڀڳت وتيل
شري رامچندر پرماتما جو درشن به ڪين ٿيندو. آها! ڪهڙي اها
شڀ گهڙي ايندي جڏهن ڪ آءٌ به ساکيات الهي وپوڳ جو
درشن ڪندس؟ هي ناٿ! مان به تو سان گڏجي هلندس،
۽ پٺيان گڏجي هلي سندس چرڻن جي شيوا ڪندس."
اها ڳالهه ٻڌي اوڌ راوڻ جو ڀشٽ پتر نارالڪ اهڙو ته
اچي غصي ٿيو جو چوڻ ته ٿين ڪان چوٿين تاه ڪا ٻاهه لڳي
وئي هئس. استري پنهنجي مٿان خيال ڪيو ته هنوقت
هڪ وڏي سمجهاڻ ڪويا وشتا ۾ پتر اڄلانٽا آهن، تنهنڪري
اُداسي ويچاري انهن ڪري وئي. پر جڏهن ٿوري وقت ڪاڻ
ڏاڍو ته پڻ ماٺي هلڻ لاءِ بلڪل تيار ٿيو آهي، تڏهن وري
به ڪيس اها پرارٿنا ڪرڻ لڳي ته "هي ناٿ! تڏهن ڪرپا
ڪري مونکي به ساڻ وٺي هلو، ته مان آءٌ به سڀ سهري جو
درشن ڪري پنهنجا پاپ پري ڪريان." آخر لاچار ٿي
نارالڪ ڪيس ساڻ وٺي هلڻ لاءِ اقرار ڪيو. جڏهن اسڪير
سنا تيار ٿي وئي، تڏهن طرحين طرحين جا هٿيار هٿ ۾ ڪٽي
ولديون واجن وغيره کي وڄائيندا وڃي لنڪا ۾ پهتا. جڏهن
محل راوڻ پنهنجي پٽ کي سنا سوڌو آيو ڏٺو تنهن محل ۾
ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پيار مان پنهنجي پٽ کي ڀاڪر پاتائين. پوءِ
سڀ ڪٿا وري به پنهنجي پٽ کي ڪري ٻڌايائين، جا ٻڌي
نارالڪ ايمان به ٻڌي چوڻ لڳو ته "هي پتا! ڪجهه فڪر نه
ڪريو. ڏسو ته مان هنن ٻنهي ٻالڪن کي اهڙي ريت جو ڪرڻ
سنت ڪئن ٿو لشڪر ڪريان جيئن ٽيڻ سوڌيون، باقي پوءِ
ڏسجي ... هنن جي سنائي." ائين چوندو هو پنهنجي پتا

ڪي آئت ڏيڻ لڳو.

صبح جو وقت آهي. سوريه نارائڻ پنهنجي روشنائي س
پرٿويءَ تي راڄ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. چؤطرف شان
ئي شانت لڳي پيئي آهي. خصوصا لنڪا جي رڻ کيتر ۾
عجب طرح جي شانتي ڦهليل رهي آهي. مند مند پوَن جـ
گنڀيرتا ڀريو آواز آڪاش ۾ اهڙو ته خوفناڪ طرح سان گجي
رهيو آهي؛ جو چڻ ته پرڪرتي به ساڪيات ويرس جي آه شڪتا
تي خوفائتي شڪل ڏيکاري رهي آهي. جنگ جي ميدان ۾
ڪي ٿورا ٿورا باندر هيڏانهن هوڏانهن گهمندا ڏسڻ ۾ ٿا اچن؛
باقي پيا سڀ باندر صفون ڪيو اهڙيءَ ته رونق سان بيٺا
آهن، جو گويا رڻ کيتر ۾ ڪا رنگي برنگي ديوار اڏيل آهي.
باقي جو وري سوريه نارائڻ جا هلڪا هلڪا ڪرڻا مٿن پيا ٿي
سو انهن ته هيڪاري اڃا به درشيه وڌائي ڇڏيو.

اڙي! هي ڇا ٿيو؟ چؤطرف انڌڪار! ڪاڏي ويو اهو
پهريون عجب دماءُ؟ آسمان مان تير پيا ڪرن. وڄ جا چمڪا
پيا ٿين. اهڙي ته خوفناڪ گرجنا آڪاش ۾ پئي ٿي، جو ڏهه
ئي دشائون خوف ۾ پيون ڦڙڪن. ساري باندرن جي سئنا
اهڙي وياڪل ٿي ويئي، جو اونداهيءَ ۾ هٿ نه ڏسي سگهي
هٿ کي. جڏهن اهڙو حال هو، تڏهن ڀلا جيڪر ڪيئن اهو
سمجهي سگهجي، ته تير ڪير ٿو هڻي؟ جيتوڻيڪ اسانجا سئنا
پتي هنومان، انگد، جامبونت نل ۽ نيل، اهي آڪاش ۾ به
[...]امي ويا، تنهن هوندي به ڪو پتو ڪونه پيو. اسنکيه باندر
[...]ن جي وسڪاري ڪان ماندا ٿي پرٿويءَ تي ڪري پيا. اهڙي
[...]ڇتيءَ اڌرم يڌ ۾ باندرن کي وياڪل ڏسي پرڀو جن ڏکڙو

پنهنجي پتا جي ڳالهه رکڻ جو به وچن نڀائيندو، ۽ ڀڪت وتسل
شري رامچندر پرماتما جو درشن به ڪندو. آهاها! ڪهڙي اها
شڀ گهڙي ايندي جڏهن ڪ آءٌ به ساڪيات انهيءَ ديوتا جو
درشن ڪندس؟ هي ناٿ! مان به تو واسطي ڪڏهن هلندس،
۽ ٻئي ڄڻا ڪڏهن هلي سندس چرڻن جي سيوا ڪنداسين."

اها ڳالهه ٻڌي اهو راوڻ جو دشمن پتر نارائڪ امترو تسر
اهي ڪري ويو جو ٻهڙ ته نهن ڪان جوتي ٿاه ڪا ٻاهه لڳي
ويئي هيس. استريءَ پنهنجي مڙس ۾ خيال ڪيو ته هن وقت
هنکي ودڪ سمجهائڻ ڪويا وڃڻا ۽ پر اڇائيڻا آهن، تنهنڪري
اها ويچاري اتان نڪري ويئي. پر جڏهن ٿوري وقت ڪانپوءِ
ڏاه ته پڻ هاڻي هلڻ لاءِ بلڪل تيار ٿيو آهي، تڏهن وري
۾ ڪيس اها پرارٿنا ڪرڻ لڳي ته "هي ناٿ! تڏهن ڪرپا
ڪري موکي به ساڻ وٺي هلو، ته مان آءٌ به سس سهري جو
درشن ڪري پنهنجا پاڻ نيتر پويتر ڪريان." آخر لاچار ٿي
نارائڪ کيس ساڻ وٺي هلڻ لاءِ دلڪار ڪئي. جڏهن اسڪير
سڀئا تيار ٿي ويئي، تڏهن طرحين طرحين جا هٿيار هٿ ۾ ڪئي
دلديون واڄن وغيره کي وڄائيندا وڃي لنڪا ۾ پهتا. جڏهن
محل راوڻ پنهنجي پتر کي سڀئا سوڌو آيو ڏٺو تڏهن محل جو
ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پيار مان پنهنجي پتر کي ڀاڪر پاتائين. پوءِ
سڀني کيا وري به پنهنجي پٽ کي ڪري ٻڌايائين، جا ٻڌي
نارائڪ ايمان ۾ پرجي جوش لڳو ته "هي پتا! ڪجهه فڪر نه
آهي، ڏسو ته مان هتي تنهنجي ٻالدرن کي انهن ٻن ماڻهن
سميت ڪئن ڪوشت ڪريان، پوءِ ٿيڻ سوڌيو، باقي پوءِ
ڏسجو منهنجي هٿن جي صفائي." ائين چوندو هو پنهنجي پتا

تہ غصي ۾ لعل ٿي ويو، جو ڇرين وانگر پاڻکي ڇڪ پائڻ لـ
ڪاڪ ڀشنڊ چوڻ لڳو تہ "هي گرڙ! جنهن راوڻ جي
تي ڪال اچي پهتو هو، تنهن راوڻ جو درشيہ اوڏئي مبـ
اهڙو تہ ڀيانڪ ٿي ويو هو، جو ڏهئي دشائون، دگپال، پرٿوي
آڪاش ۽ ديوتائون ٿر ٿر ڪنبڻ لڳا، تہ هاءِ! هاڻ ڇا ٿيندو؟"
ڪاوڙ وچون راوڻ جي وات ۾ گجي اچي رهي هئي ۽ ڏند
پيپ ڪرتياءِ ۽ ڪپڙا پٽي ڦاڙياءِ، ڇاڪ اها مرضي هيس تہ جيڪر
ساريءَ وشو کي هڪ پل ۾ کئي ڪري ڇڏيان. ايتري ۾ هڪڙو
منتري اتي اچي پهتو، جنهن راوڻ کي سمجهائي شانت ڪيو،
۽ چوڻ لڳس تہ "هي ويو! شوڪ ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور
آهي؟ توهانجو پتر نارانتڪ نالي اجا جيئرو آهي. هنکي دوت
موڪلي گهرائي وٺو. پوءِ ڏسو تہ ڇا ٿو ٿئي. سڀ ڀلي ٿي
پوندي." اها ڳالهہ ٻڌي راوڻ کي ٿورو ڌيرج آيو، ۽ امالڪ
هڪ چٺي لکي دوت دوارا نارانتڪ کي موڪلياءِ. جنهن
مهل اهو دوت نارانتڪ جي ڪچهريءَ ۾ پهتو، تنهن مهل نارانتڪ
ـنهنجي پتا جو حال احوال پڇيس. جنهنتي دوت سڄي ڪٿا
ـنديـ کان ڪري ٻڌايس باقي جو وري چٺي پڙهياءِ، سو هيڪاري
ـاطري ٿي ويس. انهيءَ ڪري نارانتڪ ڏاڍو وياڪل ٿيو ۽
ـنا پتيءَ کي چياءِ تہ "لشڪر جي يڪدم تياري هئڻ گهرجي."
ـ پاڻ پنهنجي استريءَ الدومتيءَ وٽ وڃي ڪائنس موڪلائڻ
. استري پنهنجي پتيءَ کان اها ڳالهہ ٻڌي، بيحد وياڪل
۽ هٿ جوڙي پتيءَ کي چوڻ لڳي تہ "هي ناٿ! ڪرپا
ـي اهو لڙائيءَ جو ٻهر تاري ڇڏيو. هان لنڪا ۾ بالشڪ ۽ جوءِ
ـط تہ "ايڪ پنٿ دوڪاج،" انهيءَ چوڻيءَ وانگر اوهانکي

تنهنجي سڀ راڪشس ڪن جو ڪن ۽ ٽن ٽن ٽڪر لڳا. جڏهن
سڀ راڪشس مارجي ويا، تڏهن هنومان مرڪٽ کي پهچي
ٻچ مان ڇوڙي شري رامچندر جن جي چرڻ پتالدر ڪمس پاتال
جي لوڪ جو راڄ ڏيئي، والدي ڌڪ ڪن ۽ اچي لنڪا جي
رڻ کيتر ۾ پهتو. ساري سڀا ۾ خوشي ٿي ويئي. ڀروسو جن
ٻانهن کي سيني سان مليا.

شنڪر چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! ڏسو ڀروسو جن ۾ طاقت
نه هجي تنهن کي ڇا ڄاڻ هجي؟ اهي ڪيترا نه مورک مشتبه آهن،
جي شري رامچندر کي منش سمجهي کيس اشڪت ٿا ڄاڻن.
اهي راوڻ جو موت هنومان جي هٿان ٿيڻو هو، تنهنڪري ڀڳوان
جي مهما وڌائيندڙ ڀروسي جن سارو ڪارج هنومان جي هٿان ڪرايو.

راوڻ کي دوت جي هٿان ساري خبر ملي، سو هو يڪدم
رڻ کيتر ڏانهن تي ڪري پيو. راوڻ کي موڙهيت ڏسي
مندودري يڪدم گلاب جو پيالو کڻي آئي، ۽ کيس سچيت
ڪري هٿ جوڙي چوڻ لڳي ته "هي ناٿ! مان هڪ سمجهان
ٿي ته هاڻي تو لاءِ ضرور شانتي آئي هوندي. اڃا به وقت
ڪونه ويو آهي. هيٺئين حڪمت جنهن سيتا کي وڃي رکڻ ۾
چاڙهي، حڪمت پتي شري رامچندر وٽ ڏياري موڪلو. ضرور
هو ديالو پرماتما اوهانجي دِيا ڪندو ۽ اوهانجا سڀ اپراڌ ڪميا
ڪندو." راوڻ اهي لفظ مندودري جي واتان ٻڌي يڪدم غصي
۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته "اڙي مندودري! منهنجي
منهن ڏان ڏيڪر ٿري ٿيءِ. جي ٻڪ ڪيندين، ته يڪدم
سڀ ڏک ڪن ڏار ڪندو سانءِ." ائين چوندي اٿيو ته زور
سان ٻرڪي تي ات هڻيا، جو هو ڏلوڏول ٿيڻ لڳي. اهڙ

چاڪاڻ تہ مونکي پنھنجي ڏٺيءَ جي آگيا آهي تہ ڪنھنکي
هنوقت اندر لنگهڻ نہ ڏي. سو هي پتا! مان لاچار آهيان. م
پراڻ تيا ڳيندس پر اوهانکي اندر وڃڻ نہ ڏيندس." نيٺ پ
۽ پتر جي لڙائي شروع ٿي. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هنومان کيس
پيچ ۾ پڪڙي ڇڏيو، ۽ پاڻ تمام سوڪشم روپ ڌاري مندر ۾ ويو
ڇا ڏسي، تہ ڏاڍو هون تي رهيو آهي؛ ۽ ڪنئين راڪشس هٿن
۾ هٿيار ڪنيو با ادب ٿيو بيٺا آهن. ايتري ۾ هڪڙي مالڻ پشپن
جي مالا ڪٺي آئي. هنومان ڇا ڪيو، جو پنھنجو سوکيم روپ
هڪڙي پشپ ۾ ڪٺي وڌائين جنھن مٿان اُها پشپن جي مالا ديويءَ جي
ڪنٺ ۾ وڌي ويئي، اوڏي مٿان ديوي پڪڙ الوپ ٿي ويئي،
۽ هنومان هڪڙو مها ڀيانڪ روپ ڌاري ديوي جي جاءِ تي
تي بيٺو. اهي راوڻ خواهہ ٻين راڪشسن سمجهيو تہ مارا! ديوي
اسان تي پرسن ٿي آهي؛ جو ساکيات روپ ڌاري اسانکي
درشن ڏنو اٿس. بس! پوءِ تہ اهي راوڻ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽
خوب ڀڳتيءَ سان ديوي روپ هنومان جي پوڄا ڪرڻ لڳو.
ل ٿول پڪوان وغيره سڀ کيس ارپيا ويا، جي شري هنومان
ي اُهاڪ پنھنجي مکہ ۾ لنگهائڻ لڳا. ٻئي رامچندرجن هنومان
ب اها چالاڪي ڏسي لڪشمڻ ڏانھن نھاري مرڪڻ لڳا. ڪجهہ
ت ڪانپوءِ اهي راوڻ اها آگيا ڏني تہ "هاڻي رام ۽ لڪشمڻ
بن پاڻون کي ديويءَ جي اڳيان بلي دان ڏيو."
هنومان اهو ٻڌنديئي پڪڙ ٻنهي کي پاڪر ۾ ڪٺي پنھنجو
ڪ سروپ ۾ ڪمت ڪري، انهن سان جنگ جو ٿڻ لڳو،
ي راوڻ کان تلوار کسيندي ئي کيس پورو ڪري ڇڏيائين.

ٻڌڻ کي لڪشمڻ. هت پاتال ڪٿي ويو هجي، اڙي غضب
ٿيو، اهو آهي راوڻ مها بلوان آهي، ۽ پاتال جي لوڪن ۾ رهي
ٿو. سڀ مايا ڪري ڄاڻي ٿو. هاڻي ته اوهان ڪڏهن
ٻڌو اٿي وڃي، جي نه بلڪل مري ويندي. ڇاڪاڻ ته
پرڀات ٿيندي شرا اهو دشت ديوي جي اڳيان بلي دان
ڏيندو." ليڪ سيني جي صلاح سان هنومان اڏامي ويو،
۽ اڙي ته ڪٿي ڳجندا ڪيا، جو پرٿوي ڏڪڻ لڳي، ۽ هت
هت اچي پاتال ۾ ديوي جي مندر وٽ پهتو. ان مندر جي
دروازي تي مکرو مرڪت ڏاڍي بهادر دربان ٿي بيٺل هو
تنهن جو هنومان کي ڏٺو، سو ڏاڍو ڪروڌ سان ٿي چوڻ لڳو
"اڙي تون ڪير آهين جو ٻيا پڇڻ ڪاهي هت هليو آيو
آهين؟ خبر ڪانه اٿيئي ته مان هنومان جو پٽ ۽ اهي راوڻ
جو سيوڪ آهيان؟ خبردار جي اڳتي پير وڌايو اٿيئي." هنومان
من مرڪت جي ڳالهه ٻڌي اچي وائڙو ٿيو ۽ چوڻ لڳس ته
"اڙي دشت! تون ڪير آهين، جو مهنجي پٽ ٿيڻ جي
دعوي ٿو ڪرين؟ مان بال برهمچاري آهيان. مون ڪڏهن
ڪنهن استري سان سنگ نه ڪيو آهي، پوءِ تون ڪيئن ٿو
چوين ته مان هنومان جو پٽ آهيان؟ مرڪت پنهنجي پيءُ
کي سڃاڻي يڪدم کيس پيرين پئي پرڻام ڪري چوڻ لڳو ته
"هي تات! جنهن مهل اوهان لنڪا جلائي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو
هو، تنهن مهل اگني جي آويش ڪري جيڪو توهان کي پسينو
ٿيو هو، سو پسينو ڪري مڇي کائي ويئي، ۽ ان مان منهنجي
اُتپتي ٿيل آهي. پرخير هاڻي آءٌ توهان کي اندر وڃڻ نه ڏيندس،
ڇاڪاڻ ته توهان مون سان لڙائي ڪري مون کي جيتيو نه آهي،

ساڌڻ لڳو، يعني موهني منتر پڙهڻ لڳو، جنهنجي اثر ڪري
سڀ باندر، رڇ وغيره جيڪي سينا ۾ هوا، سي سڀ مورڇت
ٿي ويا؛ ۽ هو رام ۽ لڪشمڻ کي هنج ۾ کڻندو غائب ٿي ويو.

اوڏيءَ مهل آڪاش ۾ سورج جهڙو پرڪاش ٿيل ڏسي، راوڻ
پنهنجي من ۾ سمجهيو ته بيشڪ آهي راوڻ جنهن ٻنهي ڀائرن
کي پاتالن پاتال ۾ کڻي ويو. اهو نمون پرڪاش وڄ وانگي
رکو ٿوري وقت لاءِ هليو. جنهن مهل پرڪاش بند ٿيو،
تنهن مهل سينيءَ جي مورڇا لهي ويئي، ۽ سڀ سجاڳ ٿيا.
هاءِ! هاءِ! ڇا ڏسن، ته پرڀو جن لڪشمڻ سميت آهن ئي ڪين.
ساري سينا ڳولي ڳولي ٿڪجي پيئي، پر ڪٿي به پتو ڪونه
پيو. سڀ باندر هاهاڪار شبد ڪري پڪارڻ لڳا ته ”ها رام!
ها لڪشمڻ! اسانکي اڪيلو ڇڏي توهين ڪٿي هليا ويا؟
مطلب ته، سگريو آدي سڀ باندر اهڙو ته وياڪل ٿيڻ لڳا،
جهڙوڪ جل جي جيڪر پاڻيءَ کانسواءِ تڙڦن.

نيٺ ڏيرج ڌري ڪپ چپ ۾ ته متان انهيءَ جي خبر
اوڻ کي پوي، سڀ ڇڙا ڳڌجي هنومان کي چوڻ لڳا ته
”هي ڪپي ڪل ڀوشڻ ٻڌاءِ ته ڪا توکي خبر آهي؟ ڇاڪاڻ
تون سڄي رات پهري تي هئين.“ هنومان هٿ جوڙي سگريو
ي چوڻ لڳو ته ”هي ناٿ! ٻي ته مونکي ڪابه خبر ڪانهي،
وڀيشڻ سو رات جو ديرو سارو آيو هو.“ وڀيشڻ اها ڳالهه
ي چوڻ لڳو ته ”بس! بس! مون سمجهيو اهو ڪنهن
ڪشس جي مايا هوندي. پر ڪري ڳالهه آهي ته منهنجي
پ ڌارڻ جي شڪتي راڪشس مان رکو آهي راوڻ کي
. سو متان اهو نه راوڻ جي چيي تي منهنجو روپ ڌاري

ڏيئي تو سمپورڻ ڪريان. جنهن مهل تون ڏسين ته راڪشس
بہ سورج جهڙو پرڪاش ٿيو آهي اوڏي مهل سمجهج ته مان
هن ٻنهي پاڻين کي ڪٺي ويس"

اهڙي طرح سان راوڻ کي دلاسا ڏيندو اهو آهي راوڻ
ڪاري ماتا جو خيال ڪندو اچي پرڀوجن جي سئنا ۾ پهتو.
اوڏي مهل اونڌيري رات اهڙي ته ڀيانڪ هئي، جو ڪو ڪجهه ڪي
ڏسي نٿي سگهيو. جنهن هنڌ پرڀوجن لڇمڻ سميت سمهيل
هوا، اتي چوڪيداري هنومان جا ڪبو هو، جو پنهنجو پڇ وراٽ
آڪار ۾ اهڙو ته ڪڍي وڌايو هوائين، جو اصلي چوٽ ته آسمان سان
ٿو ڳالهيون ڪري؛ ۽ اهو پرڀوءَ جن جي چوطرف اهڙين ته
ڪٺي ويڙهيو هوائين، جو گويا هڪ زبردست قلعو بڻدي ڇڏيو
هوائين.

آهي راوڻ هنومان جو اهڙو رڇيل ڪوٽ ڏسي يڪدم
من ۾ دهلجي ويو ۽ جڪي رڳون من ۾ ڪيون هوائين، سي
سڀ ويرث سمجهڻ لڳو. نيٺ لاچار ٿي ڪپٽ ويس ڪري
يعني وڀيشڻ جو روپ ڌاري، هنومان کي چوڻ لڳو ته "هي
ڪپي راج! مون کي رستو ڏيو ته مان اندر وڃان، ڇاڪاڻ
ته دير ٿي ويئي اٿم. پرڀوجن کان موڪلائي مان سنڌيا
ڪرڻ ويس ۽ پر دير ٿي ويئي اٿم. هاڻي بہ جلدي ڪري
مون کي رستو ڏيو، نہ ته آئي ٻاتي دير ٿي ويندم." هو ون
هاڻي اصل اٿين هئي. جنهن ڪري هنومان ڪيس وڀيشڻ ڄاڻي
اندر ڇڏي ڏنو، آهي راوڻ جڏهن اندر ويو، تڏهن ڇا ڏسي
ته پرڀوجن لڇمڻ سميت سمهيا پيا آهن. ڪهڙو نہ هن مهل
جيڪو درشيه! اوڏي مهل آهي راوڻ پرڻام ڪري پنهنجو ڪارو

پرڀوءَ جو ڌيان لڳائين ٿا. هي پاروتي! پرماتما جي ڪٿن
انت ڪير پائي سگهيو؟ جو اننت شڪتيءَ وارو پرماتما
سيني جي جئه ڪري."

راوڻ جڏهن ڏٺو ته منهنجي ڪل جا وڏا وڏا يوڌا س
رڻ کيتر ۾ مارجي ويا، تڏهن هو ڏاڍو وياڪل ٿيو، ۽ مو
کائي پرٿويءَ تي ڪري پيو. پر نيٺ سجاڳ ٿيو ۽ ٿور
وقت کانپوءِ ڪيس وري ڏکڙو پيو اُپاءُ سجهي آيو، جنهن
ڪجهه ڪجهه اُميد جا آثار سندس منهن تي ڏسي وڏا. اوڏي
مهل ئي سنان ڪري، پويتر ٿي، سنڌيا آديءَ ڪرم ڪري،
شنڪر جو تن من سان سمرڻ ڪندو پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته
"هي ترلوڪي ناٿ! توهين منهنجي عزت رکيا ڪريو! اهڙيءَ
طرح سان پوڄا پاٺ کان واندو ٿي راوڻ آڪرشڻ منتر جي ٻل
سان پاتال مان آهي راوڻ کي گهرائڻ جي چيشٽا ڪرڻ لڳو.
جنهن مهل راوڻ آڪرشڻ منتر تي پڙهيو، تنهن مهل اهي
راوڻ جي دل ۾ ڪڙڪا پيدا ٿيڻ لڳي، ۽ هو خيال ڪرڻ لڳو ته
راوڻ جهڙي ٻاهي پرش کي جو منهنجو ڪپ پيو آهي سو بالڪل
ڪو ضروري هوندو. سو هو اهي راوڻ سان گڏ جو پوءِ
ڪندو. اهي شنڪر جي مندر ۾ راوڻ وٽ پهتو. پٺي جڏهن
تنهن مهل خوب خوشيءَ سان مليا. تنهن کانپوءِ راوڻ سڀني
ڪٿا پنهنجي پٽ وغيره جي ڪري ٻڌايس، جا ٻڌي اهي راوڻ
اوڻ انکيس ته "هي راوڻ! تون ٻوڙي ٻيڙي تي ڪاهيو آهين،
بنا پنهنجي جا هي پٽ رهيا اٿيئي، تنهنجو تو کي قتل ماڻيو
ب. خيرا هاڻي ٻه ڪيس ولبو. مان انهن ٻنهي ڀائرن کي
ب وجي تو پاتال ۾ هڻان ۽ جي ڪاٽ جي اکين ٻاجهان

ڪري عجيب ڳالهہ آهي. ڇا ڪڏهن مرتڪ ٻاهن بہ ڪجهہ
لکي سگهي ٿي؟ ڇاڪاڻ تہ اسين پنهنجي من جو اهو ترڪ
تڏهن لاهي سگهون ٿا جڏهن ڪ هي سر ڪجهہ ڪلي ڏيکاري."
پرڀو جن جي آگيا پائي، سلوچنا هٿ جوڙي پنهنجي پتيءَ جي
سر کي چوڻ لڳي تہ "هي ناٿ! جيڪڏهن مون ڪڏهن پلجي
سپني ۾ بہ ڪنهن پرپرش جو ڌيان نہ ڪيو آهي، تہ تو هين
هن وقت هن سپني جي شنڪا کي نوارڻ ڪريو." ايترو ٻڌڻ ديءَ
آهو سر تمام زور سان کلڻ لڳو، اهو حال ڏسي سڀئي پرڀو جن
جي وچتر ليلا ۽ سلوچنا جي پتورت پڻي جي مهاتم تي ٻاٻار
وجهڻ لڳا. نيٺ سلوچنا وڀيشڻ کي پرڻام ڪندي پنهنجي
پتيءَ جو سر هٿ ۾ کڻي اچي ڪري مها پويتر لنڪ جي ڪنڌي
تي پنهنجي پتيءَ جي اگني سنسڪار ڪرائڻ جو پربند ڪرائڻ
لڳي. راوڻ جو پٽ، سو جو بہ اتي آيو. پتا پوکر مساڻ ۾
ڪري وڏي چندن جي ڪاٺين جي وڏي ڏاهي ويئي، پوءِ
سلوچنا پنهنجي پتيءَ جي ٻاهن، ڌڙ ۽ سر، اتي برابر ملائي، هٿ
۾ کڻي، وڏيءَ تي ويئي، ۽ پوکر ٻل سان برهمرندر ۾ پراڻن
کي کيڇيندي، ايشور جو ڌيان ڪندي، انهيءَ ۾ مگن ٿي
ويئي. هيڏانهن چکيا کي اهڙي اگني لڳي ويئي، جو الچون
لانون آسمان- ڏانهن وڃڻ لڳيون. انهيءَ اگنيءَ مان هڪڙي قسم جو
وچتر تيجهہ نڪتو، جو آڪاش مارگ ۾ غائب ٿي ويو.

شنڪر چوڻ لڳو تہ "هي پاروتي! پرڀو جن جي ڪهڙي
نہ اپار ليلا آهي. ٻلهار وڃان اهڙن پرڀن جي نالي تان. ڇا منشو!
شري رامچندر جي چرڻن ۾ اچا بہ ڌيان نہ لڳائيندو؟ ڪهڙا نہ
تہ... آهي منش ۾ ڇٻا، جي رات ڏينهن. انهي شيام سندر

ستي! تون ڏنير آدين. چڱو! هاڻ وٽ تون پنهنجي پتي
سر." سلوچنا پتيءَ جو سر پنهنجي ڀنڀ ۾ رکي چاڊر سان
مٿين ڏان ھتي اُڪيڻ لڳي ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳي "جڪد
موٽڪي پنهنجي پتيءَ جي مرتيو جي ساري خبر سندن ٻانهن اچ
لکي ٻڌائي هئي، باقي موٽڪي سندن سر کپندو هو، تڏ
تو هان وٽ آيس."

پرڀو جن اھا ڳالھ ٻڌي سلوچنا کي چوڻ لڳا تہ "ستي
ٻڌا. جيڪڏهن تنهنجي اِڇا هجي، تہ مان تنهنجي پتي
کي وري بہ جياري سگهان ٿو ۽ ڪلپن سوڌي ڪيس عمر ڏيئي، لنڪ
جو راڄ بخشيان." ھيڏانھن ديوتائن ۽ ٻاندرن کي اها ڳالھ
ٻڌي ڏاڍو ڀؤ ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳا تہ اڙي! جيڪڏهن هي
دشت وري اٿندو تہ ڏاڍو ڏيندو. پر جڏهن سلوچنا جو جواب
ٻڌائون، تڏهن ڏاڍا پرسن ٿيا. جنهن تہ هن واڪي ڏني تہ
"هي ديالو! جڏهن منهنجو پتي اوهانجي هٿن جي پڪڙي
۾ اچي تي ويو آهي، تڏهن مان پنهنجي ٻوري سگهان واسطي
ڪري هنڪي جو ڀلو هٿاڻان؟ هي ڏين پنڌوا هاڻي تہ اهڙي ڪا
آشيرواد ڏيو تہ پنهنجي پتي جي سر سان گڏ هي شريرُ جلائي
اسين. پڇي اوهانجي ڏين ۾ ٻکون رهي اوهانجا گڻاوادُ ڳائيندا
رهون."

سلوچنا جي اھا ڳالھ ٻڌي پرڀو جن کيس چوڻ لڳا تہ "ڀلو ڏا!
ڪي اساڻجي آشيرواد تہ جنهن جو ٻين ٿي، تنهن ٿي ٿيندو."
ڪري ۾ سگريو هٿ جوڙي مهاراجن کي چوڻ لڳو تہ "هي
ڀا ستي سلوچنا جا ڳالھ ڪئي تہ ڪيس سندس پتيءَ جي
سب ڪجهہ لکي ساري خبر سڻائي هئي، سا تہ ٻاڪل

سارو ورتانت ٻڌايو ۽ جا پتر جي ويوگ ۾ هاء هاء ڪرڻ ۽ رُئڻ پٽڻ لڳي. تيئن ڪجھ وقت رئڻ ڪانپوء مدودري پنهنجي نهن سلوچنا کي اُپديش ڏيئي، ڪيس چڱيءَ ريت سمجھائي شانت ڪري، چوڻ لڳي ته "هي ڌي! تون بلاشڪ وڃ ڪيتر ۾ وڃي پنهنجي پتيءَ جو سر شري رامچندر ڪان گھر. توکي اتي وڃڻ ۾ ڪوبہ نقصان ڪونهي؛ ڇاڪاڻ ته انجا ۽ لڪشمڻ جا ڪرڻ تون پنهنجي پتيءَ جي هٿ لکئي مان ڄاڻي چڪي آهين. تنهنڪان سواءِ هنومان آدي سڀ جيڪي منتري آهن، سي بلڪل ڌرماتما ۽ شري رامچندر جا ڀڳت آهن تنهن تون ڪوبہ سنڪوچ نہ ڪر ۽ پرڀوءَ جن جو درشن ڪري وڃي ڪانئن پنهنجي پتيءَ جو سر مڱھ."

سلوچنا انهن سخنن تي وڃن پنهنجي سس جا سٽي يڪدم رٿ ۾ چڙهي رڻ کيتر ڏانهن ويئي؛ جنهنکي پري کان ڏسي باندرن ڀانيو ته اها سيتا ماتا ٿي اچي. تنهنڪري چوڻ لڳا ته "ڏاڍي راوڻ نيٺ سمجھيو. پنهنجي پٽ جي مرڻ کانپوء سمجھ آئي ٿي ڀانئجيس. ڏسو ته ڪئن سيتا ماتا کي رٿ ۾ چاڙهي موڪليو اٿس! ماڻهو اساڻو پريشرم سڀ سڦل ٿيو." اهڙيءَ طرح سان انيڪ پرڪارن جا خوشيءَ ۾ وچن چوڻ ۽ شري رامچندر جي جيءَ مناڻ لڳا. پر هتي جڏهن مهل سلوچنا، پرڀو رامچندر جن جو درشن ڪري، کين ساکيات ايشور سمجھي، شڌ پريم سان پرڻام ڪرڻ لڳي اوڏيءَ مهل ويڀشڻ چوڻ لڳو ته "مهاراج! اها ميگهناد جي مها سشيل ۽ پتورتا استري آهي. شايد او ڏانهان پنهنجي پتيءَ جو سر گھرڻ آئي آهي."

ايترو ٻڌي ويڀشڻ جا ٻڌي شري رامچندر چوڻ لڳو ته "هي

ڪو ڀرم اُٿوا سپنو آهي؟ هاءِ! هاءِ! ڪال جي گتي بہ ڏاڍي وچتر آهي! ڇا ساڪيات ٻکم جي مورتيءَ سلوچنا تي بہ اها ڏکر روپي وڄ ڪرڻي هئي؟ خير، سلوچنا! ياد رکجِ تہ تنهنجي پتيءَ کي مارينديڙن جو مان هنوقت انت آڻيندس. مان پنهنجي دل جي ڳالهہ توکي ڪهڙي ٻڌايان جو توکي تہ سڀ معلوم آهي. ڏس تہ هيئنر جو هيئنرئي انهن دشمنن کي مان ناس ٿو ڪريان." سلوچنا کي اهي وچن اڻلو تير ٿي لڳا؛ ڇاڪاڻ تہ ڪيس سندس پتيءَ جا هٿ لکيل وچن ياد هوا تہ اِهي رام ۽ لڪشمڻ پرٿويءَ جي بار اتارڻ لاءِ اوتار ڌاري آيا آهن. اهي تہ ساکيات انهيءَ سروشڪتيمان پرڀوءَ جو روپ آهن؛ تنهنڪري راوڻ کين ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي، جيتوڻيڪ پتنگ اگنيءَ کي ڀرياءِ پنهنجو رانديڪو سمجهي بي پرواهيءَ سان ساڻس گستاخي ڪري راند ڪرڻ شروع ڪري ٿو؛ تہ بہ انت ۾ هڪڙيءَ جهپاٽي سان ڀسم ٿيو وڃي. انهيءَ طرح هن راوڻ کي ڪو ڳوهہ والڪي اچي ڪٿيءَ ڪنيو آهي، سو ٿو شڪارين جا گهر ڳولي. خير! منهنجو انهيءَ ۾ ڪو ڀرو جن ڪونهي جئن وڪيس ڏين ڪري هنڪي هنوقت ڪا صلاح ڪارگر ٿيندي. اهڙا من ۾ ويچار ڪري، هٿ جوڙي، راوڻ کي چوڻ لڳي تہ "هي لنڪيشور! تو هين سمرٿ آيو، سو ڪرپا ڪري موکي رڻ کيتر مان منهنجي سواميءَ جو باقي رهيل شرير گهرائي ڏيو، تہ مان بہ پنهنجو اگني سنسڪار پتيءَ سان گڏ ڪريان." ڀر راوڻ اهڙو تہ ڪروڌ ۾ ڀريل هو، جو اُن وچان هن ويچاريءَ جي ڳالهہ ڪيس ٻڌڻ ۾ بہ نہ آئي. سلوچنا لاچار اُتان ڪچهريءَ مان نڪري پنهنجي سس مندوديءَ وٽ آئي، جنهنکي

جي رڻ جو آواز ٻڌي سندس سارو گنبد وارو محل گجي اٿيو گويا منجهس محلات ٻجي ڪري ڪري ڪاٿي ۽ ڪلي وغيره ڏياڙي سلوچنا جي حالت تي افسوس ڪنائي همدرديءَ ڪرڻ لاءِ ساڻس گڏ روئي رهي هئي،

ڀرت ڪڙو رٿ ڪڍرائي، تنهن ۾ ان ٻچا کي رکي، سهيلين سميت سلوچنا مٿي تي ڏوڙ وسائيندي، راوڻ جي ڪچهريءَ ڏانهن هلڻ لڳي. جنهن سلوچنا کي اهڙي حال ۾ ڏٺو، سو اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندو پنهنجي منهن تي هڻڻ لڳو. ڏالجو سارو شهر انهي پٺيان هلڻ لڳو: اهڙو ته ٻاڪر ڪٿو مچي ويو، جو ڪڏهن ڪواريءَ لڪندي ليکڻ ۾ ڏکيو وڃي، مطلب ته ان سڄيءَ جماعت جي ڪچهري ڏي ويندي ڏوڙ اهڙي اڏاڻي، جو گويا آسمان تي ڪو غبار چڙهي آيو هو يا ڪو سخت طوفان لڳو هو.

جو ڏانهن راوڻ جي ڪچهريءَ ۾ جيڪي دربان بيٺل هوا، تن سمجهيو ته شايد ڪو دشمن جو لشڪر شهر ۾ گهڙي آيو آهي. سو انهن وڃي راوڻ کي خبر ڏني ته "مهاراج اجهو سامهون آهي پالڪر ڪاهيندا ٿا اچن. جلدي تيار ٿيو." تنهنتي راوڻ جي حڪم موجب اسڪر يوڌا تمار ٿيا جي ڪيترنئي قسمن جا شستر استر کڻي انهن ڏانهن ڊوڙڻ لڳا پر جنهن مهل ڏٺائون ته هي سڀ ڳوڙ بڪيو سلوچنا جي پٺيان آهي، تنهن مهل هٿ هڻيندا لهي ٻين سان گڏ ڪچهريءَ ۾ پهتا. راوڻ پنهنجي نهن جو اهڙو حال اکين سان ڏسي ڏاڍو ڪروڌ مان ٿي ويو ۽ پنهنجي نهن جي مٿي کي هٿ رکي چوڻ لڳو ته "سلوچنا! چا توکي ۾ اهڙيءَ حالت ۾ سچ پچ ڏسان ٿو، يا

ريت لکڻ لڳي:-

پلهار وچان انهيءَ پريوءَ جي ناٿ تان! ڪهڙا نه اهي مو
اگياني پرش چئبا، جي رام ۽ لڪشمڻ ۾ منشيه هئڻ جي ڀ
رکن ٿا! اهي ته ساکيات انهيءَ پورڻ پرشوتم جو اوتار آه
جنهنجو شنڪر ۽ سرسوتي هميشه گڻانواد ڳائين ٿا، ۽ جو سا
وشو جو مالڪ، اجر، امر، دکر سکه کان رهت الروڪلپ
نراڪار ۽ چيتنيه آهي. برهم سروپ پرماتما شري رامچند رج
پرٿويءَ تان اڌرم روپي بار لاهڻ لاءِ منشيه جو اوتار ڌاري
اچي پرڪهت ٿيا آهن. آءُ پاڻڪي ڪيتري قدر ڀاڳوارو سمجهان
تنهنجي خبر ڪانه اٿم. هي سلوچنا! ساکيات مڪتي روپ
ديالوءَ پرماتما لڪشمڻ جي روپ ۾ موتي ديا ڪري هيءُ
سنسار روپي بندن توڙي موکي مڪتي دان ڪئي آهي."

جنهن مهل ميگهناد جي پيچا ايترو لکي بس ڪئي، اوڏيءَ
مهل سلوچنا اهو ڪاغذ ڪڍي پڙهڻ لڳي ۽ پڪ ٿي ويس ته
اها برابر سندس پتيءَ جي ئي هٿ آهي ۽ سچ پچ سندس پراڻ
ناٿ جن پرٿويءَ روپي سيجا تي هميشه لاءِ آرام ڪري رهيا
آهن. هاءِ ڙي وڏا! جنهن سلوچنا ڪڏهن منهن ۾ نه کهنجايو
هوندو، تنهن ئي سلوچنا جي نيترن روپي پروت مان اڄ
اڙڪن روپي ندي وهي رهي آهي ۽ هوءَ چرين وانگر پرٿويءَ
تي ليٽري رهي آهي، اهڙيءَ طرح جو وار سندس ڇڙيا پيا آهن
۽ ڪپڙا سندس مٽيءَ سان ڀريا پيا آهن. جنهن سلوچنا جي
سندرتائي ۽ انگن جي ڪوملتا ڏسي ڪامديو جي اِستريءَ رتيءَ
[illegible] حسد جي باه ۾ پاڻڪي ساڙيو ٿي، اُهائي شويا جي ديوي اڄ
[illegible]ڙي مها وڪرال سروپ ڌاڪڻي نظر اچڻ ۾ لڳي. سلوچنا

ها ها ڪارشبد ڪري رئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي "هاءِ ناٿ! ڇـا سچ پچ اها انهيءَ ويربرش جي پتا آهي جنهنجي رکو ڪلي بڻڻ سان ئي اِندر جو آسڻ لڏڻ لڳندو هو، ۽ جنهنجي يـد کي ڏسي ديوتائن جا هردا ويرڻ ٿي پوندا هوا. ڇـا اڄ اهوئي منهنجو پراڻن جو آڌار هي اسار سنسار ڇڏي پڌارجي ويو؟ اهڙي نه ٿي نه! شايد اها ڪنهن ديوتا جي ٺڳي هوندي! پر ڇا ڪڏهن ڪدهڙ به شينهن جي اهڙي قسم جي بيعزتي ڪري سگهيا هو؟ هرگز نه! جنهنجي ياد ڪرڻ سان ديوتائن جو منهن لهي ويندو هو، ڇا اهي ديوتائون اهڙي ويربرش سان گستاخي ڪري سگهندا؟ هرگز نه!" اهڙي طرح سان سلوچنا طرحين طرحين جا ترڪ وترڪ ڪندي پنهنجي من ۾ اسنڪير ويچار ڪري اهڙي ته ٿي ۽ باولي ٿي پيئي، جو ڪيس پنهنجي شرير جي به سڌ نه رهي. هاڙي ورڌاتا! جنهن سلوچنا ڪڏهن سپني ۾ به دک جو نالو نه ٻڌو هو، ساڳي سلوچنا اڄ ٻالڪي دکـــ روپي ساگر ۾ ٻڏل سمجهڻ لڳي. نيٺ هٿ جوڙي پنهنجي پتيءَ جي ٻانهن کي چوڻ لڳي ته "هي پراڻ ناٿ! جيڪڏهن هيءَ سچ پچ توهانجي ٻانهن آهي، ته موڪلي خاطري ڏياريو، ته مان به هي پنهنجو شرير توهانجي چرڻن ۾ ڏيان ڪندي سمرپڻ ڪري ڇڏيان."

سلوچنا جنهن مهل اهي وچن چيا، تنهن مهل اها ٻانهن يڪدم پنهنجو هٿ پساري ڪجهه لکڻ ڏي اشارو ڪرڻ لڳي، تنهنتي سپاهي يڪدم ڊوڙي ويو ۽ مس ڪلڪ ۽ ڪاغذ ڪڻي آيو ۽ اهي اُن پتا جي اڳيان رکيائون. عجب جو، اها ٻانهن پنهنجي هٿ سان اهـا ليکڻ ڪڻي ان ٻني تي ڪجهه ميٺي

ويا. ڀڳوان رامچندر اهو سر ڏسي انجي رڪي ڇڏڻ لاءِ
ڪئي. انموجب سگريو اهو وڃي يتن پورڪ رکايو. ا
مهل شري رام ۽ لڪشمڻ ٻئي ڀائر پنهنجي ڪنڪ س
ڏاڍا شوڀائيمان ٿيڻ لڳا.

شو جي چوڻ لڳو ”هي پاروتي! انهيءَ پرڪار اهو ڪنرويرُ
مارِيو ويو، جنهنڪري ديوتائون، منشيه ۽ مهيشور سڀ سک
ٿيا. هاڻي هي ورتانت ٻڌ.“

ميگهناد جي هڪ پاڻهن لڪشمڻ جي ٻاڻ سان ڪپيل
رت سان ڀريل پڪيءَ وانگر اڏامي وڃي لنڪا ۾ سندس
گهر جي اڱڻ منجهه پيئي. اُتي سلوچنا ويٺي هئي، جا روپ
۽ گڻن ۾ ڪامديو جي استري رتيءَ کان ٻه ڏهه رتيون سرس
هئي. اها واسڪي ناگ جي ڪنيا، راوڻ جي نهڻ ۽ اندر
جي دشمن ميگهناد جي استري هئي. اوڏيءَ مهل اها پالاسون
جي سنگاسن تي ويٺل آهي، جنهنجي چو ڌاري ويا ڏرن چون
استريون نچي ۽ ڳائڻ وغيره ڪري رهيون آهن. آها! جنهن
سلوچنا جي مندر ۾ ساکيات رڌيون ۽ سڌيون اوتار ڌاري
ڪم ڪاج ڪري رهيون آهن، جنهنجي رنگ محل جو راجيه
و ٿيو سک ديوتائن کي ٻه ملڻ مشڪل آهي، اهڙيءَ سک مير
ور رتيءَ تي دکر جو پهاڙ اچ ڪرڻ پائي! جنهن مهل سلوچنا
ي اها خبر پيئي ته ڪا پاڻهن ڏرکان ڏار ٿيل جنهنمان
ن جي ڌارا وهي رهي آهي، منهنجي اڱڻ ۾ اچي پيئي
ب، تنهن مهل اُها سلوچنا پنهنجي سنگاسن تان اٿي سکين
ا گڏ ٻاهر آئي ۽ اچي اُها ساري رت سان ڀريل پاڻهن ڏٺاءِ.
نجي پتيءَ جي پاڻهن اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي ويچاري سلوچنا

اهي وچن چئي هن پراڻ تياڳيا. تڏهن انگد ۽ هنومان چيو ته "هي اندرجيت! تنهنجي ماءُ کي جس آهي، جنهن اهڙو ويرپتر ڄڻيو، جو ڀڳت کي ڏنڊ ڏيڻ لاءِ يم جي سمان هو. ڀڳوان جي ويري راوڻ جو پتر ميگهناد جو لڙائيءَ ۾ وڏو بهادر هو، جنهنجي مهما اپار هئي جنهنجي پرتاپ سان راوڻ نرڀيه رهندو هو، جنهن پنهنجن ٻاهن جي ٻل سان اندر کي به وس ڪري ڇڏيو هو ۽ جنهن چوڏهين لوڪ جيتي وڏو جس پاتو هو، ان دشمن روپ ورکش جي پاڙ لڪشمڻ اهڙيءَ طرح ڪاٽي ڇڏي جهڙيءَ طرح ڏاتي گلن جي وڻ جي پاڙ کي اکوڙي ڇڏي، يا ته اندر پنهنجو تکو وڄ ڪڍي جبلن جا پکه ڪپي انهنکي بيحال ڪري ڇڏي. ميگهناد جو شرير يڌ روپي سمنڊ جي رت روپي جل ۾ ڪاٺ وانگيان ترڻ لڳو. انجا وڪرال ڏند ۽ ڀوائتي شڪل، ڪهاڻا وار، بيحول اکيون ۽ ٻاهه جي لاٽ وانگيان ٻاڙهي جيڀ ڏسي سڀڪنهنکي ڀو ٿي ٿيو. لڪشمڻ جي مٿان ديوتائن پشپن جي ورکا ڪري "جيءِ جيءِ" شبد اچاريو ۽ چوڻ لڳا ته "هي جڳت آڌار لڪشمڻ! تو واکي جئي ٿئي، جو توهان سڀني ديوتائن جو اڌار ڪيو." اهڙيءَ طرح سڀ ديوتائون لڪشمڻ جو جس ڳائي پنهنجي پنهنجي استان تي ويا. لڪشمڻ ڪرپا جو سمندر شري رامچندر وٽ آيو. ايندي شرط شري ڀڳوان جي چرنن ۾ اچي سيس نوايائين. تڏهن ڀڳت وتسل رامچندر لڪشمڻ کي پنهنجيءَ ڇاتيءَ سان لاتو، جنهنڪري لڪشمڻ کي ٻاڻن وغيره لڳڻ ڪري جو پريشرم ٿيو هو سو سڀ دور ٿي ويو. ويڀيشڻ اوڏيءَ مهل ميگهناد جو سر شري رامچندر جي اڳيان اچي رکيو، جنهنکي ڏسي باندر ۽ رڇ عجب ۾ پئجي

ڪان پڄو هو اُئين ئي ميگهناد کي ڏٺو ته پاڻ جي رٿ
جون آهو تيون ويٺو ڏئي. تڏهن باندرن اُنجو يکيو
ڪندن ڪري وڌو. انهيءَ دوندي به ميگهناد اُتان نه
پوءِ هي وري اچي وڏائي ڪرڻ لڳا. انهيءَ مطابق تي
هو اهو يکيو ڪرڻ ڇڏي ڏئي آخر انهيءَ وڏائي ڪندي به
اُتان نه اٿيو. تڏهن انکي وارن ڪان جهلي اُتان گهلڻ ۽ لتو
مڪون هڻڻ لڳا. انهيءَ تي لاچار ميگهناد کي اٿڻو پيو، جنهنڪري
هو ڪروڌ ڪري، ترشول هٿ ڪڍي، انهنجي پٺيان پيو. تڏهن
انگد ۽ هنومان ڪروڌ ۾ ڀرجي ان ڏانهن ڊوڙيا، پر هن ترشول
هڻي هنهي کي پرٿويءَ تي ڪيرائي ڇڏيو. تنهنکانپوءِ هن راڪشس
وري جتي لڪشمڻ تي پنهنجو تکو ترشول هلايو، پر لڪشمڻ
انکي پنهنجي ٻاڻ سان به ٽڪر ڪري ڇڏيو. تنهنکانپوءِ انگد
۽ هنومان پرٿويءَ تان اٿي ڪروڌ ڪري هنکي ٻاڻ هڻڻ لڳا،
پر هنکي هڪڙو گهاءُ به ڪونه ٿيو.

هاڻي انهن باندرن کي عجب لڳو ته هي شترو مارڻ سان
به نٿو مري. ميگهناد اوڏيءَ مهل گرجنا ڪري وري انهنجي
پٺيان ڊوڙيو، تڏهن لڪشمڻ زور سان ٻاڻ ڪشي ڦٽو ڪيو،
ان ٻاڻ کي ڏسي هو غائب ٿي ويو ۽ ڪي ٻئي پٺيان ٻاڻ
...ڻ لڳو. انهيءَ تي لڪشمڻ جي سينا سڀ ڊهي وئي ته
...کين مرڻدو. لڪشمڻ اوڏيءَ مهل پنهنجيءَ سينا کي وياڪل
... ، شري رامچندر جي پرتاپ جو سمرڻ ڪري ۽ ٻاڪل
...ڏ مان تي ڪري ڏنش تي ٻاڻ چاڙهي، اهڙي زور سان
...ڏانهن ڦٽو ڪيو، جو اهو ٻاڻ هنجي ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳو،
...ي لکندي ٿي "جيءِ لڪشمڻ! جيءِ، جيءِ شري رامچندر! جيءِ"

ويشسٽ شري رامچندرجن وٽ اچي، چيو تہ "هي پڀو! هيءَ دشت مايائي ديوتائن جو شترو، ڪ ڪلا ۽ اپرتو يکيہ ڪري رهيو آهي. جي اهو يکيہ پورو ڪري اٿندو، تہ پوءِ هنکي جيتڻ ڏاڍو ڪٺن ٿي پوندو." اهي وچن ويشسٽ جا شري رامچندرجن ٻڌي، خوش ٿي، انگد آدي ڪيترائي باندرن کي گهرائي آکيا ڪئي تہ توهين سڀ لڪشمڻ سان گڏجي وڃي انجو يکيہ جلد کنڊن ڪريو. شري رامچندرجن ڏٺو تہ لڪشمڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ان راڪشس کي ماري نہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ هنکي ديوتائن کان ور مليل آهي ؛ لڪشمڻ برابر ١٢ ورهہ ننڊ، اَن ۽ استري ڇڏي ڏني آهي، تنهنڪري هي انجي هٿان ئي مرندو. اهڙو ويچار ڪري لڪشمڻ کي حڪم ڪيائين تہ "هي پترا! تون جلدئي باندرن جي سينا وٺي وڃي هن راڪشس کي ماري ڇڏ ڇا ڪاڻ تہ ديوتائن کي پڻ ٻهت ڏسي مونکي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. هي جامبونت، سگريو ۽ ويڀيشڻ! توهين ٽيئي جڻا بہ ان سينا سان گڏجي وڃو." ڇڏهن رامچندر اها آکيا ڪئي، تڏهن ڪمر ۾ ترڪش ٻڌي، هٿ ۾ ڌنش کڻي، ڀڳوان جي پرتاپ جو هردي ۾ ڌيان ڌري لڪشمڻ ميگهہ جي سمان گنڀير واڻيءَ سان چيو تہ "اج آءٌ ميگهناد کي مارڻ کانسواءِ جي خالي آيس، تہ پاڻکي شري رامچندر جو سيوڪ نہ چوائيندس. آءٌ شري رامچندر جو سنهن کڻي ٿو چوان تہ ڪٽي ڪير بہ اچي انجي سهائتا ڪندو، تہ بہ مان هنکي ضرور ماريندس." ايترا وچن چئي، شري رامچندر جي چرنن ۾ سيس نوائي انگد آدي سيني شورويرباندرن، جن تہ هنومان سگريو وغيره ۽ ويڀيشڻ کي ساڻ وٺي آئي هليو. باندرن جهڙي طرح ويڀيشڻ

جو سردار ۽ پيا جي منجهيءَ ۾ هوا، سي چوڻ لڳا ”ري دشت ڀڄ اٿي.“ اهي وچن ٻڌي ميگهناد کي ڏاڍو ڪروڌ آيو ۽ چوڻ لڳو ”اڙي نيچ! اڙي مورک جامبونت! مون تہ تو کي ٻڍو ڄاڻي ڇڏي ڏنو، سو تون ٿو مونکي گردن کان جهلين؟“ ائين چئي يڪدم ترشول هڻڻ لڳس تہ ايتري ۾ جامبونت يڪدم هڪ ڏڪ اهڙو هنجي ڇاتيءَ ۾ هنيو، جو هو چڪر کائيندو پرٿويءَ تي ڪري پيو. اوڏيءَ مهل جامبونت ڪروڌ ڪري پيرن کان جهلي ڦيرائي، پرٿويءَ تي ڦٽو ڪري پنهنجو بل ڏيکاريس

معلوم هجي تہ ميگهناد تمام ڪٺن تپسيا ڪئي هئي، جنهنڪري ڀڳوتيءَ انکي ادرشير وادن (غائب ٿيڻ ۽ سواري) ۽ هڪ ور ڏنو هو تہ ”تون ڪنهن بہ جيو جي هٿان نہ مرندين؛ پر جيڪو ١٢ ورهہ آن کائڻ ۽ ننڊ ڪرڻ ۽ استريءَ سنجوڳ ڪرڻ جو تياڳ ڪندو، تنهنجي هٿان مرندين.“ انهيءَ ور جي ڪري جو جامبونت کان مري نہ سگهيو. تڏهن بہ جامبونت هنکي وري جهلي ڦيرائي ڪٽي لنڪا ۾ ڦٽو ڪيو. هيڏانهن ناردمنيءَ يڪدم گرڙ کي موڪليو، جنهن جلدي اچي سيني ناگن کي هڪ پل ۾ ... ڪائي چٽ ڪرڻ سان اها مايا، جا ميگهناد رچي هئي، سا يڪدم ...س ڪري ڇڏي؛ جنهنڪري سڀ باندر اٿي کڙا ٿيا، ۽ ... ڏاري آنند ڇانئجي ويو. پوءِ باندر سڀ ڪروڌ ڪري پٿر ... وڻ وغيره ڪٽي اڏائڻ ڊوڙڻ لڳا. تڏهن ميگهناد ڏاڍو ...ڪل تي يڪدم قلعي تي چڙهي ويو. انهيءَ مهل پنهنجي ...ڪي ڏسي ڏاڍو ڏکو ٿيو ۽ اچي يگيہ ڪرڻ جو من ۾ پڪو ...ل ڪري هڪ گُڦا ۾ پرويش ڪري ويو. اها خبر ٻڌي

"پڪڙيو، پڪڙيو ماريو، ماريو". اهي شبد ٻاندرن کي ٻڌڻ ۾ آيا، پر ماري ڪير ٿو، اها ته پتني خبر ڪانه ٿي پيئي. ٻاندرن پوڇن جا ٽڪر ۽ وڻ ڪٽي مٿي آڪاش ۾ ڏوڙيا- پر ڏسڻ ۾ ڪجهه به ڪين آين، تنهنڪري لاچار موٽي آيا. ميگهناد ٻيدي رستي لڙائي ڪرڻ لڳو. اوڏيءَ مهل جنهن مان انگد، نيل ۽ نل ڪان آدي جيڪا سينا هئي، سا وياڪل ٿيڻ لڳي. ميگهناد سڪريو، ويڀيشڻ ۽ لڪشمڻ کي به پنهنجن ٻاڻن سان ڏاڍو وياڪل ڪيو. تنهنڪانپوءِ شري رامچندر سان لڙائي ڪرڻ لڳو. اهڙا ٻاڻ ڇڏڻ لڳو، جو جڏهن ته ناڳ ٿا لڳن. جو پنهنجي وس، اننت، ايڪ رس ۽ وڪارتي رهت ڀڳوان، سو ناڳ ڦاهيءَ ۾ ٻڌجي پيو. ڀڳوان رامچندر جن ته سدا ستنتر آهن، پر ٻازيگر جي ٻازيءَ واڪيان اليڪ ڪپٽ چريتر ڪن ٿا. رگهو پتيءَ جي مهت (مهما) وڌائڻ لاءِ انهن ناڳ ڦاهيءَ ۾ ٻڌجڻ قبول ڪيو. آها! اها ڪاله ڏسي ديوتائون سڀ ڏجي ويا.

ڪاڪ ڀشنڊ جن چون ٿا "هي ڪڙ! جنهنجي نالي کي جپي منش سنسار روپي ٻنڌن کي ڪٽي سگهي ٿو، اهڙو سرو وياپڪ ۽ وشو ميرڀڳوان جا ٻنڌن ۾ اچي سگهي ٿو؟" شو جي چوڻ لڳا "هي پاروتي! اهي رامچندر جا سڳڻ چريتر آهن، جنهن ٻڌيءَ ٻل ۽ واڻيءَ سان ڪجهه به ترڪ ڪري نٿو سگهجي. جي برهم وراڳي پرش آهن، سي انهن ترڪن کي ڇڏي نجه شري رامچندر جن جو ڀڄن ڪن ٿا."

تنهنڪانپوءِ ميگهناد سڄي سينا کي وياڪل ڪري ڏرو ڄڻ (ڪاروان ڪند) چوندو ظاهر ٿي بيٺو. تڏهن جا مبولت، ڏهن

مٿي ٽٽي پوندو آهي. پوءِ ته راڪشس ڏڪ ڏيئي
اهڙيءَ طرح ناس ٿيڻ لڳا جهڙيءَ طرح ڪي پنهنجي مک سان
ڪري ڪيل ستڪرم ناس ٿي ويندو آهي. راوڻ پنهنجي
پراڪرمي ڀاءُ جي سر کي هٿن ۾ رکي وارونوار ورلاپ ڪ
لڳو، ۽ استريون به انهي پراڪرم ۽ تيج کي ڳائينديون رئ
پٽڻ ۽ ڇاتيون ڪٽڻ لڳيون. انهيءَ وقت ميگهناد، جو راو
جو پٽ هو، سو آيو، ۽ اچي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون
ٻڌائي پنهنجي پتا کي دلداري ڏيڻ لڳو. چي "هي پتا! سڀاڻي
منهنجو پراڪرم ڏسجو. آءٌ پنهنجي مک سان ڇا چوان؟ هي
پتا! مون پنهنجي اشٽ ديو کان جو ور ورتو آهي، سو
تو هانکي ٻڌايو ٿي ڪين اٿم." اهڙيءَ طرح سان ڳپوڙا هڻندي
رات گذري وين. صبوح ٿيو ته ڪيترائي رڇ، باندر، ڇٽني
طرفن کان اچي گڏ ٿيا. هيڏانهن ڪال جي سمان وڏا وڏا
يوڌا باندر ۽ رڇ ۽ هوڏانهن تمام رڻ ڌير (لڙائيءَ ۾ ڌيرج ڌارڻ وارا)
راڪشس اچي يڌ ڪرڻ لاءِ سنيري بيٺا.
ڪاڪ ڀشنڊي چوڻ لڳو "هي ڳرڙ! سيڻي يوڌا پنهنجي
پنهنجي جيت لاءِ ڏاڍي يڌ ڪرڻ لڳا. اُن ڳوڙ سنگرام جو
ڪجهه به ورنن نٿو ڪري سگهجي.
ميگهناد مايا رٿ ۾ چڙهي يڪدم آڪاش ۾ هليو
و، ۽ پرلي ڪال جي بادلن وانگيان گرجنا ڪرڻ لڳو،
ـنکي ٻڌي باندرن جي سينا بلڪل ڊڄي ويئي. هو ڪيترن
قسمن جي شسترن، استرن پٿرن ۽ ڀالن جي آڪاش
و رکا ڪرڻ لڳو. ڏهني ڏسين ۾ ٻاڻ اهڙيءَ طرح ڇڪيڙي
جو جڻڪ مگهانڪشتر ۾ بادلن جي جهڙي لڳي آهي.

پيا. انهن ٽڪرن جي پرٿوي تي ڪري پوڻ وقت ڪيترائي رڇ، ٻاندر ۽ راڪشس انهن ٽڪرن جي هيٺان اچي چيڀاٽجي مري ويا، ۽ ڪنڀ ڪرڻ جو تيجہ ڀڳوان جي مک ۾ سمائجي ويو. اها روبڪار ڏسي ديوتائون ۽ مني سڀ عجب ۾ پئجي ويا، ۽ ديوتائن اوڏي مهل آڪاش ۾ نغارا ۽ ٽريون وڄائي خوش ٿي شري رامچندر جي مٿان پشپن جي ورکا ڪئي. جڏهن سڀئي ديوتائون استتي ڪري هليا ويا، تڏهن ناردمني به اچي آڪاش ۾ شري رامچندر جا ڪڻ ڳائڻ لڳو، ۽ ڳائيندي ڳائيندي راڪشن کي "جلدئي ماريو" ايترا وچن چئي روانو ٿي ويو. اتيست ٻل جو خزانو شري رامچندر ان سنگرام ۾ براجمان آهي. سندس مک تي پسيني جون ٻوندون ٽپڪي رهيون آهن، سندس نيتر ڪملن سمان آهن. رڇ ۽ ٻاندر ڪيس چئوطرف وڪڙي ويا آهن. سندن شريررت جي ٻوندن سان ڀريل آهي. ڀاڻ ڀڃي هٿن سان ڏنش کي ڦيرائي رهيا آهن. تلسيداس جن چون ٿا "ته ان ڇٻيءَ جي ڪٿن کي هزار مکن وارو شيش ناڳ به ورڻن ڪري نٿو سگهي."

مهاديو جي چوڻ لڳو ته "هي پاروتي! اهو راڪشس ۾ تمام وڏو نيچ ۽ پاپي هو، تنهنکي به ڪرپالنڌان شري رامچندر جن ماري پنهنجو ڌام ڏنو. تنهن ڪري اُهي منشيہ مورک آهن، جي شري رامچندر جو ڀڄن نٿا ڪن."

ڏينهن اچي پورو ٿيو ۽ سانجهيءَ وقت ٻئي سينائون پنهنجن سٿالن تي ويون. ان ڏينهن ڀڳ ۾ ٻوڏن کي اکرچ ڏاڍو پريشرم ٿيو، تڏهن به شري رامچندر جن سان ٻاندرن جي سنا ۾ ٻڙ، انين وڌيو، جنهن ڪ چٽڪر مان وڏي اکين جو ڪ وڏو

اهڙا ورلاپ ڪندي پرڀو جن ڌنش ٻاڻ ڪڍي پنهنجي سنڌ
پٺيان ڪري ۽ ٻاڻ اڳيان تي هڪسو ٻاڻ ڪنڀ ڪرڻ
هنيا، جي لڳڻ شرط انهجي شرير ۾ چهبي ويا. ٻاڻن لڳڻ
ڪنڀ ڪرڻ اهڙي ڪروڌ مان رامچندر جي پٺيان ڊو
جو انهجي ڊوڙڻ وقت پرٿوي ۽ پروت سڀ ڌڪي ويا
ان هڪڙو پروت اکوڙي اچا هٿ ۾ کنيو، تہ رامچندر انهي
ٻاڻن کي پنهنجي ٻاڻ سان وڍي ڇڏيو. تنهنتي هن ا
پروت وري ٻئي هٿ ۾ کنيو، تہ اهو هٿ بہ شريرامچند
وڍي ڇڏيس. تڏهن ڪنڀ ڪرڻ گهڻي ڪروڌ ۾ اچي
وڏو گهور آواز ڪري، وات پٽي شري رامچندر جي پٺيان
ڊوڙيو. تنهن مهل سڀ ديوتائون ڊڄي ڪري هاهاڪار مچائڻ
لڳا. جڏهن ڪرڪانڌان شري رامچندر جن ڏٺو تہ ديوتائون
بہ ڀير کي پراپت ٿيا آهن تڏهن پنهنجي ڌنش کي ڪنن
تائين ڇڪي ڪن هزارن ٻاڻن سان ان راڪشس جو وات پوري
ڇڏيائين. تڏهن بہ هو مهابلي پرٿوي. تي نہ ڪريو، ۽ ٻاڻن
پريل وات سان بہ اهڙيءَطرح سامهون ٻئي آيو، جو ڄڻ تہ خود
ڪال مورتي ڌاري پيو اچي. تڏهن ڀڳوان اتي ڪوپوان ٿي
ڪ تکو ٻاڻ هٿ ۾ کڻي، انکي اهڙي زور سان هنيو، جو
سر ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏيائينس. اهو سر راوڻ جي اڳيان
وڃي ڪريو، جنهنکي ڏسنديئي هو اهڙو وياڪل ٿيو، جڻن
ڪ مڻي کانسواءِ نانگ وياڪل ٿئي ٿو. اهو ڌڙ پوري تي
وڙڻ لڳو، جنهنڪري پرٿوي ڌڪڻ لڳي. تنهنتي ڀڳوان
ڙ کي وچان ڪپي ٻہ ٽڪر ڪري ڇڏيو. اهي ٻہ ٽڪر پرٿوي
اهڙيءَطرح ڪريا، جو ڄڻ تہ آڪاش مان ڪي پروت ڪري

ڇاڙهي ڏڪلڪر ٻاڻ دشمن تي ڦٽا ڪيا، جي ڇڄ ۾ ڪنهن
وارن ڏاڍن وانگر انهن تي ڪرندا ڏسڻ ۾ آيا. انهن
ٻاڻن ڪيترن ئي وڏن وڏن يوڌن راڪشسن جا سر،
ٽڪون ۽ ٻانهون ڪپي ڇڏيون، ۽ ڪن جي سڄي شرير کي
ڇيڻ ڪري پرزا ۾ ملائي ڇڏيو. مطلب ته ڀڳوان جي
ٻاڻن هڪ ڪڻ ۾ ايڪ دشمن کي ماري وري اچي ساڳئي
ترڪش ۾ پرويش ڪيو. جڏهن ڪنڀڪرڻ ڏٺو ته مارا
ڪڙي ڪن ۾ شري رامچندر جيترا راڪشس ماري وڌا، تڏهن
هو ڏاڍو ڪروڌ مان ٿي شينهن وانگيان گرجنا ڪري، پروتن
کي اکوڙي جيڪي وڏا وڏا يوڌا باندر هوا، انهنجي مٿان
ڦٽا ڪرڻ لڳو. ڀڳوان انهن پروتن کي ايندو ڏسي ڪين
جهٽ ۾ پنهنجن ٻاڻن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري مٽي ۾ ملائي
ڇڏيو. وري رامچندر ڪروڌ ڪري ڏنهن ڇاڙهي ڪيترائي
ڀيڪر ٻاڻ ان تي ڇوڙيا. ٻاڻ لڳڻ ڏيئي شرط شرير ۾ اهڙي
طرح پرويش ڪري ٿي ويا، جهڙيءَ طرح ڪ بادلن ۾ وڄ پرويش
ڪري ويندي آهي. ڪنڀڪرڻ کي وياڪل ڏسي رڇ ۽
باندر ڊوڙي وڃي ويا. تڏهن هو مٿن ڪلڻ لڳو، ۽ گرجنا
ڪري، وڏي ويگ سان راوڻ جي جيءَ مثابندي، ڪيترن ئي
باندرن کي پڪڙي پرٿويءَ تي ڪيرائي ڇڏيائين، جنهنڪري
رڇن ۽ باندرن جون ٽوليون جون ٽوليون هيڏانهن هوڏانهن
ڀڄڻ لڳيون.

شو جي چوڻ لڳو هي پاروتي! رڇ ۽ باندر ڏاڍو وياڪل
ٿيا. جنهي پڇڻ لڳا ته "هي راڪشس ڪال جي برابر
" هي رامچندر جي، اسانجي توهين رکيا ڪريو."

انکي شري رامچندر جو پکيت ڄاڻي هو ڏاڍو پرسن ٿيو
وپشٽ تڏهن پڇايس ته "هي پراتا! مون راوڻ کي شري
رامچندر سان ميلاپ ڪرڻ جي صلاح ڏني، پر ان ايمانئي
مونکي لت هڻي ڪڍي ڇڏيو، جنهن ڪري آءُ اڏان ٽکري
پکيڻن تي ڪرپالو شري رامچندر جي شرڻ آيس، جنهن
مونکي پنهنجو ڪري ڇڏيو." تنهنتي ڪنڀ ڪرڻ چيس
"هي پترا راوڻ ڪال جي وس ٿيو آهي، تنهنڪري ڪيس
اتم سکيا ڪڏهن به لڳي ڪين سگهندي. هي پائو وپشٽ!
تون ڌنير آهين جو شري رامچندر جي چرڻن ۾ سدا نواس
ڪري رهيو آهين تو بيشڪ پنهنجو راڪشس ڪل تاريو.
...ي پاءُ! هاڻي تون مونو ٿان هليو وڃ، ڇاڪاڻ ته هينئر مونکي
...ائو ڪجهه به نٿو سجهي جڏهن ته آءُ به راوڻ وانگر ڪال جي
...س تي ويو آهيان." پاءُ جا اهي وچن ٻڌي وپشٽ ترت
...رڻ شري رامچندر جن وٽ موٽي آيو ۽ چوڻ لڳو ته "هي
...ت! ٻوت جي سمان شرير وارو شوروير ڪنڀ ڪرڻ
... ڪرڻا اچي پهتو."
... باندرن ۽ رڇن اچا ڪراهه ٻڌا ديئي، ڪن وڻ پٽي ڪنيا ۽
... ڪري اچا يڪدم هن راڪشس جي مٿان زور سان ٿيا
...لڳا. ٻر هن جي ليکي ته جڻ ڪي ڪکر ٻن پيا ٻت
...ڪرنس. پوءِ ڪنڀ ڪرڻ ڪروڌ ڪري باندرن جي
...پيو ۽ يڪدم ڪيڻن کي مورڇا ڪري وڌاءِ. ايترا
...ڪنڀ ڪرڻ کي ڌڪ لغتي اهڙي زور سان هڻي،
...پاڪل تي ٻوٽوئي تي ڪري پيو ۽ ڪجهه وقت سر
...ڪو. ٻوري جلد اٿي ڪروڌ ڪري هنومان کي

ڪلياڻ آهي. ڇا رامچندر کي تون منش ڪري ڄاتو آهي؟ جنهن جا نوڪر هنومان جهڙا پراڪرمي پرش آهن، ان ڀڳوان سان هي راوڻ! تون وير ٻڌو آهي؟ جنهن جا برهما ۽ شو آدي جهڙا ديوتا آهن، سي سڀ شيوڪ آهن، تنهن ڀڳوان سان، هي راوڻ! تون ويرڌ رکيو آهي؟ مونکي ڀڳ جي آراڌنا ڪندڙن، اڌارين ها ۽ ته جيڪر ڏاڍو چڱو ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته نارد مني مونکي اڳ ۾ ٻڌايو هو ته پرٿوي ماتا راڪشسن کان ڏکي ٿي، ڪئو جو روپ ڌاري ڀڳوان سوٽ پرارٿنا ڪرڻ لاءِ ويئي هئي. جنهن تي شري ڀڳوان جن پرتگيا ڪئي هئي ته "آءٌ جلد سورج ونش ۾ اوتار وٺي راڪشسن کي ماريندس." اهي نارد مني جا وچن، آءٌ جيڪر توکي ٻڌايان ها، پر هاڻي ڇا ڪجهه؟ ٻڌا ته سڀ مارائي ويٺين. هي راوڻ! هاڻي توکي مون سان جيڪي ملڻو هجي، سو ملي وٺ، ڇو ته مان به وڃي تنهن شيام سرير ڪمل لوچن ترتاپ موچن ڀڳوان جو درشن ڪري، پنهنجا نيتر سڦل ڪريان." ايترا وچن چئي ڪنڀ ڪرڻ شري رامچندر جي ڪٺن ۽ روپ جي يادگيري ڪري پريم ۾ مگن ٿي ويو.

راوڻ اهو حال ڏسي، جهٽ ۾ ڪروڙين گهڙا شراب جا ۽ انيڪ مينهن گهرائي، اهي سڀ سامگري ڪٺي ڪنڀ ڪرڻ جي اڳيان رکي. ڪنڀ ڪرڻ اهي سڀ مينهن کائي ۽ سڀ مڌ پي ڏاڍو مست ٿيو، ۽ اهي سڀ سڌ ٻڌائي، جهٽ گجگاج ڪري، اڪيلوئي پاڻ لڙائي جي ميدان ڏانهن روانو ٿيو. انکي ڏسي وڀيشڻ يڪدم سندس پيرن تي ڪري پيو ۽ پنهنجو پاڻ ٻڌايو. ڪنڀ ڪرڻ انکي پنهنجي ڇاتي سان لاتو، ۽

وري پرهست لڙائي ڪئي تنهنکي نيل نالي باندر ماريو وري مهودر نالي راڪشس ڪروڌ ڪري آيو تنهنکي جمت هنومان ماري وڌو. تنهنکانپوءِ اتيڪاير نالي راڪشس آيو، جو انهن ڏهن جي لڙائيءَ بعد هارجي ويو. تنهنکانپوءِ ڪنڀ ۽ نڪنڀ ناليوار ٻئي راڪشس لڙائي ڪرڻ آيا، هي پنهنجو ڏينهن ڪهور يڌ ڪري مئا. تنهنکانپوءِ وري وڏو پهلوان مڪراڪشير نالي راڪشس آيو، جنهنکي لڪشمڻ ماري وڌو.

ايترن راڪشسن جي مرڻ جو سماچار جڏهن راوڻ ٻڌو. تڏهن وياڪل ٿي پنهنجي وڏي ڀاءُ ڪنڀ ڪرڻ کي، جو ...هور ننڊ ۾ سمهيل هو، اُٿارڻ لاءِ ويو، ۽ بلڪل گهڻن اپاون ...ڪرڻ سان انکي مسين مسين اٿاريائين. جڏهن ڪنڀ ڪرڻ ...ڳيو، تڏهن اهڙيءَ طرح تي ڏسڻ ۾ آيو ته ڄڻڪ ڪال هڪمورتي ...ي آيو آهي. ڪنڀ ڪرڻ پڇيو ته "هي ادا! تنهنجو ...ه ڇو سڪي ويو آهي؟" تڏهن ايماني راوڻ سڀ ڳالهه ...ي ٻڌايس. جهڙيءَ طرح سيتا ماتا کي چوري آيو هو، سو ...و قصو ڪري ٻڌايائينس. نيٺ ائين چوڻ لڳس ته "هي ...! باندرن منهنجي سڀ لشڪر ۾ جي وڏا وڏا پهلوان ...ر، اتي ڪاير، ڪنڀ ۽ مهودر آدي هوا، تن سڀني ...اس ڪري وڌو آهي،" ايترا وچن راوڻ جا ٻڌي ڪنڀ ...ڏاڍو ڏکي ٿي، منهن ۾ گهڻو پائي چوڻ لڳو ته "هي ...! جڳت جي ماتا کي چوري ڇا تون ڪلياڻ ٿو ...؟ هي راوڻ! تو چڱو ڪم نه ڪيو، جو مونکي هاڻي ...ن اُٿاريءِ. هينئر ۾ منهنجو ڇو مڃين؛ ته ايمان کي ...و جي شري رامچندر جو پوڄن ڪر، ته انهن تنهنجو

ته اهڙو پراڪرمي پرش ٿي ڪري بن ۾ پنهنجي استري وڃائي ڪجھه به ڪين نه ڪيائين؛ ڇاڪاڻ ته استري جي هاڃي ڪا وڏي هاڃي نه آهي. پر هاڻي تنهن هي منهنجو ڀرڙ ڪنور مردو بڻيو اهڙيس سهي رهيو آهي. هي پراڻيا! تون پنهنجي ماتا جو هڪڙو پيارو پراڻن جو آڌار سڪيلڌو پٽ آهين. هن منهنجي سکر لاءِ توکي هيڏاهن موڪليو، سو آءٌ ڪهڙو منهن کڻي اوڌ ويندس؟"

شوجي پاروتيءَ کي چوڻ لڳا ته "هي پاروتي! ديالو رامچندر ته اکنڊ برهم آهن، هي رگهو ليلا پنهنجن ڀڳتن کي ڏيکاري اٿن."

شري رامچندر جن جا اهڙا ورلاپ ٻڌي اتي جا سڀ جاتي جيو وياڪل ٿيڻ لڳا. ايتري ۾ هنومان ۽ پروت سميت يڪدم اڏيشطرح آيو، جو چڻ ته ڪرڻا رس ۾ ويررس اچي ويو آهي. ڀڳوان رامچندر جن هنومان کي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿي انسان ڳڏيا. ڇاڪاڻ ته اهي ڏاڍا سياڻا ۽ اپڪار کي مڃيندڙ هوا، پوءِ ويدير کهڙيل بوٽي کي ڪم آڻڻ سان لڪشمڻ جو علاج ڪيو جو جهٽ پٽ خوش ٿي اٿي ويهي رهيو. لڪشمڻ کي اٿين ڏسي شري رامچندرجن ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ کيس کڻي پنهنجي ڇاتي سان لڳايائون. سڀ ريڇ، باندر ۽ ٻيا جيڪي جيو اتي هوا، سي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ هنومان ويدير کي اهڙي ريت پهچائي آيو، جهڙي ريت کيس وٺي آيو هو.

الکاپوءِ ڏهمداکير دالي راڪشس ايڪادشي جي ڏيڍين تمام کهڙ ريڌ ڪئي، تنهنکي هنومان ماري وڌو. اهڙي ڪالهوءِ راڪشس اڏائي ڪئي، جنهنکي انگد ماري وڌو.

هنومان جي وڃڻ کانپوءِ ڀرت هنجو پل ۾ شريرامچندر
چرڻن ۾ سندس دردپگشي ڏسي ڏاڍو اچرج ۾ پئي من
من ۾ انجي استتي ڪرڻ لڳو.

هو ڏانهن شري رامچندر لڪشمڻ جي منهن ڏانهن نهار
چوڻ لڳو تہ "مٿان اڌ رات گذري ويئي، اجا هنومان
آيو." ائين چئي لڪشمڻ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ورلاپ
ڪري چوڻ لڳو تہ "هي ڀراتا! تنهنجو تہ سداءِ ڪومل سڀا
هو، جنهنڪري منهنجو دک تو کان سهاريو نٿي ٿيو. سو اڄ
تون گهور ننڊ ۾ سمهي پئين، تو منهنجي لاءِ ماتا پتا ڇڏيا ۽
ٻن ۾ اچي گرمي، سردي ۽ دک ڏٺئي. هي ڀراتا! اهو تنهنجو
هيترو پيار اڄ ڪيڏانهن ويو؟ اڙي پيارا! تون منهنجا اهڙا
وياڪلپڻي جا وچن ٻڌي ڇاڪاڻ نٿو اٿين؟ هي پيارا! جي
مونکي اها خبر تنهنجي جدائيءَ جي اڳ پوي ها، تہ جيڪر
پتا جي انهن وچنن کي ڪڏهن بہ نہ مڃان ها. پٽر، ڌن، استري،
محل ۽ ماڙيون، اهي سڀ سنسار ۾ وري وري ملي سگهڻ
جهڙا آهن، پر ڀائو ملڻ مشڪل آهي. اڙي ڀائو! جئن
پکر بنا پکي، مڻيءَ بنا نانگ، ۽ سونڍ بنا هاٿي تمام دکي
ٿو ٿئي، تئن آءٌ بہ تو بنا ڏاڍو دکي آهيان. من ائين ڄاڻي
اٿي کڙو ٿين."

(پڙهندڙن کي اتي خيال ڪرڻ گهرجي تہ شريرامچندر
[...]نکي ڪو موه نہ هو پر انهن اسانکي اها سکيا ڏني آهي تہ
[...]و تہ ڀائپڻو ڪهڙيءَ طرح جو هئڻ گهرجي) آءٌ ڪهڙو منهن
[...]ي ايوڌيا ۾ ويندس؟ اڙي داءِ، افسوس! استريءَ جي
پنهنجي پياري ڀاءُ کي وڃايم. سنسار ۾ اهو اپجس ٿيندم،

آهي ۽ شري رامچندرجن جو پريم به مون داس تي پورو آهي، تہ هي بالدر ڪنهن به ڏکر ڪالسواهہ اُتي ڪڙو ٿئي."

اهڙن وچنن جو ڀرت مهاراج جي مکہ مان نڪرڻ ۽ هنومان جو "شري رامچندر جي جئي" چئي اُٿي يڪدم ڪرو ٿيڻ. اوڏي مهل ڀرت هنومان کي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ جو پريم ۾ اڏيو تہ مکن ڳي ويو، جو شرير جي به سڌ نہ رهيس ۽ اکين ۾ پاڻي اچي ويس ۽ ڳالهائڻ جي سمرٿي نہ ٿيس ٿوري دير ڪالپوءِ ڀرت هنومان کان پڇيو تہ "هي پيارا! سک جي کاڻ شريرامچندر لڪشمڻ ۽ شري جانڪي ماتا تہ آنند ۾ آهن؟" تڏهن هنومان ڀرت کي اتي جو سڄوئي حال ڪري ٻڌايو، جنهنجي ٻڌڻ سان ڀرت کي من ۾ ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ پڇتائي چوڻ لڳو تہ "هي ڏاتا! آءٌ هن سنسار ۾ ڇاڪاڻ اُتهن ٿيس جو شري رامچندر جي ڪنهن ڪم ۾ نہ آيس؟" تنهنڪانپوءِ ڀرت من کي ڌيرج ڏيئي هنومان کي چوڻ لڳو تہ "هي پيارا! تو کي وڃڻ دير ٿيندي ۽ سڀڪو ڪم سڀ بگڙي ويندو، تنهنڪري ... سمت تون منهنجي هن بائڻ تي چڙهي ... شريرامچندر وٽ ..."

ڀلا! هنومان جهڙنڪي اکيئي پرون پئي چڪيون هيون ته هي
دئيت آهي ۽ نه مئي، سو ڇا اچي وڌس وڃهو وهندو
هرگز نه! هنومان ڇا ڪيو، جو ڪيس پنهنجي ڀڃ ۾ ڪڙي
لپيٽيائين، ۽ جڏهن اچا ڪيس اٿيئي سمپورڻ ڪرڻ ٿي چاهيو ته
ايتري ۾ اهو مڻي پنهنجو ڪپٽي ويس ڇڏي پنهنجي اصلوڪي
روپ ۾ ٿي ساڻس وڙهڻ لڳو. تنهنتي هنومان ڪيس هڪ
لتڙي ۾ پرلوڪ پهچايو. اهو ڪال نيمي راڪشس پڇاڙيءَ
جو "رام رام" اُچاريندي پنهنجا پراڻ تياڳڻ لڳو.
هنومان اتي جو ڪم پورو ڪري پوءِ سڌو اڳتي راهي
ٿيو، پر جنهن مهل پروت تي اچي پهتو، تنهن مهل اها خاص
ٻوٽي سڃاڻي نه سگهيو. تنهنڪري ڇا ڪيائين جو اهو سڄوئي
پروت اتان کڻي هلڻ لڳو. جنهن مهل هنومان اهو پروت
ايوڌيا جي مٿان کڻي اڪيلي پئي ويو، تنهن مهل مهاتما ڀرت
جي نظر مٿس پئجي ويئي. ان ڀانيو ته هي ڪو راڪشس هيجي،
سو هن پنهنجو هڪ ٻاڻ اهڙي ته زور سان هنيو جو انهيءَ لڳندئي
هنومان "شري رام، شري رام" ڪندو اچي پرٿويءَ تي بيهوش
ٿي ڪري پيو. هنومان جي مکه مان اهي وچن ٻڌندئي
ڀرت مهاراج جلدئي اوڏانهن ڊوڙي ويو، ۽ ان کي وياڪل
ٿي پنهنجيءَ ڇاتيءَ سان لڳائي گهڻن يتنن سان مورڇا کي
ٽارڻ لڳو، پر هنجي مورڇا نه ٽٽي ٿي. تڏهن ٻاڻ ڏاڍو دکي ٿي،
نيڻن ۾ پاڻي آڻي، چوڻ لڳو ته "جنهن پرارٻڌ مونکي شري
رامچندرجن جو وڇوڙو ڏنو، انهيءَ وري بس هي دک ڏنم."
پوءِ ورلاپ ڪندي چوڻ لڳو ته "جي منهنجي پريتي من
ڪرم ۽ شرير سان شري رامچندرجن جي چرڻن ۾ نشڪپٽ

ڪاوت اهي چڙهيان. سو هيٺ اهي جنهن محل اهي
اپ ون ۾ داخل ٿيو، تنهن محل اهي ڪپت ويش منيءَ
ڪال ليميءَ جو درشن ڪيا ۽ ڪيس مستڪ لوائي ڇوڙ لڳو
تہ ”هي مهاراج! مون کي هن وقت اسان ڏاڍو ملاکر ڪيو
آدي، سو ڪرپا ڪري ڪو مونکي پاٺيءَ جو منڊ ڏيکاريو
تہ مان پاٺي ٻي ڏيو ڪريان.“ منيءَ اها ڳالهہ ٻڌي يڪدم ڪير
پنهنجو ڪرمنڊل ڏنو ۽ چيائينس تہ ”بابا! ان مان ٿي ڪٽي
پاٺي پيءُ.“ هنومان ڇوڙ لڳو تہ ”نہ، مهاراج ڪميا ڪندا،
مونکي ايتري پاٺيءَ مان ڇا وربدو؟ ڪرپا ڪري ڪو مونکي
سرووَر ڏيکاريو، جتان منهنجي پوري پوي.“ اها ڳالهہ ٻڌي
اهيءَ ڪپٽي ويس منيءَ ڪيس اهو مٺي ٻان ڪل سرووَر
وٺي ڏيکاريو ۽ جنهن اندر گهڙي هنومان مزي سان پاٺي پيڻ
لڳو، تہ ايتري ۾ مگري مڇيءَ اچي سندس پير پڪڙيا ۽ ڪيس
باڪل پيرا ڏيڻ لڳي. تنهنتي هنومان هنکي پنهنجي پير
جي مگري دب سان هٺي ڇتي ماري رکيو، ان مڇيءَ اهو
سريرُ ڇڏي يڪدم مگرو اپسرا جو سريرُ گرهڻ ڪيو، ۽ هٿ
جوڙي هنومان کي چوڻ لڳي تہ ”هي پراڪرمي يوڌا! مٿان
ڪي اهيءَ منيءَ تي ڀروسو ڪندو آهين، هي مني نہ آهي،
باڪ ڪال ليميءَ نالي مگرو راڪشس آهي، جنهن سڀ
ڪپٽ ڪري رکيو توکي روڪڻ ۽ هي هيترو پسارو ڪيو آهي.“
ايترو چوندي اها اپسرا آڪاش ۾ انترڌان ٿي ويئي. هنومان
اهي ٻڌي يڪدم ٻاهر نڪتو ۽ اهيءَ ڪال ليميءَ نالي راڪشس
وٽ ويو، ڪال ليمي هنومان کي چوڻ لڳو تہ ”آءُ ٻچا!
هي [illegible]، تہ توکي مان ڪيان جو اپديش ڪريان!“

لاءِ ڪٽي ڇڏيان، تہ اهو ڪاريہ بہ جيڪر ترت سڌ ٿي وڃي،
سو ڇا هي ڏڪڙو منشيہ انسان نہ مرندو؟ نيٺ سنڪلپ
ڪري اهو تير هٿ ۾ جهلي ڇوڙڻ لڳو تہ "اي برهماستر ناليءَ وارا
تير! بس ڇٽڻ سان ئي اڪشمڻ جو ڪم تمام ڪجِ." ائين
چوندي اڪشمڻ تي اهو تير اُڇلاياءِ. جڏهن اڪشمڻ ڏٺو تہ برهماستر
ميگهناد ڪان موڪليل مونکي ڀسم ڪرڻ ٿو چاهي، تڏهن دل ۾
ويچار ڪياءِ تہ "جيڪڏهن اهو ٻاڻ مان نشڦل ڪندس، تہ
انهيڪري، پتا مہ برهما جي اپڪيرتي ٿيندي، انهيڪري اهو
ٻاڻ گرهڻ ڪرڻ واجب آهي." سو ڇا ڪياءِ جو جنهن مهل اهو
تير اتان ڇٽو تنهن مهل ڪٽي پنهنجي ڇاتي اڳيان ڏناءِ، جنهنڪري
اهو تير ڪيس اچي ڇاتيءَ ۾ لڳو.

تير جي ڇٽڻ وقت ڏهنئي دشائن ۾ اندڪار ڇانئجي ويو،
[پر]توي ڪنبڻ لڳي؛ ديوتائون آڪاش ۾ هاهاڪار شبد
[ڪرڻ] لڳا؛ ۽ ائين ئي چيائون تہ "اڙي اندير تہ ڏسو، جڏهن
[بر]هما کي خبر بہ هئي تہ منهنجي هن برهماستر ۾ ايتري طاقت
[آه]ي، تڏهن اهو پرٻل استر اهڙي دشٽ راڪشس کي ڏيڻ
ضرور ڪهڙو هوس؟" انهيءَ طرح ٻيو بہ ڪجهہ جو ڪجهہ
ي چياءِ. مطلب تہ اهڙو ڏپ تہ ۽ افسوس روپي اندڪار
جي ويو، جو اهڙي دشا ڏسي هر ڪنهنجو هرديہ وديرڻ
ڻ (چيرجڻ) لڳو.

تير لڳندي شرط اڪشمڻ بيهوش ٿي ڪري پيو.
ڪشمڻ کي پرٿويءَ تي ڪرندو ڏسي
ڏين راڪشس ۽ خود ميگهناد ڊوڙي اچي ڪيس کڻڻ
. ڏسو ايشور جا رنگ، کڻڻ تہ پري ٿيو، پر رڳو ڪيس

ڪري، آڪاش ۾ اڏامي ويو. جيتوڻيڪ پروت ميگهناد کي ڪ لڳو، تڏهن به ايترو سو ٿيو، جو ان جو رت ٽڪر ٽڪر ٿي پيو ۽ سندس سار ٿي، گهڻا ۽ ڪيترائي راڪشس مري ويا.

ميگهناد آڪاش ۾ وڃي پنهنجي مايا پکيڙي، جنهنجي ڪري آڪاش مان ڏاڍا ڪرڻ لڳا. پرڀو رام چندر جن ميگهناد جي اها حرڪت ڏسي يڪدم جلاستر جوڙي پرٿوي مان جل پيدا ڪيو، جنهنڪري ميگهناد واري اها چالاڪي نشڦل ٿي. اهڙيءَ طرح اهڙيءَ طرح جون چالاڪيون ڪندي جڏهن ميگهناد ڏٺو ته هنمان منهنجو نه ورندو، تڏهن هو پنهنجي پڇاڻي جي بل ڏيکارڻ لاءِ لڪشمڻ کي جنگ جي ميدان ۾ اچڻ لاءِ سڏڻ لڳو. يڌ ستل ۾ پنهنجو ڏالو پکاريو پڌري لڪشمڻ ڏاڍي ويگ سان سڀ هٿيار ساڻ کڻي انهيءَ دشت راڪشس سان يڌ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. جنهن مهل لڪشمڻ ميگهناد سان يڌ ڪرڻ لاءِ سنيريو، انهيءَ مهل ديوتائون آڪاش ۾ بيهي اها مها پرلي سمان گهور يڌ ڏسڻ لڳا. پوءِ ته ٻئي جوڌا مها مست هاٿين جيان پاڻ ۾ ٽڪر کائڻ لڳا. وڙهندي وڙهندي ڪيتري ڪال کانپوءِ ميگهناد سمجهڻ لڳو ته جي مان به جوڌو آهيان، ته گهٽ هيءُ به ڪانهي. انهيءَ طرح من ئي من ۾ لڪشمڻ جي پرشنسا يعني واکاڻ ڪندي يڪدم برهما ستر جي شڪتي ساڌن ڪري انهيءَ برهماستر کي لڪشمڻ تي هڻڻ جو خيال ڪرڻ لڳو، پر دل ۾ اهو ٻيو افسوس ٿيس ته هاءِ! اهڙو جوڌو من تير هڻڻ کانپوءِ رهندو ئي ڪين، يعني مري ويندو. هو ته هنڪي اها خاطري هئي ته جي اهو برهما سترسنڪلپ ڪري پرلي ڪرڻ

انگد آدي سڀ باندر پڻ جن وٽ آيا، تنهن مهل رگهو مهاراجن جي مشڪل سان ئي اُنهنجو سڀ ڏک دور ٿي ويو، ۽ وري بہ اهڙا تازا ۽ توانا ٿي پيا، جو ڄڻڪ لڙائي اصل ڪئي ئي ڪانہ هوائون.

شنڪر چوڻ لڳو تہ "هي پاروتي! ڪهڙي نہ پرڀوءَ جي انوپم ڪرپا ڇمبي؟ ڀلا! جنهنجي رگهو مشڪل سان ئي ايترو لاڀ، جو لڙائي جي سڀ ٿڪاوٽ گم ٿي وڃي، تنهنجي اڳهي هيٺ رهندڙن کي سنسار ۾ ڪير ٿو جيتي سگهي؟" اڇا صبح ٿيو ئي ڪين، تہ وري بہ باندر پنهنجن سڀنا پتين سان گڏ شينهن وانگر گرجندا لنڪا جي قلعي کي چوطرف گهيرو ڪري ويا. هوڏانهن ميگهناد بہ خوب پينڪر گرجنائون ڪري اچي دشمن جي لشڪر ۾ ٽپي پيو، ۽ ڪمان کڻ تاءِ کيڻنجي چوڻ لڳو تہ ڪٿي آهن رام ۽ لڪشمڻ، جيڪي بهادريءَ جي دعوي ٿا ڪن؟ ڪاڏي ويا، هنومان، انگد ۽ نل، نيل ۽ جامبونت وغيره، جي پنهنجو مٽ ٻئي ڪنهنکي ٿا سمجهن؟ اڄ ڪري تيئن نروار، تہ خبر پوي تہ ڪيتري قدر پنهنجي ماتائن جو کير پيتو اٿن." ائين چئي وٽي جو ڪٽي تير ڦٽو ڪياءِ، تہ هن مان ڪيترائي هزارين لکين ماياوي تير نڪري وڃي انهن باندرن کي لڳا، جنهنجي لڳنديئي اهي باندر زخمي ٿي مها وياڪل ٿيڻ لڳا.

هنومان چڙهن ڏٺو تہ ميگهناد ڏاڍي گرجا ڪندو پيو اسانکي رڻ ستل ۾ پڪاري، تڏهن هن چا ڪيو، جو ڪٽندي ڏڪرو پروت جو مهاياري ڪري آڪاش ۾ وڃي ڪٽي ميگهناد جي مٿان اُڇلايو. ميگهناد جو ڏٺو تہ مار، منهنجي مٿان پروت ٿو ڪري، سو پاڻ بہ رت مان

آها! رکيو پرڪاش، تيل جي ڍير هئي. ٻاندر اهڙا ته خوشي ۾ پڙهي ويا جو جيڪي راڪشس الوقت لڙائي ۾ حاضر هوا، تن سڀني کي ٻرلوڪ پهچائي ڇڏيائون، ڪنهن کي ته ٽنگن کان جهلي ڪٽي ٿي سمنڊ ۾ اڇلايائون، ڏ پل ته ڪين مالڪرمچ کائي ٿا ڪن.

جڏهن راوڻ کي خبر پيئي ته سندس سڀ موڪليل لشڪر مارجي ويو، تڏهن ڏاڍو غصي ۾ اچي چوڏهين ڏرٻار ۾ لفظ ڦيرائڻ لڳو. جڏهن تي سندس وڏي ڏاڏي ماليونت کيس چوڻ لڳو ته "اڙي راوڻ! ڪي ساڃاهه؛ پنهنجو آڳو پيڇو ويچار. ڏس ته تنهنجي اجائي هٺ جي ڪري ڪيترو نه نقصان رسيو آهي." اهڙي طرح ماليونت گهڻوئي کيس سمجهايو، پر راوڻ کي انهي جو ڪوبه اثر دل تي نه ويٺو. اُلٽندو ڪاوڙ ۾ پڙهي ٿو پنهنجي ڏاڏي کي چوڻ لڳو ته "اڙي پيا! تنهنجي مت اچي ماري آهي. هنن جهڙن جهنگلي ٻرلوڪ پهچائي ڇڏيان. ٿري وڃ منهنجي منهن ڏان، اڙي نيچ!" پنهنجي پيءُ کي اهڙو ڪاوڙ ۾ ڏسي، ميگهناد چوڻ لڳو ته "هي پيا! ڪجهه پرواه نه آهي. جيستائين [illegible] جي سر ۾ ساهه آهي، تيستائين ڪوبه فڪر نه آهي. ڏسو ته مان ڪيئن [illegible] انهن ڀيڻن کي پوڄيون ڏيان." جڏهن مهل [illegible] راوڻ پنهنجي نڀاڳي پٽ جا اچي وڃڻ آئت پيا ڏنا، تڏهن هو اهڙو پرسن ٿيو، جو اُماڪ [illegible] پاڪ [illegible]. هو ڦاڙهين ساٿدن جو سارو لشڪر جيڪو ڪِنڪ جمت [illegible] آيو هو، تنهن هولڊي ته بالڪل چڪنا چور ڪرو، جڏهن ته [illegible] انهن دوستي جو رستو پڻي بانت [illegible] رکيو هو. تنهن هولڊي ته جنهن مهل هنومان ۽

شنڪر چوڻ لڳو ته ”هي پاروتي! ڏس ته ڀڳوان رامچندر جن
ڪيڏا نه ديالو آهن، جو دشٽ راڪشسن کي به وڃڻ تا مڪتي
پردان ڪندا. هي پاروتي! ڪوبه ڪٿي ڪيڏي نه ڀاو سان
هڪواري ڀڳوان جن وٽ پهچي سو سڀ، پر هو اهڙا ته ديالو
آهن، جو هڪدم ڪيس پنهنجي اهڙي گتي ڪٿي دان ڪندا.“

اهڙيءَ طرح سان اِها لڙائي سماپت ڪري، شام جو اهي ٻئي
ويرپرش، راڪشسن کي ختم ڪندا، اچي ڀڳوان جن وٽ
پهتا ۽ ٻيا به، ڪيترائي باندر کين موٽندو ڏسي سندن پٺيان
اچڻ لڳا. باندرن کي سندن مهارٿين سميت موٽندو ڏسي
راڪشس وري به اوچتو مٿن ڪڙڪي پيا، ۽ وري ٻيهر شام
جوئي لڙائي شروع ٿيڻ لڳي. انهيءَ وقت لڙائي جو درشيہ
(ڏيک) اهڙو ته انوپم (واکاڻ ڪرڻ کان ٻاهر) هو، جو ڄڻڪ
ورشا ۽ شرد رتوءَ جا بادل آڪاش ۾ هڪٻئي سان ٽڪر پيا کائين.
ٻنهي ڌرين ۾ هنوقت اهڙو جوش اچي جاڳيو، جو انهيءَ ڳالهه
سڀ سامان ساڻ آندو اٿم، اُنکي سڦلو ڪندا. اسان ٻنهي
ڀائرن کي هٿ رهڻ ڏيو، اوهين سيتا سميت موٽي هلو، يا
جنهن ڳالهہ ۾ اوهين پرسن رهو اُها ڪريو. ديانڌ! اوهان تہ
منهنجي ڌرم ۽ نيتيءَ جو ڪجهہ بہ ويچار نہ ڪري سچو ٻار
موٽي ليئائي وڌو، ۽ آءٌ ورِي اهڙو، جو آپسوارٿي ٿي سڀ
پنهنجي سوارٿ جون ڳالهيون پيو ڪريان. هي ڪرپا ساگر! هاڻي
مونکي اُهائي مت پريہ آهي، جنهن ۾ اوهانکي اڙچڻ نہ هجي. آءٌ
اوهانجو سوڳند کڻي چوانٿو تہ جنهنکي جيڪي چوندا، سو اُهو
اوس ڪندو."

ڀرت جا اهي پويتر وچن ٻڌي سڀ پرسن ٿيا ۽ رامچندر
اچي ويچار ۾ پيو تہ هاڻي ڇا ڪجي. ايتري ۾ راجا جنڪ جا
دوت (قاصد) اچي سهڙيا. وسشٽ انهنکان سندن اچڻ جو سبب
پڇيو، جنهنتي اُنهن اُتر ڏنو "هي منيشور! استريءَ جي مکر
ڪري رامچندر کي بنواس ۽ ڀرت کي راڄ گديءَ ملڻ جو
ٻڌي راجا جنڪ کي گهڻو ارمان ٿيو، ۽ ان اسانکي اماڪ ٿيت
ڪيڻ لاءِ موڪليو. تنهنتي ايوڌيا ۾ ڀرت جي حالت ۽ چترڪوٽ
ڏي اچڻ، رواني ٿي وڃڻ جو سماچار آڻي راجا کي ٻڌايوسون،
جو ٻڌي کيس اتينت شوڪ ٿيو. نيٺ لشڪر ساڻ ڪري
ديسٿاءِ اچي پهتا آهيون اڄو هو پريان تنبو کوڙي ترسيا پيا آهن
۽ اسانکي خبر ڪيڻ ڪاڻ موڪليو اٿن." وسشٽ پنهنجا
ماڻهو دوتن ساڻ همراه ڪري راجا جنڪ کي ڪوٺايو. راجا جنڪ

تيار آهيان."

سمر مي سمندر وڪهولت جا اهي وڏي ڏاڍي سيکي کي قاڌي خوشي ٿي، پر اندر ديوتائن سميت اهي ڏاڍو ڏکي ٿي اسانجي ڪمن ۾ اٽڪ پوي، سو ويچارا ٻيهار ڪرڻ لڳا ته ڇا ڪجو ڪي، پوءِ سو رامچندر ته ٻڌڻ جي ون آهي، امپيش ۽ ديوتائن جي ياد ڪري ڪري ويچارا اڀاس لڳا. آخر اهو ٺهرايو ڪيائون ته پوءِ سو برهم ساڻ جوڙي اندر سمرڻ ڪيو ڪي، ته ڪجهه سنداڻ ڪرو وسيچي ڪي ٻه قاڌي وٺي.

ديوتائن يرت سڀ يار ناٿ تي پهچي سمجهي ڪرو ٻين ڏوهي رهيو آهي، ليڪن هي ڳالهه ٺهراءِ ڪيائون ته " رامچندر جي اڳيان ناٿ ۾ ني ياد آهي، پوءِ سو مي پهچي وڃي ٻين سمندر وڪهو، جا ڪرڻ ڪا لوري ڪاسي، ٻوءِ مت ڏواڻ ڏوڻ لڳو سوامي! وٺي آءُ جا ڏوان ۽ جا ڏواڻان، اوهين ته ڪرڻ جا سمندر ۽ ڪت ڪت جا ڄاڻندڙ آهيو. موٽي ڪرو ٻوڻ ۽ سوامي ڪرڻ آهي، سو مشڪي من جا ڏ ڪر سڀ پيدا وڃا، مولائي پهچي ڏاڻ ناٿي ٿي ڏاڍو، مشڪي نيا ڪاٿي، هٿا جي لڇڻ، ورڏا جي رسڻ ۽ سمر (وقت) جي اهي ڏڻ، آهن سڀ ڏي ڪڻ موٽائي لڳي ناس ڪرڻ واجو آهي، پر اي [illegible] جا ! اوهين پهچي ڏڪڻ سڄڻي موٽڪي [illegible] ڏاڍ ڪي هين ڪرڻ ڪاسي. جي ديوا اوهان جو سواڻ ڪاپ ۽ شي مين آهي. سو ڇڪڻ الهي جانو مڙت [illegible] سڀ [illegible] ٻوءِ واڻا هين تونٿي واڪ، [illegible] من [illegible] ني اوهين ٻرات ڪريو. وٺي جي ڪرڻ ڪاڻ! [illegible] ڪو مشڪي ڪري موٽن ۽ اوهان ٻت

سيپيئي پاسا ڏٺم ، پر پنهو ڪونه پيم . اوهين منهنجا گرو ۽ سيتا
رام سوامي آهن . آءٌ پنهنجو پلو تو سمجهان ، جو هي ست پرش
جو سماڳم آهي . گرو ۽ سوامي جي ويجهو پويتر استان ۾ سچي
ڀاو سان چوان ٿو ته راجا جو موت ته پريم جي نباهڻ لاءِ ٿيو ،
۽ ماتا جي ڪپٽي جو سارو سنسار ساکشي آهي . هاڻي ماتائن
جي وياڪلتا ڏٺي نٿي وڃي ، ۽ نگر جا سڀ واسي ڏاڍا دکي
آهن . ان سڀ انرٿ جي جڙ آءٌ ئي آهيان ، اهو ٻڌي ۽ سمجهي
مونکي مها دک پراپت ٿئي ٿو . جڏهن ٻڌم ته رامچندر منين
جي ويس ۾ سيتا لڪشمڻ سميت بن ڏي سڌاريو ۽ پيرين اگهاڙو
ويو ، اُن مهل جيڪو دک ٿيم ، تنهنجو ساکشي شنڪر ڀڳوان
آهي ، هيئنر اڃا اُهو سڀ اکين ڏسي رهيو آهيان ۽ جنهنڪري
منهنجي دک جو ڪو پار ئي ڪونهي ."

ڀرت جي دک ، پريتي ، ونتي ۽ نيتي ڀريل واڻي ٻڌي
سڀ ويڪل ٿيا سڌ شوڪ ۾ پرجي ويا . نيٺ منيءَ ڪيس انيڪ
ڪٿائون ٻڌائي سمجهايو ۽ شانت ڪيو ، پوءِ رامچندر چيو ته
"هي ڀرت ! اجايو شوڪ نه ڪر ، ۽ نڪي اجايا ڪترڪ ڪر .
ويڙ ۽ پريم لڪائڻ سان لڪي نٿا سگهن ، تنهنجي هردي جي ڳالهه
پر سڌ اٿم ، پر ڇا ڪريان ، ٻن ٻيڙين وچ اڙجي رهيو آهيان ۽
جنهن راجا مونکي تياڳيو ، سچ نباهڻ ۽ پريم جي ڀرڻ پوري
ڪرڻ لاءِ پنهنجو شرير تياڳيو اُن جي وچن ڀنگ ڪرڻ ۾ مونکي
ڪيتي مونجهه آهي ، پر اُن کان به وڌيڪ تو تنهنجو ويچار ٿئيم .
وري گرو جيڪا آگيا ڪئي آهي ، سا سڀ کان مٿي ، تنهنلاءِ
جيڪي چوين سو ڪريان . من کي پرسن رکي ، ڪڻتي ڪيڏي
ڦٽي ڪر . جيڪا اِڇا هجيئي اُها چئو . آءٌ انجي پوري ڪرڻ لاءِ

اِيءَ ڪيو." رامچندر چيو "هي ڀاءُ! آهي ته سڀ اوهان
جي مت ۽ آهن، اوهان جي ابا ڀرماڻ ملڻ هرڪنهن جو اُتم
ڪرم آهي، ۽ اوهان جي آڪيا پالڻ هرڪنهن جو مکيه ڌرم آهي.
سو ڀرءَ جڏهن آڪيا هوندي، مان سا چئو آءُ اُها تن من
سان مڃيندس." اهو ٻڌي مني ورلڌي ڏني "هي رامچندر!
تو جيڪي چيو سو سڀ سچ آهي، پر سچ پڇين ته منهنجي
ٻڌي ڀرت جي ٻڪيءَ جي وس ٿي ويئي آهي منهنجي ته صلاح
آهي ته ڀرت جي ابا ڀرماڻ جيڪي ڪجهه تنهن ۾ ڀلو آهي.
اهو ساڳئي شڪر آهي. ڀرءَ ڀرت جي دل ۾ ٻڌ. پوءِ اهو
ويچار ڪريو ۽ تنهنڪانپوءِ سڀ پرشن جي مت، لوڪ جي مت ۽
راڄ نيتي ۽ ويدن جي سار جو ويچار ڪري جيڪي توکي سمجهين،
سو ڪجو."

گروءَ جو ڀرت تي اهڙو پريم ڏسي رامچندر ڏاڍو خوش ٿيو،
۽ گروءَ کي چوڻ لڳو ته "ڪرپالو! ڀرت جيڪي چوندو،
سو ڪندس ۽ لوڪن جي ڪاڻ واسطي جوڏيو، تنهن واسطي چوي."
وسشٽ تنهن ڀرت کي چيو "ڀرا! اڄ ڇڏي ڪرپا جي ساگر
ٻاروي ڀاءُ کي من جي ڳالهه ڪري ٻڌاءِ." ڀرت سڀني ڳالهه
جو ڳالهه ٻڌي سمجهي، منهنجي ڀرو ته ڇا ڪريان. ليڪن اُن ۾
جي هٿ جوڙي مني جوڙ لڳو ته "مولي جيڪي چوڻو هو،
سو سڀ مشهور ٿي چڪو. ان ڪان وڌيڪ ڀلو ڇا چوان؟
آءُ پنهنجي سوامي جي سڀاءُ کي ڄاڻي ٿو ڄاڻان ته هو اپراڌي
تي به ڪڏهن ڪروڌ نه ڪن ۽ مون تي ته سندن سدائين ديا
ڏي دشٽي آهي، منهنجي ٻار کي راند ۾ به سکي سو
جي مون هوندي ۽ سوامي جي من ۾ ڏک وهي ڏٺائين.

ديوتائن جو هٿ ڪندڙ آهي. رامچندر جي آڳيا اڃا پرماتمي
ملڻ ۾ اسان جو ڀلو آهي، سو ٻڌايو ته اهڙو ڪهڙو رستو آهي،
جنهنڪري رامچندر ايوڌيا موٽي هلي." منيءَ جي اها واڻي
ٻڌي سڀ سُن ٿي ويا، ۽ ڄڻ هن کي ڪو ڪون ڪڇيو، تڏهن
ڀرت هٿ جوڙي چوڻ لڳو "ڪرپانڌ! اهڙي ڪهڙي ڳالهه
آهي، جا اوهان کان ڳجهي هجي؛ سو اهڙا سمرٿ ٿي به جيڪڏهن
اهڙا سوال پڇو، ته پوءِ اسانجي ڪرم جو رولو ڇنو." منيءَ
ٺهنڊي ورندي ڏني "ٻچا! مون ته هيءَ ڳالهه سوچي ڪئي
آهي، جا چوندي هڪان به ٿو، پر چوڻ ٻنان رهي به نه ٿو
سگهان. تو سڀڪجهه ويندو ڏسي ٻڌوان اڌ تيا کي چئيدا آهن،
۽ ڀاڳو به آهي ته "جو سڀ ڄاڻي ڏيکي، تو آڏا ڏيکجي ٻانٽ."
انهيءَ موجب جيڪڏهن اوهين ٻئي ڀائر ٻن ۾ رهو، ته سيتا،
رام ۽ لڪشمڻ اوس موٽي هلندا.

منيءَ جا اهي شبد وچن ٻڌي ٻئي ڀائر آنند ۾ ٻوڙجي ويا.
شريو ۾ اهڙو تيجهه ٿي ٿيون جو جهڙڪ رام راڄا ٿيو هجي. لوڪن
کي به اها ڳالهه پسند آئي. ڀرت منيءَ کي چوڻ لڳو "مهاراج!
اوهان جيڪي چيو، سو اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون؛ اوهان ته
اڄ اسانتي نجهه ڪرپا ڪئي آهي. اسين سڀجهي چمار ٻن ۾ گذارڻ
پنهنجي جيوت سڦلي سمجهنداسون." منيءَ جي آڳيا واسب
سيني ويلن سميت ڀرت رامچندر وٽ آيو؛ ٻيوان سيني
کي جوڳو آسڻ ڏيئي وهاريو. ٿوري وير کانپوءِ منيشور چوڻ
لڳو "هي رام! ٻڌ تون سڀ ڄاڻڻهار آهين، ڏيرو، نيتي، ڪٺن
۽ گيان جي کاڻ آهين. تون سيني جي ڀاوَ کي سڀ ڪلي ٿو؛
تنهنڪري منهن نڪر نواسين، ماتائن ۽ ڀرت جو جنهنڪي ڀاو ٿئي اهو

روئڻ لڳيون. مطلب ته ننڍي وڏي سڀڪنهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ڇڪ راجا اڄ ئي چلاڻو ڪجي. پوءِ منيءَ رامچندر کي ڪريا ڪرم ڪرائي آشرم ۾ ورلي آيو. هر روز ڦل ڦول کائي لڪرڻواسي آنند ۾ رهڻ لڳا، ۽ سيتا سس جي چاڪري ڪري انهن کي پرسن ڪرڻ لڳي. ڪيڪئي پنهنجي پاڻ جسو سيتا سميت پريم ڏسي شرمائجڻ لڳي ۽ پرٿويءَ کي ڦاٽي پوڻ ۽ منجهس ڪهڙي وڃڻ لاءِ وار وار پرارٿنا ڪرڻ لڳي. آئل منشي سڀ انهيءَ ويچار ۾ آهن، ته رامچندر ساڻن هلندو يا نه، ۽ ڀرت ويچاري کي ته ننڊ ۽ بک ئي ڪانه هئي، ڪڙيون ڪڙهيون ٿي لنگهيس ته ڏينهن ٿي چڙهيس، ۽ رکيو اهو ويچار ٿي رهيس ته راج تاڪ ڪهڙي ريت ٿئي. گروءَ جي آگيا مڃي ته هلندو ته سهي، پر منيءَ ته منجهي اچي ڏسي چوڻ چاهڻ ڪندو؟ هلندو ته ماتا جي چوڻ سان ڀر، پر ڇا ماتا ڪوشليا انهيءَ ڀر جو مت ڪندي؟ آءُ ته ٿيس سيوڪ، سو منهنجو چوڻ ڪهڙي ڳڻتي ۾ آهي، اهڙن ويچارن ڪندي هن کي جڻ ٽن رات وهامي.

صبح جو سنان ڪري ڀرت اچي رامچندر وٽ ويٺو هو، ته گروءَ جو ماڻهو آيس. هو گروءَ وٽ ويو ۽ وڃي ويٺو، ته سڀ براهمڻ، پنچ ۽ منتري ۽ درباري اچي گڏ ٿيا. جڏهن سڀ اچي رهيا، تڏهن مني چوڻ لڳو "هي ڀرت سيا سدو! ۽ هي ڀرت! ٻڌو:

رامچندر ڌرم مورتي، ستيه جو سمندر، ويد روپي ٻال جو رکشڪ آهي. سنديس جنم ئي سنسار جي منگل لاءِ ٿيو آهي. جي ٻچن کي پاليندڙ دشٽن کي ناس ڪندڙ ۽

ورشا ڪرڻ لڳا. رامچندر پوءِ شتروگهن سان گڏجي نشاد سان
گڏيو. لڪشمڻ به پرڻام ڪري ڀرت سان ۽ پوءِ ڏاڍي پريم سان
نندي پار شتروگهن سان گڏيو ۽ تنهنکانپوءِ نشاد کي ڇاتيءَ سان
لڳايائين. انهيءَ کانپوءِ ڀرت ۽ شتروگهن ماتا سيتا کي پيرين پيا.
اُن مهل نه ڪو ڪنهن سان ڳالهائي ٿو ۽ نه ڪو ڪنهن کان
ڪجهه پڇي ٿو. سڀني جو من پريم ۾ مگن ٿي رهيو آهي.
نيٺ نشاد چوڻ لڳو ”هي ناٿ! مني وسشٽ، سڀ ماتائون،
نگرنواسي، سيوڪ ۽ سينا اوهان جي وڇوڙي ۾ وياڪل ٿي
آيا آهن.“ گروءَ جي اچڻ جو ٻڌي، شتروگهن کي سيتا وٽ
ڇڏي، شيل سمندر ڌرم ڌرندڙ رامچندر ستت اوڏانهن هلڻ
لڳو. گروءَ جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ گروءَ به ڇاتيءَ
سان لڳائي خوب آشيرواد ڪيس. پوءِ ته سڀني آيلن منشن
سان يٿا يوڳ ملي، سڀني جو دک دور ڪيائين. اُن کان پوءِ
رامچندر ماتا ڪيڪئيءَ سان مليو، جا پنهنجو ڪيل ڏوهه ۽ سڀ
ورڌاتا تي مڙهڻ لڳي. تنهنکانپوءِ ٻين ماتائن سان گڏجي انهن
کي سنتشٽ ڪيائين ۽ کين سمجهايائين ته ”سنسار ايشور آڌين
آهي، انهيءَ ڪنهن کي ڏوهه ڏيڻ ڪونهي.“ نيٺ گروءَ سميت سڀني
کي آشرم ڏي وٺي هليو.

آشرم ۾ اچڻ شرط سيتا پهريائين منيءَ کي پيرين پئي ۽ پوءِ
سڀني سسن کي جن سڀني آشيرواد ڪيس. جڏهن سڀئي
آرام تي ويٺا تڏهن منيءَ وسشٽ سنسار جي دشا جو حال
ٻڌايو ۽ پوءِ ڪجهه موڪش بابت ڳالهيون ڪيون. انهيءَ کان
پوءِ راجا دشرٿ جي ديولوڪ پڌارڻ جي وارتا ڪيائين، جا ٻڌي
رامچندر کي ڏاڍو دک ٿيو. لڪشمڻ، سيتا ۽ سڀ راڻيون به

اجا ايترو چئي بس ڪيائين ته آڪاش واڻي ٿي ته ” هي تات!
تهنجي پرتاپ ۽ پرڀاو جي ڪنهنکي سڌ آهي؟ پرڀاو يا برو،
جيڪي ڪجهه، سو سڀ سمجهي ڪجهه، ته انسان ٿاڻو ٿيندو،
پر جي اُنهُ زوراوري ڪري ڪنڪرٽ ڪبو، ته پوءِ پڇتائڻو پوندو ۽
لوڪ نندا ڪندو.“ لڪشمڻ جي ڪنن تي اهي وچن جو
پيا ۽ سندس شرير ۾ ٿڌڪ وچڙي، جنهنتي رامچندر ۽ سيتا
منجهي واڪاڻ ڪري چوڻ لڳا ” لڪشمڻ! تو جيڪي چيو، سو
سڀ سچ آهي. راڄ جي مد ۾ پئي منش سڀ وساري وجهي
ٿو، پر اُهو مد انهنکي ٿي ٿو، جن سڄڻن جي سنگت ۾ نہ
گذاريو آهي. هي لڪشمڻ! آءُ پرت جهڙو ڀاءُ هن سرشٽي تي نہ
ڪو ڏٺان ٿو ۽ نڪو ٻڌاٿو. راڄ ته پري رهيو، پر جي برهما،
وشنو ۽ مهيش جو به ڪٺي نہ پد مليس، تڏهن به پڪ اُهو نہ
هنکي ايمان پٽي نہ ٿيندو. ڀلي ڀيرن جي سورج کي اونداهي
ڪيهي وڃي ۽ آڪاش بادلن ۾ ماي وڃي، ڀلي ته مير جهڙي
گوڪ سان سميرو پهاڙ اُڏامي وڃي، پر هي ڀاءُ! پرت کي راڄ
مد ڪڏهن نہ ٿيندو.

هو ڏاهن پرت صبح ٿيندي نشاد ۽ شتروگهن کي ساڻ وٺي،
رام ۽ سيتا جا من ۾ اُهي ويچار ڪندو، اچي اُتي سبزيو، جتي
لڪشمڻ پکوان جي اڳيان بيٺو ڪجهه پڇي رهيو آهي، ۽ هو
خوشي سان اُتر ڏيئي رهيو آهي. پرت جو منن کي ڏسڻ ۽
” سوامي رکيا ڪريو! رکيا ڪريو!! رکيا ڪريو!!!“ ائين چئي
زمين تي ڪري پيو. پرت کي اهڙي اوستا ۾ ڏسي ڪرپالدان
پکوان اماڻڪ اٿيو ۽ کيس ڪٺي ڇاتي سان لڳايائين. ان مهل پنهي
ڀرن جو ڪهڙو ورڻن ڪجهه. ديوتائو پشپن جي ورکا

آپڻ ڪال ڏسي، ۽ اسانکي جهنگ ۾ اڪيلو سمجهي، راڄ اسٿاپت ڪرڻ لاءِ سينا وٺي آيو آهي. ڀلا! جي من ۾ ڪوٽ نه هجيس ها، ته پوءِ هو جيڪر هيترا هاٿي گهوڙا ۽ رٿ ڇو آڻي ها؟ سچ آهي ته وڏائيءَ ملڻ ڪري جڳت اُنمت ٿيو وڃي، ته پوءِ ويچاري ڀرت جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ چندرما گروءَ پتنيءَ سان ڀوڳ ڪيو، راجا نهش براهمڻن کان پالڪي کڻائي پاڻ منجهس ويٺو، ۽ وين راجا لوڪ ۽ ويد کان بي مک ٿي ويو، جنهن جهڙو بيو نيچ ڪو ڪو نه ٿيو. سهسرباهو اندر ۽ ترشنڪو ڏسو. راڄ جي مد ڪنهن کي ڪلنڪ ڪين لڳايو؟ واهه جو ڀرت اُپاءُ سوچيو آهي! ڇيل آهي ته شترو ۽ رڻ (قرض) کي ذرو به وڏيڪ ترسڻ نه ڏجي. ڪجهه پرواهه نه آهي ڀلي آيو. پاڻليمي لڙائيءَ ۾ اڄا ڪارا پڌرا ٿي پوندا.” ايترو چئي رامچندر کي نمي وري چوڻ لڳو ”هي ڪرپاندان! منهنجو چوڻ دل ۾ نه ڪجو. ڀرت پنهنجي مارڻ ڪاڻ ڪو ٿورو اُپاءُ ڪو نه ڪيو آهي، پر جڏهن اوهين موسان آهيو ته هي ڏنش منهنجي هٿ ۾ آهي، تڏهن ڪيستاءِ اِنا ڳالهه سهان ۽ من کي روڪيان؟ مٿي پيرن ۾ وچڙندي آهي، پر زور سان هلڻ ڪري اُڏامي مٿي تان وري ويندي آهي. سو جڏهن ڏوڙ ۾ به وير ونڻ سامرٿ آهي، تڏهن آءٌ ڪشتري، رگهو ونش ۾ پيدا ٿيل ڪئن چپ رهان؟” جتائون پڌي، ڏنش ہاڻ کڻي من ۾ چوڻ لڳو ”نرسنسي اڄ رامچندر جي سيوڪ هئڻ جو جس پائيندس ۽ ڀرت کي لڙائيءَ ۾ سکيا ڏيندس. آءٌ رامچندر جو سوڳند کڻي ٿو چوان ته ڀلي مهاديو مدد ڪرين، ته به انهن ٻنهي آيان ڀائرن کي سينا سميت رڻ ڀومي ۾ سمهاريندس.”

ڀرت ڏانهن پاهار وڃڻ لڳو!

هلندي هلندي چترڪوٽ وٽ پهتا، ۽ نشاد کين اهو هنڌ
ڏيکاريو، جتي ڪ رام لڪشمڻ ۽ سيتا رهيا ٿي. سڄو اندر ٻاهر
هو ۽ هنڌ ٿورو پري هو، تنهنڪري ٽڪل هجڻ هوندي به ڪجهه
پنڌ ڪري ويا. ٻه رات پنجي ويٺي، جنهنڪري وسرام ڪرڻ
"ڌار ٿيون. ٻي رات جو جڏهن رامچندر جاڳيو، تڏهن سيتا رات
جو ڏٺل سپنو ٻڌايو، سو رامچندر کي ٻڌائڻ لڳي ته "هي ناٿ!
ڏٺم ته ڀرت هزارن ماڻهن سان آيو آهي، ۽ سندس سريو
اوهان جي وڇوڙي ڪري ڏٻرو ڪندا ٿي ويو آهي. سڀ
نگرواسي اداس آهن. سس کي ڪڏهي اوري (ونڌوائن جي)
ويس ۾ ٿي ڏٺم." رامچندر سپني جي ڳالهه لڪشمڻ کي
ٻڌائي چوڻ لڳو ته "ڪلياڻ ڪونهي، اوس ڪو اڄ بري بات
ٻڌائيندو." اڃا ائين ئي ويچار ڪيائين، ته ٻريان ڪي ماڻهو
ڊوڙندا آيا، جن ڀرت جي اچڻ جي اچي سڌ ڏني. ڀرت جي
اچڻ جو ٻڌي رامچندر ڏاڍو پرسن ٿيو، پر ويچار ڪرڻ لڳو
ته ڇو آيو آهي ۽ وري سيتا ۽ نگرواسين سميت. اڃا الهيءَ
ويچار ۾ هو، ته لڪشمڻ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته "هي
سوامي! آءٌ ڪجهه بنا پڇڻ چوانٿو، سو ڪميا ڪجو. اوهين
جيتوڻيڪ سڀڪجهه ڄاڻڻهار آهيو، تڏهن به پنهنجي ٻڌيءَ آهر
ڪجهه چوڻ گهران ٿو. هي ناٿ! اوهين ته سمجهو ٿا ته جيئن
اوهين شڌ ۽ پوتر آهيو تيئن هرڪو هوندو، پر مورک ۽ وشئي
وڏائي پائي موهه جي وس ٿيندو وڃن. جيتوڻيڪ ڀرت نيتي
ڄاڻندڙ، سڄڻ ۽ چتر آهي ۽ اوهان اتيت پريتي اٿس، پر
تڏهن به راڄ پد پائي ڪرجي مرياد توڙي ڇڏيو آهي. جو ڪٿي

ڀرت جا وچن ٻڌي مني جنڪي ڏيرج ڏيڻ لڳو ته "رامچندر
جي درشن ڪندي تنهنجا اهي سڀ ڏک دور ٿي ويندا، تون
ڪا چنتا ڪان ڪر." پوءِ ڏيئن پنهنجا ماڻهو ساڻ ڏيئي چترڪوٽ
روانو ڪيائين. اندر جو ڏٺو ته ڀرت ۽ رام جي ميلاپ ڪري
متان ٻيو ڪو ڪم بگڙي پوي، سو وڃي پنهنجي گرو
ورهسپتيءَ کي ويتي ڪيائين ته "اهڙو ڪو اپاءُ ٿئي، جو انهن جو
ميلاپ نه ٿئي." ورهسپتي ٽهڪڙن اکين واري اندر کي الٽو
سمجهي مرڪڻ لڳو ۽ چوڻ لڳس ته اي اندر! هينئر تنهنجو ڇل
ڪپٽ ڪرڻ اجايو ٿيندو، ڇو جو ڀڳوان جي ڀڳت سان جي ڪو
ڇل ڪجي ٿو ته ڇل ڪندڙ جي آڏو اچي ٿو. هي سر راج!
(ديوتائن جا راجا) ٻڌ، رامچندر جو اهڙو سڀاءُ آهي، جو جيڪو
سندس اپراڌ ڪري ٿو، ته انتي ڪروڌ نٿو ڪري؛ پر جي ڪو
سندس ڀڳت جو اپراڌ ڪري ٿو، ته اهو سندس ڪروڌ روپي اگنيءَ
۾ ڀسم ٿيو وڃي. ڊرواسا ۽ امبريش جي ڪٿا ياد ڪر. هي سريش!
رامچندر کي سندس سيوڪ ڏاڍا پيارا آهن. سو جيڪو انهن سان
پريم رکي ٿو، تنهن تي هو پرسن رهي ٿو؛ جو ساڻس وير رکي ٿو
تنهن جو ڀاڳ ٻه ماٺ ويري ٿيو پوي. جيتوڻيڪ ڀڳوان سم درشتا
آهي، ڪنهن سان وير ته ڪنهن سان پيار ڪونهيس، جو جيڪي
ڪري ٿو، اهو انهيءَ جو ڦل ڀوڳيندو، پر تڏهن به ڀڳت ۽ اڀڳت
جي ڏيٺ هنڪي سم وشم ليلا ڪرڻي ٿي پوي. آها! جو رامچندر
نرگڻ، الک ۽ ايڪ رس آهي، اهو ڀڳتن جي پريم وس ٿي سگڻ
ٿيو آهي. هي اندر! رامچندر جا ڀڳت پر اپڪاري، پرائي ڏک ۾
ڏکي، ۽ ڏاڍا دياوان ٿيندا آهن، تنهنڪري تون ڀرت جو ڪو به برو
نه ڪر." گروءَ جا اهي وچن ٻڌي اندر جون اکيون کليون ۽

جيڪڏهن توهان راڄ ڪٽي ڪرڻ ٻه ها، ته ٻه ڪا ارچڻ ڪا نه
هي ۽ رامچندر ٻه پڏي ڏاڍو ٻرسن ٿي ها ۽ ٻه هينئر ڇگو ڪيو
اٿي جو رام کي مدائڻ ٿو وڃڻ. رامچندر کي ته تو منجهه
اٿيڻت ٻريس آهي. خود سيتا ۽ لڪشمڻ کي ٻه سڄي رات
(جڏهن ڪان دت اچي رهيا) تنهنجي ساراه ڪندي گذري.
هي پرت! آءُ ڪوڙ نه ٿو چوان، جو جو اُداسي تپسوي آهيان،
ٻن ۾ رهان ٿو، جهنگري ڪنهن سان ڪو واسطو ڪو نه اٿم.
اهو ته وڏو ڪو ڀاڳ ڇهوسون، جو رام، لڪشمڻ ۽ سيتا جو
درشن ڪيوسون."

منيءَ جا اهڙا وچن پڏي پرت پريم ۾ گد گد ٿي چوڻ لڳو
"هت منين جو ميڙ آهي، تيرٿ جو هنڌ آهي ۽ هت سوڳند کڻڻ
ٻه ڇگو ڪيني سو جي هن استان تي ڪوڙ ڳالهايان، ته انهيءَ
کان وڌيڪ ڪو بيو پاپ ۽ نيچتا ڪانهي. نه مونکي ماتا
جي ڪئي جو دک آهي ۽ نه مونکي انهيءَ جو دک آهي ته
سنسار مونکي ڪائر ڪوٺيندو. پرلوڪ بگڙڻ جو ٻه ڊپ
ڪونهي، ۽ نه پتا جي مرڻ جو شوڪ اٿم جو جو انجي شيو
ڪرمن ۽ سندرجس جي سگند سنسار ۾ ويائي رهي آهي ۽
رام لڪشمڻ جهڙا پٽ ڄڻي ويو آهي، پر ڏک جيڪو اٿم، سو
اهو ئي اٿم ته رام لڪشمڻ ۽ سيتا پيرين اُگهاڙا منين جي ويس
۾ ٻن منجهه ڦرندا هوندا ۽ مرڻ جي کلن جي پوشاڪ ڍڪيندا
هوندا، ڦل کائي پيٽ ڀريندا هوندا، ڪٿن ۽ پٽن جو هنڌ لاهي
سهندا هوندا ۽ ونن جي ميٽ رهي برف، اُس، مينهن ۽
طوفان جا دک سهندا هوندا. سو اهو دک ڏينهن متعدو، جڏهن
دم مونئي ايندا."

ته پريم ۾ ٻڏجي ويو جو اکيون ڪپائي ويهي ڀرت ڏي نهارڻ
لڳو. پوءِ ڌيرج ڌري، هٿ جوڙي، پريم سهت وينتي ڪرڻ
لڳو ته "آءٌ ڪيڪئي، ڪائي ۽ بي سمجهه، ڪجهات، لوڪ ڪان
ٻاهر هوس، پر جڳ هاڪر شري رامچندر مونکي پنهنجو ڪيو تنهن
ڏينهن کانوٺي آءٌ پاڻ کي سنسار ۾ آيو سڦلو سمجهان ٿو. اوهين
ڪرپا ڪري شهر اندر هلي مونکي ۽ سڄي شهر کي پوتر
ڪريو." پوءِ سيني سيوڪن کي حڪم ڪيائين ته هنن سيني
جي ٽڪڻ جو پورو بندوبست ڪريو. ڀرت، راڻين ۽ سيني
منٽرين، براهمڻن ۽ نگرواسين گنگاجي ۾ سنان ڪيو ۽ پرارٿنا
ڪيائون ته "اسانجي پريت شل رامچندر ۾ سدائي رهي."

پوءِ ڀرت نشاد کي سڏي گنگا جي پار هلڻ لاءِ چيو تنهن
سڀ تياريون ٿيون، ٻيڙيون آنديون ويون ۽ سڀ ئي سڀ
پار اُڪريا. سڀ پالڪين ۽ سوارين وغيره ۾ چڙهيا، پر ڀرت پنڌ
هليو ۽ جلدئي اچي پرياڳ ۾ پهتا. گنگا ۽ جمنا جتي اچي گڏجن
ٿيون، اُتي سنان ڪيائون ۽ خوب دان پن ڏيئي براهمڻن کي
پرسن ڪيائون. سگهوئي ڀرت ڀاردواج رشيءَ جي آشرم ۾ آيو،
جتي منيءَ کي پيرين پيو، ۽ اهو وچون ڪنڌ هيٺ ڪري
ويٺو، ته متان مني راڄ دوش نه ڏئيم. ڀاردواج هنجو شيل
۽ نمرتا پاءِ ڏسي پرسن ٿيو ۽ چوڻ لڳس "هي ڀرت! مونکي
سڀ سماچار ملي چڪو آهي. ٻچا! وڌاتا جي ڪئي کي ڪير
ٿو هٽائي؟ ڪيڪئيءَ جي ڪرتوتن ڪري تون لڄي نه ٿي اُنهن
هن ويچاريءَ جو به ڏوهه ڪونهي، جو سرسوتيءَ هنجي ٻڌ ڦيري
هئي. هنهن تنهنجو ته وري رتيءَ ماتر به دوش ڪونهي پر جيڪو
توکي دوشي ڪوٺي، اُهو نيچ، اگياني ۽ بي سمجهه آهي.

ڪٽڪي راڄ ڪندس تنهنکي مان اُمالڪ پنهنجن ماڻهن کي آکيا
ڪئي ته "لنڪا جا سڀ گهاٽ روڪي ڇڏيو، ۽ ٻيڙيون ٻرين،
ٻُڏي وڃو، سڀ هٿيار رکو؛ سواءِ منهنجي مارائي جي ڀرت
کي پار اُڪرڻ نه ڏجو. خيال ڪريو ته لڙائيءَ ۾ مرڻو ئي آهي،
ٻاپ ناس ڪندڙ ڪنگا جي جو ڪنارو آهي، رامچندر جو ڪم
ڪم آهي، هي سرير ڪرڻ ٻيڪر آهي؛ ڪري ڏيهن وڃڻو آهي،
سو جي ٻکوان جي ڪم اچي؛ ته ڪهڙو نه چڱو؟ وري ڀرت
راجا آهي، رامچندر جو ٻار آهي، ۽ آءٌ ڪهڙو نيچ ماڻهو آهيان،
سو اهڙو موت ڀاڳين ٿئي، تنهنڪري سواميءَ لاءِ وڙهي ڇُٽي
ڏسين ۽ جس جو ڀاڳي ٿيندس. ٻنهي ريتين لاڀ آهي: جي
لڙائي جيتيم، ته جس ماندر، ۽ جي مري ويس، ته پرم پد
پراپت ٿيندم. آها! جنهنجي سنت مهاتمائن ۾ ڳڻپ ڪانهي، ۽
جنهنجو رامچندر جي ڀڳتن ۾ سمرڻ ڪونهي، اهڙي منشي جو
سنسار ۾ جنم اجايو آهي. هو پرٿويءَ تي رکيو بار آهي." ائين
چوندو هو ڀيلن جي راجا گُهه لشڪر کي سنڀاهو.

جڏهن سڀ تياريون ٿي رهيون ۽ ناد وڳا، تڏهن منجهان
ڪنهن وڏي چيو ته "ٻيلي! سڳڻ ته لڙائيءَ جا ڪين ٿا ڏسجن،
۽ ائين پيو ڀانئجي ته ڀرت رامچندر سان ملڻ ٿو وڃي."
گُهه ايءَ ڳالهه سمجهي ته وٽي ائين مڃي، جو ڀرت تمام سشيل
آهي. سو جوڌن کي حڪم ڏنائين ته "وڃي گهاٽ گهيري ويهو،
۽ پاڻ ويو خبر ڪڍڻ ته سچ پچ ڳالهه ڪهڙي آهي. ويچارو
وڃي ڀرت کي پرنام ڪيائين، جنهن کيس رامچندر جو سڪا سمجهي
ڏاڍي سان لڳايو، ۽ هو منڪان ڪُسل منگل پڇڻ لڳو. ڀرت
جڏهن اهڙي حالت ڏسي گُهه کي شرير جي سڌ نه رهي ۽ اهڙو

ٻلا جي چوڻ تہ جو جنھنڪان اُتپن ٿئي ٿو، تنھن ۾ اُن جا ڳڻ اوس اچن ٿا، تہ ناٽڪ جو درشٽانت وٺ: جڏھن تہ مٽي سرپ جي مک ۾ رھي ٿي تہ اُنجا اوڳڻ نٿي ڳرھڻ ڪري، پر اُنکو زھر کي لاھي ٿي ۽ ڪنگالپڻو دور ڪري ٿي. سو ھي ڀرت! تنھنجو ويچار ڏاڍو اُتم آھي ۽ سياڻ رامچندر وٽ بہ بہ اوس ھلڻ کپي." منين کي متو ٽيڪي ۽ ڀرت کي نمسڪار ڪندا سڀ پنھنجي پنھنجي گھر روانا ٿيا. گھر وڃي ھرڪو ھلڻ جي تياري ڪرڻ لڳو، ۽ جنھنڪي گھر جي سنڀال لاءِ رکيو ويو، اُھو پاڻ کي اڀاڳي ڪوٺي رھيو آھي. تارن ڳڻيندي رات ڪٽي. اڃا صبح ٿيو تہ ڀرت چتر منترين کي گھرائي چيو تہ "راڄ تلڪ جي سڀ سامگري تيار ڪرائي بہ بہ ڪٺي ھلو، تہ منين جي ھٿان ئي رامچندر کي راڄ تلڪ ڏيو. رڳي آگيا ڪرڻ جي ئي دير ھئي. جڏھن تہ سڀ ڪجھ امالڪ تيار ٿي ويو. سيني ڪان اڳيرِ مني راڄ وسشٽ پنھنجي استري ارنڌتيءِ سان ھو، پٺيانس تيجوسي براھمڻن جا جھنڊ ھوا، انھنجي پٺيان نگر نواسي انيڪ رٿ سينگاري ھليا، ۽ سڀ کان پٺيان راڻيون ھيون، جنجي پٺيان ڀرت ۽ شتروگھن ھوا. سيتا ۽ رام کي بہ بہ ھوندو سمجھي ڀرت ۽ شتروگھن پيرين پيادا ھليا، جنکي ڏسي سڀ نگرنواسي بہ رٿن مان لھي پنڌ ڪرڻ لڳا ڪوشليا جو اھو حال ڏٺو سو ان کين سمجھائي رٿ ۾ چاڙھيو. پوءِ تہ ھلندا ھلندا ۽ پاڻو ڪندا، جڏھن شرنگويپر جي ويجھو پھتا تڏھن نشاد کي جو خبر پيئي، سو ھو سمجھڻ لڳو تہ "ڀرت ڪپٽ ڪريو سيتا پاڻسان ونيو وڃي، شايد انيءَ مطلب تي، تہ نندي پاڻ لڪشمڻ سوت جيڪڏھن رامچندر کي ماريندس، تہ پوءِ نج

جنهنجي (رام بنواس روپي) سخي پات سيتا جهائي ڏجي، جنهن کي (راجا جي مرتيو روپي) وڇوڙو ڏسڪيو تنهنکي وري جي ان محل (راڄ تلڪ روپي) مدٻيارجي تہ پوءِ ڇو تہ پلا اهڙي بچڙي جو ڪهڙو آڌار ٿيندو؟ واهہ ري لڪشمڻ! جڳ جو ڦل تہ توئي پاتو، جو سيڪجهہ تياڳي رامچندر جي چرنن ۾ چت لڳايئي. مهنجو تہ جنم ئي رامچندر کي بن موڪلڻ لاءِ ٿيو آهي، سو آءٌ مها پاپي اجايو ڪوڙو ڇو پيو پڇتاءُ ڪريان؟ منهنجي من ۾ تہ اها سڄي آئي آهي، تہ پراڻہ ڪل جو پکوان (شري رامچندر) وٽ ويندا ئي. جيتوڻيڪ سمجهان ٿو تہ وڏو ابراڏي آهيان ۽ منهنجي ڪري ئي سڀ سنڪٽ پيدا ٿيا آهن، تڏهن بہ پڪ اٿم تہ دو موڪلي شري ناٿ ڏسي منهنجن ڏوهن کي کما ڪري موٽي ڪرپا ڪندو. رامچندر پاڻهي ڪڏهن ويري تي بہ ڪروڌ نہ ڪيو آهي، تہ پوءِ آءٌ تہ وري ٻالڪ ۽ سندس سيوڪ آهيان. اوهين پنهنجي ست ڳنگا سمان آهيو، سو اهڙي ڪا آسيس ڪريو، جو مون منهنجي وينتي سويڪار ڪري، مون کي پنهنجو ڀڳت سمجهي، موٽي اچي راڄ ڪن. سچ آهي تہ ڪوڙي ماتا جي ڪُک مان پيدا ٿيو آهيان، مورک ۽ ڏوهي آهيان، پر تڏهن بہ هو موڪلي پنهنجو سمجهي بہ ڇڏيندا، اهڙو شري رامچندر جنهنجو ڀروسو اٿم."

ڀرت جي اهڙي واڻي ٻڌي سڀ لڪرواسي پرسن ٿيا ۽ سندس ساراهہ ڪرڻ لڳا ۽ چئي ڇڏڻ لڳا تہ "پيارا! تون ڇولا اهي وچن چوين، جو تون رام کي پراڻن کان بہ پيارو آهين؟ ۽ جيڪو پاپي ماتا جي ڪري تو پر دوش لڳائي، سو جنم جنم ڌاري ٿي، پنهنجن وڏن سميت شل نرڪن جا دک سهي؟

جي ڏوش ۽ گڻ جو ساڳو ڪو بہ خيال ڪونہ ڪندا آهن.
ويچاريو تہ پتا سرڳہ پڌاريو ۽ رامچندر ۽ سيتا بن ۾ آهن، پوءِ
اوهين مون کي راڄ ڪرڻ لاءِ جو چئو ٿا سو اها پڪ اٿم تہ يا تہ
منهنجي هٽ لاءِ يا پنهنجي ڪم ڪڍڻ ڪاڻ. منهنجو ڪلياڻ
تہ رامچندر ۽ سيتا جي سيوا ڪرڻ ۾ آهي. جئن ڪپڙن کان
سواءِ گهڻن جو بار اجايو آهي ۽ ويراڳہ بنا برهم جو چِنتن ڪرڻ
نرٿڪ آهي يا جئن بيمار لاءِ پوڳہ مزا اجايا آهن ۽ ڀڳوان جي
ڀڳتيءِ بنا جپ تپ نشڦل آهن ۽ جئن پراڻن بنا سندر ديهہ
ڪنهين نہ ڪم جي آهي تئن ئي رامچندر کانسواءِ مون لاءِ
سڀڪجهہ اجايو آهي. مونکي آگيا ڪريو تہ آءٌ وٽس وڃان
جئن تہ انهيءَ ڳالهہ ۾ منهنجو ڪلياڻ آهي ۽ هيءُ جو مون کي
راجا بنائڻ جو پهہ پڇايو اٿوَ، سو اجايو ٿا تهہ ڪٿيو. آها! آءٌ
ڪيڪئيءَ جو پٽر آهيان ڪوٽي منهنجي پڌي آهي رام کان
بيمک ۽ بي لڄو آهيان، اهڙو جيڪو آءٌ اڌم منشيہ، اُن جي
راڄ ۾ اوهانکي سک ڪٿان ملندو؟ آءٌ سچہ پڇہ ٿو چوانوَ تہ
راجا سداءِ ڌرم شيل هئڻ کپي، سو جي هٽ ڪري مونکي
راڄ ڏيندا، تہ پرٿوي پاتال هلي ويندي. مون جهڙو اهڙو ڪهڙو
پيو پاپاتما هوندو، جنهنجي ڪري رام ۽ سيتا کي بن پوڳڻو
پيو آهي؟ منهنجا نيچہ پراڻ ڪيڪئيءَ کان اتپن ٿيا آهن
جنهن رامچندر، سيتا ۽ لڇمڻ کي بنواس موڪليو، سرڳہ
لوڪ ۾ پنهنجي پتيءَ کي موڪلي اُنجو يلو ڪيو ۽ پاڻ وڌوا
ٿي لوڪ ۾ آپ جس کنياءِ ۽ پرجا کي سنتاپ ڏناءِ ۽ منهنجي
واسطي سڀڪجهہ ڪياءِ. سو اوهين سڀ چو ٿا پريشرم وٺو. پلا!
جنهنکي چو ڌاري (ڪيڪئي روپ) گرهہ ويڙهي ويا هجن،

۽ جس جوڏس پڪڙيل آهي، جڏهن ته اهڙو راجا نه ڪو ٿيو ۽ نه ٿيندو. پٽا! پڌاءِ ته جنهنکي اوهان جهڙا چار پٽ آهن، اهڙو وڏڀاڳي ٻيو ڪير هوندو؟ ڪاڻ تون سوچ ڦٽو ڪر، ۽ جيڪا راجا توکي آگيا ڪري ويو آهي، سا مٿي تي رکي انجي پالنا ڪر. پڌو هوندو ته پرسرام پتا جي آگيا پالن ڪري ماتا جو سر لاهي وڌو. راجا يياتي جي پٽ پتا کي پنهنجي جواني ڏيئي ڪالئس ورتا پڻ ورتو. تنهنڪاڻ تون راجا جا وچن سڌ ڪر. اتي پرجا جي پالنا ڪر، ۽ اهو شوڪ دور ڪر، ائين ڪرڻ ڪري راجا سرڳ ۾ سکي رهندو، ۽ تنهنجي ڪيرتي ٿيندي. اها ڳالهه پوسد آهي ته جنهن کي پتا گاديءَ تي وهاري، اهوئي مالڪ آهي. تنهنجي راڄ گديءَ تي ويهڻ ڪري راڻيون ڪي پاسي پوسن، ته رامچندر ۽ سيتا پڌي بن ۾ پئي، پاسي پوسن رهندا. رامچندر جي اچڻ پڄاڻا پاڻ راڄ اُنکي سونپي ڏج، ۽ تون سنهه سمت انجي سيوا ڪج."

اهو پڌي منتري پڻ هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته "ڪاڻ اوس گروءَ جي آگيا پالڻ ڪبجي، ۽ پوءِ جڏهن رامچندر اچي، تڏهن جئن وڻيو، ائين ڪجو." ڪوشليا ٻه ساڳي ريت سمجهايس. ڀرت اهي سڀ ڳالهيون پڌي ماٺ ڪري ٻڌي رهيو، ۽ توري ويهر ڪاليوهٽ جوڙي سيني کي اتر ڏيڻ لڳو ته "گروءَ موکي چڱو اپديش ڪيو آهي، ۽ ماتا ٻه جوڳي آگيا ڪئي آهي، سو انهنجو ڏوڻ موکي اوس سر تي رکڻ انگيڪار ڪرڻ کپجي. اوهانجي مت منهنجي ڀلي ڪارڻ آهي، پر هردي کي سنتوش نه ٿو اچي. تنهنڪاڻ منهنجي مهربانين پرارٿنا پڌي وٺو، پوءِ جئن جوڳو سمجهو ائين ڪرڻ لاءِ چئجو. اوهان کي جو اتر ڏيان

منهنجي انهيءَ اپراڌ کي کميا ڪجو، ڇو جو دکي منشيہ

راجا جي ڌرم ۽ سچ جي مهما ڪياءِ، جنهن شرير تياڳي پريم کي نباهيو ۽ پوءِ رامچندر جي گڻن ۽ شيل سڀاءَ ورڻن ڪندي منيءَ جون اکيون جل سان ڀرجي آيون. پڇاڙيءَ ۾ لڪشمڻ ۽ سيتا جي سچي پريم جي واکاڻ ڪياءِ، ۽ نيٺ ڀرت کي چوڻ لڳو "هي ڀرت! هو ونهارڌائي پربل آهي، ان کي متائڻ جي ڪنهن کي به سمرٿي ڪانهي، تنهنڪري ڪنهنکي به ڏوهه ڏيڻ اجايو آهي. اهو ويچار ڪر ته راجا شوڪ ڪرڻ جو جوڳو ڪينهي، ڇو جو شوڪ ڪرڻ جوڳا هي ٿيندا آهن:

١- اهو براهمڻ جو ويد کي نه پڙهي، پنهنجو ڌرم ڇڏي، وشين ۾ لمپٽ رهي ٿو. ٢- اهو راجا، جو نيتيءَ کان اڻڄاڻ رهي پرجا جو پيارو نه ٿو ٿئي. ٣- اهو ويشيه جو ڌنوان هجي ڪرپڻ (بخيل) رهي ٿو ۽ مهمان جو ستڪار نٿو ڪري. ٤- اهو شودر، جو براهمڻن جو اپمان ڪري ٿو، جو بڪ بڪيو، مان چاهيندڙ ۽ گهمنڊي آهي. ٥- اها استري، جا پتيءَ کي دوکو ڏيڻ واري، ڪٽل، جهيڙو ڪندڙ ۽ پنهنجي مٽي واري آهي. ٦- اهو برهمچاري، جو پنهنجي نيم ڌرم کي تياڳي گرو جو چيو نه ٿو مڃي. ٧- اهو گرهستي، جو اگيان جي وس ٿي ڌرم مارگ کان ڏنگو هلي ٿو. ٨- اهو سنياسي، جو گيان ويراڳ ڇڏي سنسار ۾ اٽڪيو پيو آهي. ٩- اهو رشي، جو جوڳ تياڳي ڀوڳ ۾ پرمي ٿو. ١٠- اهو منشيه، جو نندڪ، بنا ڪارڻ ڪرود ڪندڙ، ۽ ماتا، پتا، گرو ۽ ڀائرن جو ورودي آهي. ١١- اهو ڪنور ماڻهو، جو پرائي برائي ڪندڙ ۽ پنهنجو ارٿ ساڌيندڙ آهي. ۽ ١٢- سڀني کان وڌيڪ سوچ ڪرڻ جوڳ اهو آهي، جو ڪپٽ ڇڏي ڀڳوان جو ڀڳت نه ٿيو آهي. ٻڌ هي ڀرت! تنهنجي پتا جي ڪيرتي

توري مهاديو جو جس لڌو وڃي، جيڪي ويد کي تباڪي ڪمار ڪر تي ملن ٿا ۽ جيڪي لڪر بنجيو جڳت کي ڦرين ٿا، هي ماتا مهاديو پولانات موکي اُنهجي ڪت ڏني، جنهن ڪري مونکي اهي پيد هي ڪا خبر ني هوندي."

پرت جا اهڙا سچائي پريل ۽ هردي ۾ چهندڙ وچن ٻڌي ڪوشليا ڏوڙ لڳيس "هي پترا تون سوڳند نه کڻ مونکي پڪو پروسو آهي ته تون تن من ۽ وچن سان رام کي پيار ڪندڙ آهين، ۽ رام به توکي ساڳي ريت پراڻن کان پيارو سمجهندو هو. جيڪو مورکر توکي اهو دوش لڳائيندو، اهو جنم جنم جو ڏوهاري ٿيندو."

انهن ٻني پرت کي ڇاتي سان لڳائي ڏاڍو روئي. روئندي روئندي رات گذري ويئي صبح جو وامديو ۽ وسشٽ مني آيا، هن پرت کي پرمارٿ جا وچن چئي گهڻوئي سمجهايو ته "ڌيرج ڌري اٿي، جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪر."

پرت آڪيا پرمالي اٿيو ۽ سڀ ڪم ڪرڻ جي جوڙ پٽاندر ڪندو رهيو. راجا جي شرير کي ويد وڌي سان سنان ڪرايائون، ۽ ڏاڍو سندر جوڙول بنارايائون. ماتائن کي ستي ٿيڻ کان روڪيائون. ايڪ من چندن، اگر ۽ ٻيون سڳنڌي شيون جا ڳهرايائون پوءِ تنهن سريو ندي جي ڪناري تي چکيا تيار ڪئي ويئي، جنهن تي پٽا کي لڪا ڏيئي، گروءَ جي جوڙ پٽاندر ڳائيون، گهوڙا ۽ هاٿي وغيره دان ڪري پالڪي شڌ ڪيائون.

وسشٽ مهاراج شب ڏينهن جاهي راج سيا ۾ آيو، ۽ سڀني ڪرمچارين (درٻارين) ۽ شهر جي مکيه مکيه ماڻهن کي
نين ڪيڪئي جي بري ملت جي ندا ڪيا ۽ پنهنجو

ڇت سان سيني ڪلن موڪلائي ٻن ڏي هلڻ لڳو، جنهنکي سيتا
به پٺيانس لڳي. لڪشمڻ جو ڏٺو ته ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ ٻن ڏي وڃڻ
لاءِ تيار ٿيا آهن، سو پاڻ به ساڻن گڏ وڃڻ لاءِ جهٽ سنبريو.
رامچندر جيترو ڪيترو به اُنهن کي رهڻ لاءِ چيو، پر هُن پنهنجي
هوڏ نه ڇڏي. آها! وڏڀاڳي ته راجا جنڪ جنهن، جيستائين ڪ جيئرو
هو، رامچندر جو درشن ڪيو، ۽ ويوڳ ٿيندي ئي ستت پراڻ
تياڳيائين، پر مون نڀاڳيءَ جو اهڙو ڀاڳ ڪٿي؟"

ايترو چئي اچي رئڻ ۾ پيئي ۽ جنهنکي سڄي محلات ۾ روڏن
مچي ويو. ڀرت ڪوشلا سيني کي انيڪ ڪٿائون ٻڌائي شانت
ڪيو، پوءِ هٿ جوڙي سوڳند کڻي چوڻ لڳو ته ”جو پاپ
ماتا، پتا ۽ گروءَ جي مارڻ يا ڳئو شالا يا ٻرهم پوري جلائڻ ۾ ٿئي
ٿو، ۽ جو پاپ استري ۽ ٻالڪ جي مارڻ ۾ ٿئي ٿو، يا متر ۽
راجا کي زهر ڏيڻ ڪري ٿئي ٿو، اهي سڀ پاپ موکي لڳن،
جيڪڏهن منهنجي اڇا هوندي رامچندر کي ٻنواس موڪلڻ جي.
جيڪي ويد کي وڪڻن ٿا (پئسو وٺي ويد پاڙهين ٿا) ۽ ڌرم
کي ڏهن ٿا (ڌرم ڦٽو ڪري ڌن ڪٺو ڪن ٿا) جيڪي ٻين
جي نندا ڪن ٿا ۽ پراون ڀيڻن کي ڇٽي ڏيسن ٿا، جي
ڪپٽي، لچ، جهيڙي ڪرڻ تي سنبريل ڪروڌي، ويدن جا
نندڪ ۽ وشو (دنيا) جا ويري آهن جيڪي لوڀي، چُغل ۽
لباڙي آهن، يا جيڪي پرائي استري، پرائو ڌن تڪيندڙ آهن،
هي ماتا! جيڪا گت نه اُنهنجي ٿيندي سا شل منهنجي ٿئي،
جيڪڏهن منهنجي اڇا هوندي رام کي ٻن موڪلڻ جي. جيڪي
ساڌ و سگر کان پرسن نٿا رهن، ۽ جي اڀاڳا پرمارٿ کان بيمکر
آهن، جي ديه پائي به ڀڳوان جو ڀڄن نٿا ڪن، ۽ جنکي وشڻو

ڊوڙڻ لڳي "اري وڏاتا! مون ڪهڙو اپراڌ ڪيو، جو هيءُ ڪر
ڏي سهان؟ پاڻيءَ جو بدلو ڏيءُ ڪو ملير ڪئن؟" شترو ڪهن
هنڪي ڌڪي ڪان جهلي گهلڻ لڳي پاڻيو ۽ پر وري ڀرت اُٿي
ديا آڻي شتروگهن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو، ۽ هنڪي
اتيئي ڇڏي ڀئي پاڻ ڪوشليا وٽ ويا. ڇا ٿا ڏسن جو ڌوڙ
ميرا ڪپڙا اوڍيو ويٺي آهي. منهن جو رنگ پيلو ٿي ويو اٿس،
۽ ڏک جي ڪري تمام ڏٻري ٿي ويئي آهي. ڀرت کي ڏسي
ڊوڙ ڏوڙي، پر بيهوش ٿي ڌرتيءَ تي ڪري پيئي. ڀرت اٿي
تي ويجهو وڃي ڀرن تي ڪري پيس ۽ ڇوڙڻ لڳس "هي
ماتا! پتا ڪٿي؟ رام لڪشمڻ ۽ سيتا ڪٿي؟ مون کي ڏيکاريو
سڀاڻ ڪيڪئي جو اُتپن ٿي؟ ۽ جي ٿي، ته ٻه ڄڻ واڃهه
(سنڍ) رهي؟ جو مون جهڙو ڪُل ڪلنڪ، برائي جو پاتر ۽
پيارن جو ويري پيدا ٿيو. مون جهڙو نياڳو ڪير هوندو، جنهن
جي ڪري هي جڳ؟ تنهنجا هي حال ٿيا آهن؟ پتا سرڳ پڌاريو،
۽ رگهوونش جو ڏيو بن ڏيءِ روانو ٿيو. انهن سڀني آپدائن جو
ڪارڻ ته آءٌ ئي آهيان. مون کي ڌڪار آهي، جنهن مون ڏک ۽
ڏوش جو ڀاڳي ڪيس."

ڀرت جا اهي ڪومل وچن ٻڌي ماتا کي هوش آيو، سا
اُٿي ويٺي ۽ ڀرت کي ڇاتيءَ سان لڳائي خوب روئڻ لڳي.
پوءِ اکيون اگهي پوءِ ڏيڻ لڳيس ته "هي پٽ! ڪل ۾ ڪرم
جي گت امٽ ڄاڻي ڏک نه ڪر. ڪنهن کي ۾ ڏوهه ڏيڻ جوڳو
ڪيهي. جيڪي ڄمن ٿيڻو آهي سو اوس ٿيندو. هي پيارا!
پتا جي آڳيا سان رامچندر سڀ وستر ۽ گهڻا لاهي ڇڏي ۽ ڪپڙا
ڪيا، پر ان ڪري منهن کي ڏک نه ٿيو سو ڀتيءَ نه، ۽ ڀرس

۾ لعل تي چوڻ لڳو ” اڙي پاپڻ! هن ڪُل جي ناس جو سبب
ئي تون آهين. تنهنجي اهڙي بري اچا هئي، ته پوءِ تو ڇو
نه مونکي ڄمڻ مهل ئي ماري ڇڏيو؟ تون وڻ وڍي پنن کي
پاڻي ڏيڻ ويٺي آهين. آها! اُتم ڪُل ۾ جنم ورتو، ڌرم
ڌرندڙ پتا پاتم، رام لڪشمڻ جهڙا ڀائر مليم؛ اُنهن سڀني جي
هوندي به هاءِ اڙي ورڌاتا! تو جهڙي ماءُ ڪٿان ڏنيم. اڙي
ڪوتيءَ مت واري! جڏهن اهو خيال من ۾ جاڳيئي، تڏهن
تنهنجو هردو ٽڪر ٽڪر ڇو نه ٿيو! ور گهرڻ مهل تنهنجي هيءَ
جڀ ڇو نه سڙي؟ ۽ تنهنجي وات ۾ ڪنيان ڇو نه پيا؟ راجا
تو ڪپٽڻ تي وشواس ڪئن تي ڪيو؟ واه اڙي ورڌاتا!
تنهنجا به اچرج جهڙا کيل آهن. اڙي! اهڙو ڪهڙو پراڻي آهي،
جو رامچندر کي پيار نه ڪندو هوندو؟ توکي جو هو پيارو نه
لڳو سو ٻڌائينم ته تون ڪير آهين؟ خير! جيڪي به هجين،
منهنجي منهن تان ٽري وڃ. تو جهڙيءَ وروڌ ڪرڻ واريءَ جي
ڳرڀ مان ورڌاتا مونکي اُتپن ڪيو، تنهنلاءِ سنسار ۾ مون
جهڙو ٻيو ڪهڙو پاپي هوندو؟ توسان ڳالهائڻ ئي پاپ آهي.“ ماتا جي
اهڙي هالت ڏسي شترو گهن ڏاڍا خار پيئي کاڌا؛ پر پاهه جي حياءُ ڪري
ڪجهه به ڪچيو ڪين ٿي.

اڃا اها ڳڙٻڙ پئي هلي، ته هوءَ ڪُٻي منٿرا ٺهي نڪي،
ڪپڙا گنديءَ ڪري، اچي سهڙي؛ جنهنکي ڏسي ڀرت اُئين
ڏکڻ لڳو، جو ڄڻڪ ٻرندڙ باه ۾ ڪنهن گيهه جي آهوتي وڌي
هجي. ڪروڌ وچون منٿرا کي اهڙي لت هنياءِ، جو هوءَ رڙيون
ڪندي منهن ڀر وڃي پرٿويءَ تي ڪري. مغز ڦاٽي پيس ۽ ڏندن
ڀڃي پوڻ ڪري وات مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳس. هوءَ

هئي. سا ٻڌي ڪي آيو هاڻي ڌاڙي ٻوسن ٿي ۽ يڪدم دروازي
وٽ وڃي محل ۾ اندر وڃي آيس. پٽ کي اداس ڏسي پيڪو
حال پڇڻ لڳس ته اوڏاهن ته سڀ سک هو نه؟ ڀرت ناناڻي
پاسي جا ڪشل منگل ٻڌائي ماتا کان پنهنجي ڪٽنب جا ڪشل
پڇڻ لڳو ته "پتا ڪٿي؟ پيون ماتائون ڪيڏانهن ويون آهن؟
سيتا، پيارو رام ۽ لڪشمڻ ڪٿي؟" پٽ جا اهي سنهه پريل وچن
ٻڌي، هوء پاپڻ، ڪوڙو جل اکين ۾ آڻي، چوڻ لڳي "هي
پيارا! مون سڀڪجهه ويهاريو آهي. هن ڪٿن ڪال ۾ ويچاري
منٿرا ڌاڙي سو رهيائي ڪئي آهي. ورڌاتا وچ ڪم بگڙي ويو؛
جو راجا ديولوڪ سڌارجي ويو."

پتا جي ديولوڪ پڌارڻ جو ٻڌي، ڀرت دک کان وياڪل
ٿي "واه پتا! واه!" ڪندو ٻوڙي ٿي ڪري پيو. وري هوش
۾ اچي چوڻ لڳو "واه پتا! هاڻ مهل اوهانجو مونهن ڏسڻ ۽ نصيب
ڪين ٿيو. اوهين موکي رامچندر کي ۽ ڪين سونپي ويا."
وري ماء ڏي نهاري ڌيرج ڌاري ماتا کان راجا جي مرتيو جو
سبب پڇڻ لڳو. پٽ جا وچن ٻڌي ڪيڪئي اهڙن وچنن ۾ اتر
ڏيڻ لڳي، جو ڄڻ ته گهاون ۾ لوڻ ٻرڪڻ لڳي؛ يعني آنند جي
امنگ سان سربستي ڪٿا ڪري ٻڌايائينس. ڀرت رامچندر جي
بنواس جو ٻڌي پتا جو مرڻ وسري ويو؛ ۽ انهي بنواس جو
ڪارڻ پنهنجي هاڻي، چپ چاپ ٿي رهيو. ڀرت کي اهڙي
شوڪ ۾ ٻڏل ڏسي، ڪيڪئي سمجهائڻ لڳس ته "ٻچا!
راجا ڪيتئي سڌ ماڻيا، ۽ اهڙو وڏ ڀاڳي ٿورو ٿئي! سو تون
چنتا ڇڏي ڪر؛ اچي راڄ ڪر، ۽ جيها ٻال، ۽ ڪٽنب کي سکي
رکي." ڀرت کي اهي وچن، سڻي، جيئن ڇرڻ لڳا ۽ ڪروڌ ۾

جنن نه، اسانجا پراڻ ٿا وڃن، تنهن تنهنجا به، پٽ جي وڇوڙي ۾ سائيءَ ريت ويندا.“ اهي وچن چئي، راجا شوڪارا ڀرڻ، ”هاءِ رام! هاءِ لڪشمڻ! هاءِ سيتا!“ ڪندو پراڻ تيا ڳيا، ۽ سرڳ لوڪ پڌاريو.

راجا جي مرڻ جو ٻڌي راڻين پٽڪو مچايو. داس داسيون وياڪل ٿي ورلاپ ڪرڻ لڳا، ۽ نگرواسي گهر گهر ۾ ماتم ڪري رهيا ته ڏرم مورتي، سوريه ونش جو سورج، اڄ آست ٿي ويو. سيئي ڪيڪئي کي گاريون ڏيڻ لڳا. انهيءَ پرڪار ورلاپ ڪندي رات گذري صبح ٿيو. سڀ رشي مني اچي ڪٺا ٿيا، ۽ وسشٽ انيڪ گيان وارتائون ڪري سڀني جو شوڪ دور ڪيو. پوءِ هڪڙي دوت کي ڀرت جي ڪوٺي اچڻ لاءِ موڪليائين ۽ تاڪيد ڪيائينس ته راجا جي مرڻ جي ڳالهه نه ڪجي. دوت جلد اوڏانهن روانو ٿيو.

ڀرت ويچاري جڏهانڪر ايوڌيا ڇڏي هئي، اُن ڏينهن کان وٺي هو رات جو خواب سپنا لهندو هو ۽ جاڳڻ بعد ڪروڙين ويچار اُٿڻ ٿيندا هئس، سو ويچارو براهمڻن کي پوڄڻ ڏيندو ۽ انيڪ دان ۽ پوڄن ڪندو هو. سڪائون ڪندو هو ته شل پتا، ماتائون، ڀائر ۽ ڪٽنبي سڀ چڱا ڀلا هجن. هڪڙي ڏينهن جنهن ڀرت اجا اهڙن ويچارن ۾ ويٺو هو، ته دوت به اچي سهڙيو، جنهنجو نياپو ٻڌي هو يڪدم ايوڌيا ڏي اچڻ لاءِ سنبريو. ايوڌيا ۾ پهچڻ بهچڙا سڳن ڏسڻ لڳو. نگرنواسي گڏجڻ مهل رکو سر نمايو وڃن هليا، پر ٻولي ڪا اکر به منهنجهائين ڪونه ٿو. اهڙي دشا ڏسيو ڀرت به ڪنهنکان ڪشل منگل ڪونه ٿو پڇي. ڪيڪئي (دک جي داتا) جا رستو نهاري اکيون ٿاڪو ويٺي

رامچندر جو ويوڳ (جدائي) اٿاهه سمنڊ آهي. اوهين اُن ۾ کيوٽ (ملاح) آهيو، ۽ ڇوڪرن ورهن جو مدو جهاز آهي، جنهن ۾ سڀ متر مائٽ چڙهيا آهن سو جي اوهين ڌيرج ڌاريندا، ته پار پهچنداسون نه ته سڄي ڪٽنب سوڌو ٻڏي وينداسون. تنهنڪري ويچارون کي سمجهه ڪريو. رام، لڪشمڻ ۽ سيتا اسان کي سکيا ئي اچي ملندا."

پياري استري جا اهي وچن ٻڌي راجا دشرٿ اٿي ويٺو، دل کي ڌيرج ڏيئي ڪوشليا کي شرواڻ جي پيءُ الذي تپسوي جي وارتا جا ڪ هيئنڙو ياد پيس، ڪري ٻڌايائين ته "هي پيارا! ڪري ڏينهن سرجو نديءَ جي ڪناري تي شڪار ڪيليندي ڪيليندي رات پئجي ويم. اتفاق سان ڪو نوجوان ڇوڪرو، جنهنجو نالو شرواڻ هو ۽ جنهنجا ماتا پتا انڌا هوا، پاڻي ڀرڻ لاءِ آيو. منهن جهڙو ڪهڙو ٿي پيو، تهڙو مون سمجهيو ته ڪو مست هاٿي آهي، سو هڻي ڪڍيو ماڻس تير، جنهن تي هو زمين تي ڪري ليٽڻ ۽ ورلاپ ڪرڻ لڳو. منش جو آواز سمجهي جان اڳيان وڃي ڏسان ته هو پيو ڦٿڪي رهيو هو. مون کي ڏسي هن پنهنجي انڌي ماتا پتا جو احوال ٻڌايو ۽ چيائين ته "مون لاءِ فڪر ڪجي نه، پر هنن کي وڃي پرسن ڪر، نه ته ديري ٿي وئي آهي، هو ڏاڍا اداس ويٺا هوندا." آءٌ جل کڻي اُنهن وٽ ويس، ۽ هنن مون کي شرواڻ سمجهي ديري جو سبب پڇيو. پر جڏهن مون سربستو احوال ٻڌايومان، تڏهن هنن چيو ته ڪين ۾ شرواڻ سان گڏ چکيا تي رکجي. مون ائين ڪيو. پر جلڻ مهل هو چوڻ لڳا "هي راجا! اسان کهڙي پاڻ کي روڪيو، نه لاچار پتر اڄ جي اڳئي پاڻ کي اندر مان ٻاهر ڪڍي آهي. سو

ٻنهي کي سمان ڄاڻي ٿو. سو ئي سڄاڻ! اوهين ڌيرج ڌاري
سڀ شوڪ ڇڏي ڪريو، جيڪو ٿيڻو هيو اهو، سو ڪن ڏينهن
بعد، "تہ هتان رواني ٿيڻ بعد ڪن ستائن تي رهڻ پڇاڙي
پيارو جو رامچندر مونکي بالڪل گهڻي قدر اوهانکي ڏيڻ
ڏيڻ آهه چيو تہ پتا کي چئجو تہ جو اسان آهه ڪابہ چنتا نہ
ڪري. سنديس ڪرپا، ديا ۽ پيار جي ڪري اسانکي ٻن جو
رستو منگل دايڪ ٿيندو، ۽ آشا آهي تہ سنديس آڳيا جو پالن
ڪري جلدئي اچي سندس چرنن جو درشن ڪنداسون. ماتائن
کي پڻ ونئي سان سمجهائجو ۽ اهڙو يتن ڪجو ۽ جو ٻنا پرسن رهي
کيو ۽ کي پڻ منهنجي طرفان وار وار نمسڪار ڪري چئجو تہ
راجا کي اهڙو اپديش ڪندو رهي، جنهنڪري مونڪان ڪيس ڪا
شوڪ نہ رهي. ڀرت کي چئجو تہ راڄ ڪاڄ تي وڃي نيتي ۽
ڇڏي. من، وچن ۽ ڪرم سان پرجا جو پالن ڪري، ۽ سڀني
ماتائن کي سمان سمجهي سندن ٽهل ڪري، ۽ پتا جي اهڙي
سيوا ڪري، جو منکي منهنجي ياد ڪيڏي ٿئي نہ رهي. جيتوڻيڪ
لڇمڻ اُن مهل ٿورا ڪوڙا وچن ٻوليا پر رامچندر منکي روڪي
مونکي سوڳند ... لڇمڻ جي ... آهي ...
کي ... اهي ... ٻڌا ... اوه ...
آهه ... تي ... اوهانکي ... آهين."

سمنت ... وچن ... راڄ ... تي ڪري ...
ڪري ... تي ... لڳو، جو ... سڀ ...
لڳي ... ۽ ... ڌاڪار ...
ڪہ ... سمجهيو تہ ... سورج ... ڪاں ...
... سو ... راجا ... وچن ... لڳي "...

اڄڻ ئي ڪل نہ رهي. راڻين جو ڏٺو تہ منٿري اڪيلو موٽي آيو، سو بہ ڇوڏاري وڃي ويس ۽ احوال پڇڻ لڳيس، پر هن ڪڇ اڳ بہ وائڻ نہ ڪڇيو. ليڪ اکين ۾ جل آڻي چوڻ لڳو "راجا جو ڏس ڏيو تہ ڪٿي آهي." داسي الهيءَ تي هنکي ڪوشليا جي محل ۾ وٺي ويٺي، جتي سمنت راجا کي مائين ڪيڻان ۾ زمين تي پيل، ۽ ڏري ڏري "هاءِ رام! هاءِ لڪشمڻ! ۽ هاءِ سيتا!" اهي وچن پڪاريندو ڏٺو. راجا جي اها اوستا ڏسي منٿري اکيون وڏي وڃي پرڻام ڪيو، جنهنتي راجا يڪدم ڇاتيءَ سان لڳائي چوڻ لڳس "ڪٿي سمنت! پڪاءِ رام ڪٿي آهي؟ لڪشمڻ ۽ سيتا ڪٿي وڃي آيو آهين؟ موڙائي ولي آيو آهين، يا بن ۾ ڇڏي آئين؟" راجا جا اهي وچن پڌي سمنت جنهن اکين جل سان پڇي آيون. راجا وري بہ چوڻ لڳس "هي سکا! سکهو ٿي، پڌائيندو." وري رامچندر جا ڳڻ ياد ڪري پيو چوي "اڙي! جنهنکي راڄ ڏيڻ جو هٿي، ڪار وس تي، بنواس ڏنو، ۽ جنهنکي نہ راڄ ملڻ جو پڌي خوشي ٿي، ۽ نہ بنواس جو پڌي ڪجهہ شوڪ ٿيو، سو اهڙي پتر هي وڃائڻ ڪري بہ جيڪڏهن منهنجا پراڻ نہ ويا تہ موں جهڙو ٻيو پاپي دنيا ۾ ٻ ڪير هوندو؟ هي متوا جلد مونکي اتي پهچاءِ، جتي منهنجا پراڻ پيارا آهن، نہ تہ آءٌ هيتر جو هيتر تو پراڻ تياڳيان."

راجا جا اهي وچن پڌي منٿري چوڻ لڳو "هي راجا! اوهين ترڪيالوان آهيو، ڏيرج وان آهيو ۽ سدا ساڌن سنتن جي ٽهل ڪئي اٿوَ، سو اوهانکي جهڻ موڙ، دک سک، لاڀ لاڀ، پيارن جو ملڻ وڇڙڻ، ڪال (وقت) ۽ ڪرم جي وس سمجهڻ گهرجن. ... سک ۾ پرسن رهي ٿو ۽ دک ۾ دکي، پر ڌيرج وان

والميڪ جي واتان چترڪوٽ جي واکاڻ ٻڌي ڀڳوان رامچندر جن
اوڏانهن پڌاريا ۽ وڃي اُتي رهيا. سندن اچڻ جو ٻڌي اُتيجا
سڀ رشي منې وٽن ملڻ لاءِ آيا، جن سڀني جو انهن جوڳو
ستڪار ڪري کين روانو ڪيو، ۽ پاڻ لڪشمڻ ۽ سيتا سميت
سک سان رهڻ لڳا.

هاڻي سمنت جو رامچندر کي پهچائي ايوڌيا موٽيو، اُنجو
حال ٻڌو. نشاد مهاراج جن کي پهچائي اچي ڏسي ته سمنت ڌرتيءَ
۾ ڀوت هڻيو "ها رام! ها لڪشمڻ! ها سيتا!" ڪري رهيو آهي ۽
۽ رٿ جا گهوڙا گاهه چارو ڪجهه به نه کائي هٽڪاري ۽ اکين
مان جل وهائي رهيا آهن. نشاد انهيءَ تي سمنت کي گهڻي قدر
سمجهائي رٿ ۾ چاڙهيو، پر شوڪ وچون هو گهوڙا هلائي نه سگهيو،
۽ نڪي گهوڙن ئي موٽي هلڻ تي پانيو. تڏهن لاچار نشاد پنهنجا
ماڻهو ڏيئي کين ايوڌيا پهچايو. واٽ تي سمنت ويچار ڪندو
اچي ته "مونکان ماڻهو پڇندا، تنکي ڪهڙو جواب ڏيندس؟
ماتائون جي اکيون پائي وينيون هونديون ته تنکي ڇا چوندس.
راجا، جنهنجو جيئڻ جو آڌار ئي رامچندر تي آهي، اُنکي ڪهڙو
منهن ڏيکاريندس. ڇا، انهنکي هلي چوندس ته رام، لڪشمڻ ۽
سيتا کي بن ۾ ڇڏي آيس؟ آها! اڙي پراڻ! اوهين آپ جس
جا پاڪي تي چڪا، پوءِ خبر نه آهي ته ڇو نه ٿا نڪرو؟ اڙي هردي!
ڏاڍو ڪو ڪٺور تو ڏسجين. وقت هتان وڃايءِ، پوءِ به خبر نه
آهي ته ٽڪرا ڇو نه ٿئين؟" اهڙا پڇ پڇائيندو ايوڌيا پوريءَ
جي ٻاهر پهتو.

ڏٺائين سڄو اُتي ڪڏاري منهن اونداهيءَ جو شهر جي اندر اچي
اُمالڪ محلات ۾ گهڙي ويو، انهيءَ ڏپ کان ته آدمين کي سندس

اڳيان رام، پٺيان لڪشمڻ ۽ وچ ۾ سيتا بن جي شوڀا ڏسندا پيا وڃن. جتي ڏسن ته سيتا ٿڪي آهي ۽ اڃ پالوڪن، ۽ آرام وٺي وري اڳتي ھلن. ھلندي ھلندي ھو والميڪ رشي جي آشرم وٽ پھتا. رگھوناٿ جي اچڻ جو ٻڌي مني پاڻ کين وٺڻ آيو. رامچندر کيس ڊنڊوت ڪئي، منيءَ آشيرواد ڏنيس. پوءِ آشرم ۾ آڻي، آسڻ تي وھاري، کين ڪارائي پياري ڪالھن ڪشل منگل پڇيائين. رامچندر منيءَ جي اھڙي پرڪار جي اتي ستڪار (مھمان نوازي) تي خوش ٿي، ھٿ جوڙي، سمورو حال ٻڌايو ته ڪين ڪيڪئي بنواس ڏياريو جي آڪيا ڏياري آھي. وري چوڻ لڳو "پتا جو وچن پالڻ، ماتا جو ڀلو ٿئي، ۽ ڀرت جھڙي ڀاءُ کي راڄ ملي، ۽ جي ڀڳو! اوھان جھڙن بزرگن جو درشن ٿئي، اھو سڀ منھنجي پڇن جو ڦرڦاڙ نه آھي، ته ٻيو ڇا آھي؟ ڀلا! ھاڻي ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ھن بن ۾ سيتا ۽ لڪشمڻ سميت ڪٿي جھوپڙي اڏي رھجي ۽ جنھنڪري ھن رشين منين کي ڪو ڪايش نه ٿئي، ڇو جو براھمڻن جو ڏوسن ضرور ڪاياڻن جي جڙ آھي، ۽ اُھن جو ڪرود اڳيئي ڪُلن جو ناس ڪندڙ آھي."

رامچندر جا اھي وچن ٻڌي والميڪ گد گد ٿي، جواب ۾ چوڻ لڳو "ھي رامچندر! اوھين ويد جي مرياد رکڻ وارا آھيو، تنھنڪري اھڙيون ڳالھيون ڪري رھيا آھيو. ھاڻي ٻڌو ته اوھانجي ڪٿا آھي ندين سمان، ندي يون ھميشه سمنڊ کي پرينديون رھن ٿيون. سو توھين وڃي براجمان ٿيو اُھن ٻڌڻن جي ھردن ۾، جنجا ڪن ڇڇن سمنڊ سمان، جي منجھن اوھان جي ڪٿا روپي ندين ڀرڻ سان ڀر نه ڀرجن، نه ته چترڪوٽ تي وڃي رھو، جو اوھانجي رھڻ جو جوڳو استان آھي."

ناس ٿي ويا. گھڻو وقت مزوري ڪري ٽڪو هوس، سو اڄ
اُدو ٽڪ منهنجو اوهان دور ڪيو. سو هي ديالو! هي سوامي! اوهان
جي ڪرپا ساڻ هاڻي ڪجھ بہ گھرجي. موٽڻ مهل جيڪي ڏيندم،
سو مستڪ تي رکندس." لڪشمڻ ۽ رامچندر جيترو ڪيترو
زور ڪيس پر هو هڪڙو ئي نہ اڪر واري ويٺو رهيو. ڪروڙاندان
ٽڏهن کيس نرمل ڀڳتيءَ جو ور ڏيئي روانو ڪيو.

رامچندر سنان ڪري، شو پوڄن بعد گنگا کي سر نمايو،
۽ سيتا هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ لڳي تہ "هي ماتا اسان جا
منورٿ پورا ڪجانءِ، جو پتيءَ ۽ ڏير سميت موٽي اچي ڀلي
ڀاو سان تنهنجي پوڄا ڪريون." سيتا جا اهڙا مڌر وچن ٻڌي
جل مان آواز آيو "هي پياري! جيتوڻيڪ تو ڪان ڪجھ بہ ڳجھو
ڪونهي، پر تڏهن تہ پنهنجيءَ واڻيءَ سڦلي ڪرڻلاءِ چوان ٿي تہ
تنهنجا سڀ منورٿ سڌ ٿيندا." بس! پوءِ اها رات اُتي وسرام
ورتي، ٻئي ڏينهن پرياڳ ۾ آيا، جنهنکي ڏسي رامچندر ڏاڍو پرسن
ٿيو ۽ پنهنجي شري واڻيءَ سان ستوتي ڪرڻ لڳو. پوءِ تہ سنان
سنڌيا ڪري وڏيءَ سان ديوتائن جو پوڄن ڪيو.

انهيءَ کانپوءِ ڀاردواج رشيءَ جي آشرم ۾ آيا، جنهن هنن کي جو
ڏٺو، سو سمجهيائين تہ جڻ ٽنهي لوڪن جا پدارٿ ملي ويس.
پوءِ تہ کين آسڻ ڏيئي، ڪرائي پياري، ويٺي ڪانئن ڪشل منگل
پڇڻ لڳو. اهو ڏينهن اُتي رهيا ۽ ٻئي ڏينهن اُتان روانا ٿيا.
رستي تي جيڪو ڏسين، سو مٿن ڪهل آڻيو پيو چوين تہ "آءُ
اوهانسان گڏجي هلان ۽ رستو ڏيکاري پوءِ موٽي وڃان، ڇو جو
بن جو رستو ڪٺن ۽ پهاڙ اتي ڏوائتا آهن." پر اُنهن سڀني کي
ڪومل واڻيءَ سان پرسن ڪري، پٺتي موٽائي پاڻ بن ڏي سڌاريا.



شري رامچندر جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پار وڃڻ

جا پير ڪان ڪيترا ڀاڳا لڳا آهي. پٿر جي ڇُهڻ سان پٿري به استري بڻجي پئي، ته منهن ڪنگال جي آجيوڪا (ڪمائي) ماري ويندي. جو ته اهي پيڙهڻ جي آسري ته سڄي ڪٽنب جي پالنا ڪريان ٿو. ڪاٺي جي ٻيڙي کي تو ٻڌو پار وڃڻو آهي، ته هي پڀو! ڪرپا ڪري پنهنجا اهي پير ڌوئڻ ڏيو. مونکي اوهان کان پاڻ وٺڻو ڪونهي. ڀلي ته لڪشمڻ ڪاوڙجي ماري وجهي؛ پر مونکي اوهانجو سوڳند آهي ته سواءِ اٿين ڪرڻ جي ڪڏهن پار ڪين اڪاريندو سائين."

ڪيوٽ جا اهي پريم ڀريا وچن ٻڌي ڪرڻاندان شري رامچندر سيتا ۽ لڪشمڻ ڏي نهاري مرڪيو ۽ ڪيوٽ کي چيائين "ڀلو پيارا! جئن نقصان نه اچئي، تئن ڪر، پر سگهو پار پهچاءِ، جو دير ٿي آهي." آها! جنهنجو نالو هڪ ڀيرو وٺڻ ڪري منشيه اپار سنسار پار اڪريو وڃي ۽ جنهن وامن اوتار وٺڻ مهل ٽيئي لوڪ ٽيئي پير ڪان به ننڍا ڪري ورتا، سو ڪرپالو ڀڳت جي وس ٿي پيرن ڌوئڻ جي وات ڏسي رهيو آهي.

ڪيوٽ آڪيا ٻڌنديئي پاڻي کڻي آيو، ۽ تمام گهڻي پيار ۽ پريم سان پڀوان جا چرڻ ڌوتا. ڪٽنب سميت اهو چرنامرت وٺي پڀوان کي پار پهچايائين. جڏهن رامچندر جن پار پهتا، تڏهن ڪيوٽ نمي پيرين پيو، ۽ رامچندر ويچار ڪرڻ لڳو ته هن کي ڪجهه ڏيڻ واجب آهي. پتيءَ جي من جو ڀاءُ سمجهي سيتا منڪي مڻ مان منڊي لاهي ڏني، ۽ رامچندر ڪيوٽ کي چوڻ لڳو ته "هان! وٺ هي، تهنجو ڀاڙو." ڪيوٽ تڏهن چرڻ پڪڙي چوڻ لڳو ته هي ناٿ! اڄ مونکي اهڙي شيءِ ڪهڙي ڀ، جا نه مِلي. اڄ منهنجا سڀ ڏوش، ڏک ۽ ڪنگالپڻو

پتا جو نياپو ٻڌي رامچندر سيتا کي ڪيتري قدر سمجهايو،
جنهنتي هوءَ چوڻ لڳي ”هي پراڻ پتي! اوهين ته وڏا وڏيڪي
آهيو، ڀلا! شرير کي ڇڏي ڇانءُ ڪٿي جدا ٿي سگهندو؟ سورج
کي ڇڏي اُس ڪيڏانهن ويندي؟ ۽ جئن سڀائي چندرما کان
جدا ٿي نه ٿي سگهي، تئن آءٌ، اوهان کان جدا رهي ڪين
سگهنديس.“ وري سمنت ڏي نهاري چوڻ لڳي ”اوهين
ته پتا ۽ سهري سمان آهيو؛ تنکي جواب ڏيڻ بہ ڀل ۽ پاپ
آهي، پر آءٌ سمجهان ٿي ڀلي پتا جي گهر سڀيئي سک موجود
هجن ۽ ڀلي سهري وٽ سڀيئي دنيا جون نعمتون موجود هجن،
پر تڏهن بہ آءٌ سمجهان ٿي ته پتيءَ بنا اهي سڀ تچ آهن،
۽ هي بن جا ڏکيا رستا، پهاڙ، هاٿي، شينهن، تلاءَ، نديون،
راڪشس وغيره پراڻ پتيءَ جي هوندي سک ڏيندڙ پيا لڳن.
انهيءَ ريت منهنجي طرفان سهرو کي پيرين پئي ڏيرج ڏجو ۽
چئجوس ته منهنجي واسطي ڪابہ چنتا ڪانہ ڪري ڇو جو آءٌ
ڏاڍي سکي آهيان.“

سمنت ويچاري لکہ يتن ڪيا، پر ڪابہ ماں ورئو ڪجهہ
بہ ڪين، جنهنڪري ڏاڍو اُداس ٿيو ۽ پنتي موٽيو، رامچندر
سمنت کي انهيءَ طرح زبردستيءَ سان موٽائي، پوءِ پاڻ گنگا جيءَ
جي ڪناري وٽ آيو. اُتي اچي ڪيوٽ (ملاح) کان ٻيڙي
گهريائين، پر هن ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ڇو جو هن چيو ته ”مون
ٻڌو آهي ۽ پڪ بہ اٿم ته اوهانجي چرڻن جي رج بہ ايتري ڪا
شڪتي آهي، جو ڇهڻ سان اها شيءِ منشيہ بڻجيو پوي. ڀلا! جنهن
جي پير لڳڻ سان سخت پٿر جي شِلا (چپ) مٿجي سندر استري
ٿي پيئي ته هن ڪاٺ جي ٻيڙيءَ کي گهڙي ويرہ لڳندي؛

تي ڪهڙا نہ آرامي سمهيا پيا آهن. سڀ ڇيل آهي تہ ڪرمن جي ڪَت ليارِي آهي." لڪشمڻ تڏهن چيس " هي ڀائي! تنهنجي ڳالهہ بيشڪ برابر آهي. هي سنساري سک، سڀئي ۽ راجا بيکاري ۽ ڪنگال اندر ٿي پوي تنهن سمان آهي. اهو ويچاري ڪرو ۽ ڪرڻ نہ کوجي، ۽ نہ ملت ڪنهنکي ڏوهہ ڏيڻ کپي. وري مهاراج جن ڀڳتن، ڀومي، براهمڻن، گئو ۽ ديوتائن جي هت لاءِ منشيہ ديہہ ڌاري هي ليلائون ڪريٿو. هي مترا اهو سمجهي اگيان کي ڇڏيو ۽ شري رامچندر جي چرڻن ۾ چت لڳاءِ."

اهڙي طرح رامچندر جا گڻ ڳائيندي صبح ٿيو. رامچندر سڀ ڪريا ڪان فارغ ٿي، بڙ جو کير گهرائي، لٺيون ٻڌي سميت پنهنجون جٽائون ٻڌيون، جو ڏسي سمنت من جهلي نہ سگهيو ۽ زار زار روئي چوڻ لڳو "سوامي! راجا مون کي اوهان کي ٻن ڪهائي ڦيرائي ولي اچڻ لاءِ چيو آهي، سو اوهين هي ڪهڙو انڌير نا ڪريو." رامچندر تڏهن منتري کي سمجهائڻ لڳو تہ "شهيءَ، دڌيچ رشيءَ ۽ هرشچندر ڌرم لاءِ ايڪ دکر سنا ۽ رلت ديو ۽ ٻلي راجا بيشمار سڪٽ پوڳيا. ستيہ سمان ٻيو ڌرم ڪونهي. جنهنجي تياڳڻ ڪري ٽنهي لوڪن ۾ اپ جس ٿئي ٿو. هي پيارا! تو سان وڏڪ سوال جواب ڪري مونکي پاپ لڳندو، تنهنڪري پيا کي پيرين پئي، هٿ جوڙي، وينتي ڪجانءِ تہ مهنجي ڪابہ چنتا نہ ڪري." اهڙي تي سمنت وري چيس " هي رگهوناٿ جنهن دستور سيتا موٽي اچو ڏيا هلي انهن ئي ڪرڻ کپي. نہ تہ آءُ ڪهڙو منهن سان موٽي ويندس، ۽ راجا کي ڪهڙو جواب ڏيندس؟ پوءِ سيتا کي جي ولي اتي ... ڪهيس تہ پيڪي رهي، ڪهيس تہ ساهري."

تڏهن رامچندر منتري کي سڏي چيو تہ ”رٿ کي راتون
رات اهڙو هلاءِ، جو ڪو بہ هنکي جلدي اچي ڳولي نہ سگهي،
نہ تہ ٻيو ڪو بہ اُپاءُ ڪونهي، جو هي نگرواسي موٽي وڃن.“
انهيءَ آگيا انوسار رٿ تيار ٿيو، ۽ منجهس رام، لڪشمڻ ۽ سيتا
چڙهيا. سڄو نگرڻ کان اڳ ڪٿي جو ڪٿي وڃي رسيا. جڏهن
صبح ٿيو ۽ ماڻهو جاڳيا، تڏهن رامچندر کي نہ ڏسي سڀيئي
دل بکيڙو ڪرڻ لڳا، ۽ رام رام پڪاريندا هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙون
پائڻ لڳا. جڏهن پتو ڪو نہ پيو، تڏهن پاڻ کي ڏکاريندا،
افسوس ڪندا، موٽي ايوڌيا بہ پهتا.

سيتا، منتري ۽ ٻئي ڀائر شرنگوپور بہ اچي پهتا، جتي رامچندر
گنگاجي کي ڏسي ڏاڍي آنند سان نمسڪار ڪئي، ۽ پوءِ ايڪ
ڪٿائون ڪري منتري، لڪشمڻ ۽ سيتا کي گنگا جي اُتمتا
ٻڌايائين. پوءِ منجهس سنان ڪري رشي جو تلڪ لڳائون، ۽ پوتر
جل ٻي من پرسن ڪيائين. جڏهن گُهہ نالي نشاد رامچندر جي اچڻ
جو ٻڌو، تڏهن هو ڦل ڦول جا ٽوڪرا ڀري ڪٽنب سميت درشن
ـ آيو، ۽ پوءِ شهر بہ هلڻ لاءِ وينتي ڪيائين. رامچندر پتا
ـي آگيا ٻڌائي اوڏانهن هلڻ کان انڪار ڪيو. گُهہ تنهن تي ڪري
ـيشم جي وڻ کي سٺو سمجهي انهي هيٺان آڪي آسڻ بنايو،
ـ رامچندر کي گهڻو پسند آيو. پوءِ سڀيئي ڀوڄن ڪري آرام
ڪرڻ لڳا. لڪشمڻ وڃي پهرو ڏيڻ لڳو، ۽ نشاد بہ تير ڪمان
ـي لڪشمڻ سان گڏ اچي ويٺو، پر رام ۽ سيتا کي ڪکن جي
ـجہ تي سمهيل ڏسي رئڻ لڳو، ۽ لڪشمڻ کي هيٺيان وچن چيائين:
”ڏسو تہ سهي، جو رام ۽ سيتا محلاتن بہ رهڻ وارا ۽ ڦلن
سيجن تي سمهڻ وارا؛ سي قسمت جي ڦير ڪري ڪکن

منترين وغيره سيني کان موڪلايو، ۽ سيني کي ماتا پتا جي
پارت ڪندو سمجهائڻ لڳو ته ”هرڪنهن ريت اهڙو يتن ڪجو،
جو آهي سکي رهن.“

رامچندر جي وڃڻ وقت، وڻ ٽڻ لڳي ويو ۽ ماڻهن جون
آهون زاريون ٻڌي جگر ٿي ڦاٽو. جڏهن راجا دشرٿ سجاڳ ٿيو،
تڏهن سمنت وزير کي سڏي چوڻ لڳو ”هاءِ! رامچندر بن ڏي
سڌاريو، پر مون پراڻ نه ويا. سو آهي ڪهڙي سک ماڻڻ لاءِ شرير
۾ رهيا آهن؟ هي مترا رٿ وٺي ۽ ڪين منجهس چاڙهي، بس
گهمائي وري وٺي اچجان. پر جيڪڏهن ٻئي ڀائر وڃن تي ڦري رهي
نه موٽن، ته ڪنهن نه ڪنهن منتون ميڙون ڪري سيتا جي
ٻانهن اوس وٺيو اچج. جي ڪنهن وقت سيتا بن جون تڪليفون
ڏسي ڏڄي، ته اُنوقت اُنکي سمجهائي وٺي اچج. پر جي سيتا
به مت ڪيو، ۽ نه موٽي، ته پوءِ جيئڻ اجايو آهي.“ ائين چئي
وري به مورڇا ٿي ڪري پيو.

سمنت آڪيا پائي، رٿ تيار ڪرائي، جلد اُتي اچي پهتو
جتي رام، لڪشمڻ ۽ سيتا بيٺل هوا. سمنت، راجا جو ڏنيائو ٻڌائي،
ٽنهي کي رٿ ۾ [illegible]، ۽ پوءِ سيني ايوڌيا کي سر نمائي
روانا ٿيا. رٿ جي [illegible] سڀ ايوڌيا واسي به هلڻ لڳا، جن
سڀني کي رامچندر سمجهائي پٺيان موڪليو، پر وري نه ڪيترا
ساٿي هلڻ لڳا.

پهرين ڏينهن رامچندر [illegible] جي ڪناري تي نواس ڪيو.
[illegible] رات ٿيڻي، تڏهن [illegible] کي ماڻهن کي موٽي وڃڻ لاءِ
[illegible] سمجهايو، پر جڏهن آڌي رات ٿي ۽ جڏهن
[illegible] سمهي رهيا ۽ ڪن جي ديو مايا ٻڌي پاڻي،

سکي رکجانءِ، جو ايوڌيا جي سڀني جي ڏرو بہ ياد ڪيري نہ پوين."
اهڙيءَ طرح پتر کي اُپديش ڏيئي، آگيا ڪيائينس ۽ آشيرواد ڏنائينس.
ماتا کي پيرين پئي لڪشمڻ جلد اوڏانهن هليو، جتي رام ۽
سيتا هوا. پوءِ ٽيئي گڏجي راج مندر ۾ آيا. راج دربار ۾ ڏاڍي
ڀيڙ لڳي پيئي هئي، ۽ سڀ ماڻهو هاهاڪار مچائي رهيا هوا. وزير
راجا کي اُٿاري وهاريو ۽ چيو تہ "رامچندر آيو آهي. سيتا سميت
ٽنهي پٽرن کي راجا ڏسي ڏاڍو وياڪل ٿيو، ۽ زبان مان هڪڙو
لفظ بہ ڪڍائي نہ سگهيو. تڏهن رامچندر وٽس وڃي پيرين پئي
موڪل وٺڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو "هي پتا، موکي آگيا ۽ آشيرواد
ڏيو. هيڙي آنند جي سمي دک ڪرڻ نہ گهرجي." راجا جڏهن
ڏٺو تہ رامچندر نہ رهندو، جو تہ هو ڏاڍو ڏرڙ، ڌيرج وان ۽ چتر
آهي، سيتا کي سمجهائڻ ۽ بن جا مها دک ٻڌائڻ لڳو، ۽ سڀ
منتري وغيره سيتا کي سمجهائي چوڻ لڳا تہ "تون جو ٿي وڃين؟
تو کي تہ بنواس ڪونہ مليو آهي." پر اهو سڀ چٽڪ سٽيي
ڪيڙي تي پاڻي هو.

ڪيڪئي جڏهن ڏٺو تہ هاڻي وڃہ آهي، تڏهن اُمالڪ منين
جا وستر، ڪڻا، ۽ برتن آڻي اڳيان رکي مٿي واڻيءَ ۾ چوڻ لڳي
"هي رام! تون راجا کي پراڻن کان پيارو آهين، تنهنڪري سنيہ کي
ڇڏي نہ ٿو سگهي. شڀ ڪرم، سندر ڪيرتي ۽ پرلوڪ ڀلي
بگڙي، پر تو کي راجا بن وڃڻ لاءِ ڪڏهن ڪين چوندو. هاڻي
جيڪي واجب سمجهين، سو ڪر." رامچندر ماتا جا وچن ٻڌي
پرسن ٿيو، ۽ اُمالڪ اُهي آنند ل منين جا وستر پهري، پتا ماتا
کي سر نمائي، بن ڏي روانو ٿيو؛ جو ڏسي راجا دشرٿ مورڇت
ٿي پرٿويءَ تي ڪري پيو. هلڻ وقت رامچندر گروءَ، براهمڻن،

ڪيائين، پتا وڏو آهي، ۽ وري منهنجي وڃڻ ڪري مها ڏکي
پيو آهي. سو جي توکي پالڻ ولي ملان، ته پوءِ ايوڌيا لڏ ٽڪي
ليندي ۽ منهنجي کٽي بي آرامي جاڳندي. جنهن راجا جي پرجا
ڏکي آهي، اهو راجا نرڪ ۾ وڃيئو. ٽنهنڪري سمجهه رک، ۽ اٿيئي رهه."

رامچندر جا اهي وچن ٻڌي لڪشمڻ سندس چرن زور سان
پڪڙي چوڻ لڳو "هي ناٿ! آءٌ ٻوڪر، اوهين سوامي آهيو. سو
جي ڇڏي ويندا، ته منهنجو ڇا وس هلي سگهندو؟ اوهان ته
مون کي کٽي ٽي سٺي سکيا ڏني آهي، پر آءٌ موڙهه جو اها سمجهان
ٽي ڪري. آءٌ اوهانجي پريم ڪري پاليل ٻچو آهيان، ۽ سچ پچ
ته آءٌ ماتا، پتا، گرو، ڪنهن کي به ڪونه سڃاڻان، ۽ جيڪي
آهيو، سو سڀ اوهين ئي منهنجا آهيو. ڌرم ۽ نيتي جو اُپديش
اُنهن کي ڪرڻ گهرجي، جنهن کي ڪيرتي، وڏائي ۽ اُتم گتي جي
چاهنا هجي."

پر جا اهڙا پريم ۽ نمرتا ڀريل وچن ٻڌي رامچندر ڪٽي ڪلمن
سان لڳايس ۽ چيس ته "جلدي ماتا کان موڪل وٺي اچ، ته
هلون." رامچندر جا اهي واڪيه ٻڌي لڪشمڻ اهڙو خوش ٿيو،
جو ڄڻ ته ڪا جاگير مٽ لڳي اٿس. سو خوش ٿيندو ماتا وٽ
آيو ۽ کيس پيرين پئي سڄي ڪٿا ڪري ٻڌايائين. لڪشمڻ جا
اهڙا وچن ٻڌي سمترا مٿان ڄڻ وڄ ڪري پيئي، پر وري به
ڌيرج ڌري هيءُ چوڻ لڳي "پُترا تنهنجي جيڪڏهن اها اڇا
آهي، ته ڀلي وڃ. رام اٿئي پتا ۽ سيتا اٿئي ماتا. سو تون
سندن چڱي طرح ٽهل ڪندو رهجانءِ. سنسار ۾ اها ماتا سچ پچ
ڀڳيه واري آهي، جنهنجا پُتر شري رامچندر جا ڀڳت آهن، ۽ نه ته اها
[illegible] ([illegible]) ڀلي آهي. هي پُترا سيتا ۽ رام کي بن ۾ اهڙو

چرڻن ڪي ڌسي رشي جو تڪ پلائي ڇڏيندي يس، ۽ وڏي سهوليت
ٿي ٿيندي جو اوهان جي سيوا جو چڱو وجهه ملندو. وڻن جي
ڇانو هيٺ ويهي اوهانکي هوا ڪري آرام ڪرائيندي يس، ۽ اوهان
جي چرڻن ڪي دٻائي پنهنجا هٿ سڦلا ڪنديس. اوهين جڏهن
راڪشسن جي چوڌاري ڪٽي وڻ جو ڏپ ڏيکاريو، سو اوهان
جي سنگ هوندي ڪنهنجي مجال آهي، جو اک کڻي نهاري؟
واه جي ڳالهه ڪريو ٿا ته آءٌ راجڪماري آهيان ۽ اوهين ڇٽ
بن وڻ جا اڌڪاري آهيو. اوهين تپسيا ڪريو ۽ آءٌ هٿ ويهي
مزا ماڻيان. اهڙي جيئڻ کان آءٌ مري ڇو نه وڃان؟"

سيتا جا اهي وچن ٻڌي رامچندر ويچار ڪيو ته هاڻي جي
هٺ ڪبو، ته سيتا ضرور پراڻ تياڳيندي. سو چوڻ لڳس "چڱو پيارا
جيڪڏهن اهڙي اڇا اٿيئي، ته ٿي تيار، ڪر سانباهو." شري
رامچندر جا اهي وچن ٻڌي سيتا ڏاڍو پرسن ٿي، ۽ سس ڪي
پيرين پئي موڪلائڻ لڳي، جنهن آسيس ڪيس.

لڪشمڻ جو اهو سماچار ٻڌو، سو ڏاڍو وياڪل ٿيو، ۽ ڊوڙندو
آيو. شرير ڪنبڻ لڳس، ۽ نيڻن ۾ جل ڀرجي آيس ۽ رامچندر
جا چرڻ پڪڙي ويهي رهيو. من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته "هاءِ!
جا ٿيڻو هو، ۽ جا ٿي پيو. هاڻي رامچندر وٽي هلندو ۽ ٿي ڪين،
ڇڏي ويندو. جي ڇڏي ويندو ته منهنجو جئڻ مشڪل ٿيندو."

اجا اها پڇهه ڳجهه پئي ڪياءِ ته شري رامچندر ڇاتي سان
لڳائي سنيهه ڀريل وچنن ۾ چوڻ لڳس "پيارا لڪشمڻ! ڊڄ نه،
چوڏهن ورهه چاڻ ته سڪ سان گذريا. جيڪو ماتا پتا، گرو ۽
سواميءَ جي سکيا مڃيتو، انجو جنم سڦلو آهي. سو منهنجي صلاح
مڃي ماتا پتا جي سيوا ڪندو رهجهه. ڀرت ۽ شترگهن گهر

تنهنجي ڪهڙي ڳالهه کوليندي؟ تنهنجي جڳ کي پنهنجين وڌن ۽ کٽڪيرن جو ڇيهه نه ٿو ملي، سو پنهنجي ۽ اوهان ملاڪر ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ڪني ڪان پڇتائي ٿو.“

پتيءَ جا منوهر ۽ ڪومل وچن پڌي سيتا جي لبن ۾ ڳالهه پڇي آيو. ڪنٺ گهٽجي پيس، ۽ ڪجهه اتر ڏيئي نه سگهي. نيت من کي ڌيرج ڏيئي ۽ ڏاڍو ڪري، سس کي پيرين پئي، مٿ جوڙي چوڻ لڳي ”ماتا! منهنجي ديوتا کي ڪميا ڪجهه منهنجي پراڻ ناٿ موڪلي اها سکيا ڏني آهي، جنهن ۾ منهنجو ڀلو آهي، پر مون چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏٺو آهي ته سنسار ۾ پتيءَ جي وڇوڙي جهڙو ٻيو ڪوئي روڳ ڪونهي.“ ورِي پتيءَ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳي ”هي پراڻ آڌار! هي ڪرونڌان! هي رگهوڪل ديپڪ! اوهان کانسواءِ موڪلي، سورڳ به نرڪ سمان آهي. ماتا، پتا، ڀينرون، ڀائر، سس، سهرو، گرو، مٽ ۽ پٽ، پتيءَ بنا سڀ اگنيءَ سمان جلائيندڙ آهن. ڀوڳ روڳ آهن، زيور بوجهه آهن، سنسار دک روپ آهي. هي ناٿ! جئين پراڻ بنا سرير ۽ جل بنا ندي آهي، بنا استري آهي. هي سوامي! اوهان سان گڏ مجط ڪري ڪشتي ٿيندم، ٻن شهر ليڪيندس، ٻنن جا وستر پتيهر ڪري ڪن ۽ ڪن جي جهوپڙي سورگ ڪري سمجهندس، ٻن جا ديوتا سس سهڻي جيان سارِيندا، جئين جو وڻاٽڪي ڪيهال سيج واڪر سمجهندس ڦول امرت سمان ڄاڻنديس، ۽ ٻن کي ايوڌيا جي شالن مندرن کان اتم سمجهنديس. هي سوامي! اوهان نه جيڪي ٻن جا دک ٻڌايا، سي سڀ گڏجي، اوهان جي وڇوڙي ڪري جيڪو ڪشٽ ليندم، تنهن اڳيان ڪين آهن. بس اهو سڀ. ٻچاري موڪلي پالڻ ولي هاءِ. اوهين ته سڀڪجهه ڄاڻو ٿا، سو توهان کي ٻيو ڇا چوان. هي دينا ناٿ! اوهانجي

تنهنجي ڪهڙي دال ڳرلدي؟ تنهن جيڪو پنهنجن وڏن ۽ ڪهڪرن جو چيو نه ٿو مڃي، سو پڇاڙيءَ ۾ اوس ڏاڪر ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ڪئي ڪان پڇتائي ٿو.“

پتيءَ جا منوهر ۽ ڪومل وچن پڌي سيتا جي نيترن ۾ جل ڀرجي آيو. ڪنت کهڻجي پيس، ۽ ڪجهه اُتر ڏيئي نه سگهي. ليڪن من کي ڌيرج ڏيئي ۽ ڏاڍو ڪري، سس کي پيرين پئي، هٿ جوڙي چوڻ لڳي ”ماتا! منهنجي ديتا کي ڪميا ڪجهه. منهنجي پراڻ ناٿ مونکي اڄا سکيا ڏني آهي، جنهن ۾ منهنجو ڀلو آهي، پر مون چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏٺو آهي ته سنسار ۾ پتيءَ جي وڇوڙي جهڙو ٻيو ڪوئي روڳ ڪونهي.“ وري پتيءَ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳي ”هي پراڻ آڌار! هي ڪروڻانڌان! هي رگهوڪل ديپڪ! اوهان کانسواءِ مونکي سورگ بہ نرڪ سمان آهي. ماتا، پتا، ڀينرون، ڀائر، سس، سهرو، گرو، مت ۽ پترا پتيءَ بنا سڀ اگنيءَ سمان جلائيندڙ آهن. ڀوڳ روڳ آهن، زيور بوجو آهن، سنسار دکو روپ آهي. هي ناٿ! جئين پراڻ بنا سرير ۽ جل بنا ندي آهي، تئين پرش بنا استري آهي. هي سوامي! اوهان سان گڏ مجهط ڪري ڀون ڀاڳي ڪئسي ليندم، هن شهر ليکيندس، پرڻ جا وسترپت پتيهر ڪري ڇڏيندس ۽ ڪکن جي ڇپري سورگ ڪري سمجهندس، بن جا ديوتا سڀئي ساٿي [illegible] وڻ جو ويهڻو ڪومل سيج وانگر سمجهندس. ڦل ڦول امرت سمان [illegible]، ۽ اوهان کي ايوڌيا جي شهرن ۽ مندرن کان اُم سمجهندس. هي سوامي! اوهان نہ جيڪي بن [illegible] پڌايا، سي سڀ [illegible]، اوهان جي وڇوڙي ڪري نہ [illegible] ڪليش ليندم، تنهن اڳيان ڪي ڪين آهن. بس! [illegible] ويچاري مونسان [illegible] وٺي هلو. اوهين تہ سيڪجهہ [illegible] هان کي [illegible]. هي دينا ناٿ! اوهانجي

هنڪي ڪهڙي آگيا ٿي آهي؟ آهي هيءَ بن ۾ هلڻ جي لائق؟
جا آرسيءَ ۾ باندر جي شڪل ڏسي ڊڄي وڃي، سا ڪيئن بن ۾
جهنگلي جانورن کي ڏسي سک سان سهندي؟ تنهنجي غير حاضريءَ
۾ هيءَ وتر هوندي، ته ٻه ڏل وندري پيئي روئندي۔"

ماتا جا اهي وچن ٻڌي، رام ڪوشليا کي چڱيءَ طرح سمجهائي
سيتا کي چيو "هي راجڪماري! جيڪڏهن پنهنجو ۽ منهنجو ڀلو
چاهين، ته منهنجي صلاح اٿيئي ته گهر ۾ رهه. انهيءَ ڪري منهنجي
چوڻ تي آگيا پاليءَ، ۽ سس جي سيوا ڪيءَ. پريم سان سس
سهري جي سيوا ڪرڻ کان ٻيو ڪو به اُتم ڌرم ڪونهي. جڏهن
جڏهن ماتا منهنجي يادگيري ڪري اُداس ٿئي، تڏهن تڏهن
تون دلاسو ڏيئي ڌيرج ڏجانس. ڏينهن گذرندي ويرم ئي ڪانه
لڳندي. سو آءٌ به جلدي اچي وري اوهان سان گڏبس.
هي سندري! مرو پرو هٺ ڪندينءَ، ته ڏکي ٿيندينءَ، ڇوته بن
جا ڏاڍا ڪشالا آهن. جهڙي ته اُس جي تپت، سيءُ، واءُ ۽ برسات
ڪري منش ڏاڍا ڪليش سهي ٿو. رستي ۾ ڪپ ۽ ڪنڊا
پيرن ۾ لڳندا ۽ جبل پير ڇلي وجهندا. اتي گفائون، نديون،
واهه اهڙا پوائتا اٿئي، جو ٽپاري به ڪين سگهندينءَ، ۽ رڇن، ٻولڙن
۽ شينهن جا آواز ٻڌي اکيان پير ڪين وڌندا. زمين تي سمهڻو
پوندو، ۽ پنن جا وستر ڍڪڻا پوندا، ۽ ڦل ڪاڏي لاهه ملندا،
سي به وري هميشه ڪين ملندا. مطلب ته جهڙو، ڪال ۽
هنڌ، اهڙي سامگري. وڏو ڊپ اهو آهي، جو اتي اجا اڪر ٽڪي
نه آهي، ته راڪشس مردن ۽ زالن کي اماڪ چورايو کڻيو
وڃن. بن جون ڳالهيون ٻڌي جڏهن وڏا وڏا ڌيرج وان به
پنهنجو ڌيرج ڇڏيو ڏين، تڏهن تون جا سياوڪ ڊڄڻي آهين،

ٻاري، چوڻ لڳي "پٽ! تون ته راجا کي پراڻن کان به پيارو
هوندو هئين، ۽ تنهنجي ڪهڙي ڪري ٿي توکي راڄ ڏيڻ جي ڳالهه
آئي، پوءِ اهڙو ڪهڙو ڏوهه ڪيئي، جنهن جي هيءَ سزا؟"

رامچندر جو رخ ڏسي سمنت وزير جي پٽ ڪوشليا کي سڄي
ڳالهه ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي ماتا گنگي سمان چپ ڪري ويهي
رهي، ۽ ان مهل ان جو ڪهڙو حال هو، سو ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر
آهي. ڌرم ۽ سنيهه ٻنهي مت منجهائي ڇڏيس ته جي هٺ ڪري
موڪل نه ٿي ڏيانس، ته ڌرم ٿو ناس ٿئي، ۽ جي موڪل ٿي
ڏيانس، ته وڏو ڏاڍو ٿو رسي. ليڪن سياڻي هئي، سو استرين جو
ڌرم ويچاري، پوءِ ۽ رامچندر کي سمان ڄاڻي، هردي تي پٿر
رکي، چوڻ لڳي "هي پٽ! آءٌ ڪهوري وڃان تو تان. تو ڏاڍو
ڇڱو ڪيو، جو پتا جي آگيا مڃي. راجا توکي راڄ آهي جنهن تو
بن موڪلي، اهو موڪلي ڏرو به آلڪو ڪونهي، پر تو کانسواءِ
پوءِ راجا ۽ پرجا ڪين رهي سگهندا؟ ڇڱو! راجا کي ته ليڪ
والپرست ٿيڻو پيو، پر تون ايا اُن اوستا کي پهتو ڪين آهين،
تنهنڪري سو ٿوري ويچار ٿي رهي تو. داڻي ايترو سو ڪجهه، جو ماتا
هي، ياد ڪيو ڪندو رهجان." ايترو چئي من نه جهلي سگهي ۽
اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

رامچندر ماتا کي هردي سان لڳائي ڌيرج ڏيڻ لڳو ته ايتري
۾ سيتا اهو سمورو ٻڌي اتي اچي سهڙي، ۽ سس کي نمي ڪنڌ
هيٺ ڪري ويهي رهڻ لڳي. اهو ڏسي ڪوشليا چوڻ لڳي
"هي رام! ڏس ته سيتا ڪهڙي ريت لهائي ويٺي آهي. پلنگ ۽
سنگاسن ۽ مندوري کانسواءِ ته هن پاهي ۾ پٽ تي پير نه رکيو
. سا سيتا تو سان ان بن ڏي هلڻ لاءِ تيار ٿي آهي ۽ سو

هنکي ڪهڙي آگيا ٿي آهي؟ آهي هيءَ ٻن ۽ هلڻ جي لائق
جا آرسيءَ ۽ ٻاندر جي شڪل ڏسي ڏجي وڃي، سا ڪٿن ٻن
جهنگلي جانورن کي ڏسي سک سان سهندي؟ تنهنجي غير حاضري
۽ هيءَ وڻ هوندي، ته به دل وندري پيئي هوندي،"

ماتا جا اهي وچن ٻڌي، رام ڪوشليا کي چڱيءَ طرح سمجهائي
سيتا کي چيو "هي راجڪماري! جيڪڏهن پنهنجو ۽ منهنجو ڀلو
چاهين، ته منهنجي صلاح اٿيئي ته گهر ۾ رهه. انهيءَ ڪري منهنجي
چوڻ ته آگيا پاليءَ، ۽ سس جي سيوا ڪيءَ. پريم سان سس
سهري جي سيوا ڪرڻ کان ٻيو ڪو به اُتم ڌرم ڪونهي. جڏهن
جڏهن ماتا منهنجي ياد گيري ڪري اُداس ٿئي، تڏهن تڏهن
تون دلاسو ڏيئي ڌيرج ڏجانس. ڏينهن گذرندي ويرم ئي ڪانه
لڳندي. سو آءٌ به جلدي اچي وري اوهان سان گڏبس.
هي سندري! مرويرو هٺ ڪندينءَ، ته ڏکي ٿيندينءَ، ڇو ته ٻن
جا ڏاڍا ڪشالا آهن. جتي ته اُس جي تپت، سيءَ، واءُ ۽ برسات
ڪري منش ڏاڍا ڪليش سهي ٿو. رستي ۾ ڏڀ ۽ ڪنڊا
پيرن ۾ لڳندءِ ۽ جبل پير پيلي وڃندءِ. اتي گفائون، نديءَ،
واهه اهڙا ڀوائتا اٿئي؛ جو نهاري به ڪين سگهندينءَ، ۽ رڇن، ٻولڙن
۽ شينهن جا آواز ٻڌي اکيان پير ڪين وڌندءِ. زمين تي سمهڻو
پوندءِ، ۽ پنن جا وستر ڍڪڻا پوندءِ، ۽ ڦل ڪاڏي لاءِ ملندءِ،
سي به وري هميشه ڪين ملندءِ. مطلب ته جهڙو، ڪال ۽
هنڌ، اهڙي سامگري. وڏو ڏپ اهو آهي، جو اتي اجا اڪر ٿڙڪي
نه آهي، ته راڪشس مردن ۽ زالن کي امالڪ چورايو ڪٽيو
وڃن. ٻن جون ڳالهيون ٻڌي جڏهن وڏا وڏا ڌيرج وان به
پنهنجو ڌيرج ڇڏيو ڏين، تڏهن تون جا سياويڪ ڏجڻي آهين،

نهاري، چوڻ لڳي "پٽ! تون تہ راجا کي پراڻن کان بہ پيارو
هوندو هئين، ۽ تنهنجي ڪٿڻ ڪري ئي توکي راڄ ڏيڻ جي ڪئي
اٿس، پوءِ اهڙو ڪهڙو ڏوهہ ڪيئہ، جنهن جي هي سزا؟"

رامچندر جو رخ ڏسي سمنت وزير جي پٽ ڪوشليا کي سچي
ڳالهہ ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي ماتا ڪنهن سمان چپ ڪري ويهي
رهي، ۽ ان مهل ان جو ڪهڙو حال هو، سو ورنن ڪرڻ کان ٻاهر
آهي. ڌرم ۽ سنيهہ ٻنهي مت منجهائي ڇڏيس تہ جي هٺ ڪري
موڪل نہ ٿي ڏيانس، تہ ڌرم ٿو ناس ٿئي، ۽ جي موڪل ٿي
ڏيانس، تہ وڏو ڇيهو ٿو رسي. نيٺ سياڻي هئي، سو استرين جو
ڌرم ويچاري، پوءِ ۽ رامچندر کي سمان ڄاڻي، هردي تي پٿر
رکي، چوڻ لڳي "هي پٽ! آءٌ ڪهڙي وڃان توکان. تو ڏاڍو
چڱو ڪيو، جو پتا جي آگيا مڃيئہ. راجا توکي راڄ آڇي هيٺر تو
بن موڪلي، انهيءَ موڪلي ڏرو بہ اُلڪو ڪونهي، پر تو کانسواءِ
پوءِ راجا ۽ پرجا ڪين رهي سگهندا؟ چڱو! راجا کي تہ نيٺ
والپرسٿ ٿيڻو پوندو، پر تون اجا اُن اوستا کي پهتو ڪين آهين،
تنهنڪري سو ڏورو ويچار ٿي رهي ٿو. ڀلي ايئن سو ڪجهہ، جيئن ماتا
هو، ياد ڪيري ڪندو رهجہ." اهو چئي من نہ جهلي سگهي ۽
اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

رامچندر ماتا کي هردي سان لڳائي ڏيرج ڏيڻ لڳو تہ ايتري
۾ سيتا اهو سماچار ٻڌي اتي اچي پهتي، ۽ سس کي نمي ڪنڌ
هيٺ ڪري ويهي رهڻ لڳي. اهو ڏسي، ڪوشليا چوڻ لڳي
"هي رام! ڏس تہ سيتا ڪهڙي ريت لڄائي ويٺي آهي. پلنگ ۽
سنگاسن ۽ هندوري کانسواءِ تہ هن ڪڏهن پٽ تي پير نہ رکيو
آهي. سا سيتا توسان ان بن ڏي هلڻ لاءِ تيار ٿي آهي، سو

چندرما ٻنا رات ٿي ٿي، تڏهن رام ڪانسواءِ ايوڌيا ٿي ويندي."
مٿين سکيا جيتوڻيڪ پڙهڻ ۾ مٺي ۽ اتي ڪاري هئي، ته
تڏهن ٻه منٿرا ڳڪيءَ جي سيکاريل ڪيڪيءَ انهي ڪجهه ٻه ڏيان
نه ڏنو، ۽ نه ڪو جواب ئي ڏناءِ. پاڻ منهن ۾ ڪينڊ وجهي
ڏاڍيون نپارڻ لڳي، جنهنتي ڪيس سڀ ٿُت لعنت ڪندي
ڪيرڏي روانيون ٿيون. سڀئي پرجا رام جي جدائي ڪري ائين
وياڪل ٿيڻ لڳي، جهڙن جل جي سڪي وڃڻ ڪري مڇيون
رهنديون جيئو.

جنهن وقت نگر جا سڀ استري پرش اتينت ڏک ۾ آهن،
اُنوقت شري رامچندر پنهنجي ماتا ڪوشليا وٽ ويو. آهي رامچندر
هٿ ٻڌي جوڙي پرسن مک سان ماتا جي پيرن تي سر نمايو،
جنهنتي ماتا آشيرواد ڏنيس "ڪهن پترا! راڄ تلڪ جو مهورت
ڪهڙو مقرر ڪيو اٿو؟ جلدي سنان ڪري وٺ، ۽ اڳيا ڪجهه
ڪجهه ڪائي پاڻي جلو ٻه ڪري وٺ پوءِ جلدي پتا وٽ
ڄ ۽ ڇو جو گهڻي دير ٿي ويئي تي ڏسجي."

مريادا پرشوتم شري رامچندر ماتا جا اهي سنيهه ڀريل وچن
ڏي تمام نمرتا سان چوڻ لڳو "هي ماتا! پتا مون کي ٻن ۾
ڄ ڪرڻ جي آڪيا ڪئي آهي، جتي منهنجا سڀ ڪم سڌ ٿيندا.
...ندااءِ هي امي! مان ٻه ٻوسن تي موڪل ڏينم، جنهنڪري ٻن ۾ وڃڻ
ڪري منهنجا ڪلياڻ ٿين. پاڻهي ٻه ٻوڙم جي وس تي، ۽ ڇهين
...ان. تنهنجي ڪرپا سان سڀ آنند ٿيندا. چوڏهن ورهه ٻن ۾ نواس
ڪري پتا جي وچن جي پيروي ڪري، وري اچي تنهنجو درشن
...ندس." رامچندر جا اهي وچن ٻڌي ڪوشليا جون اکيون پاڻي
...ن، ۽ هوءَ ٿر ٿر ڪنبڻ لڳي. ۽ وري ڌيرج ڌري، پتر ڏي

ٿي ويو ته وڌاتا ڇڪي ڳاهه بدائي بگاڙي وڌي. هرڪو ڪيڪئي
کي ڪاريون ڏيڻ لڳو ته مون پاڻ کي ڪهاڙي لڳي، جو امرت
ڇڏي وک ڇڪڻ ٿي گهري؟ ٿاري تسي وڏهي سڀڙو وڻ ڪپي
وڌو، سک ۽ دک جو سامان بدائي وڌاءِ. ساڪن سڀڙهه جيو آهي
ته "استرين جو سڀاءُ سڀ طرح اڳرو اٿاهه ۽ ڪپٽ ڳيندو آهي.
پنهنجي پاڇي کي آرسي ۾ پل ته ڪو جهلي ولي، پر استرين جي
گت ڪڏهن نه جاتي." اگني ڇا نه ٿي جلائي سگهي؟ سمنڊ ۾
ڇا نه ٿو سمائجي سگهي؟ پربل استري ڇا نه ٿي ڪري سگهي؟
سنسار ۾ ڪال ڪنهن کي نٿو کائي؟ اڙي وڌاتا! ڇا ٻڌائي ڇا ٻڌائين
ٿي؟ ڇا ڏيکارڻ ڀائين ٿي، ۽ ڇا ڏيکارين ٿي؟ مطلب ته هرڪو
پنهنجي ڪرڻ لڳو. ڪو راڄا کي دوش ڏيئي رهيو آهي، ته
ڪو رالي کي. جيترا منهن اوتريون ڳالهيون.

هيڏانهن ڏاهيون ڪيڪئي کي سمجهائڻ لڳيون ته "تون هميشه
رام کي ڀرت کان وڌيڪ پيارو سمجهندي هئينءَ سو ويچاري
ڪوشليا تنهنجو ڪهڙو پاپ ڪيو، جنهن جي ڇاتيءَ ۾ اج هي
ٻاڻ تنهنجو انيئي؟ ويچار ته ڪر، ڇا، سيتا ڀڄي جو سنگر ڇڏي
ڏيندي؟ ڇا، لڪشمڻ گهر ۾ رهندو؟ ڇا، ڀرت راڄ ڀوڳيندو؟ ۽
ڇا راڄا، رام کانسواءِ جي سگهندو؟ هرگز نه. اهي ڳالهيون ويچاري
ڪروڌ نٿو ڪر، ۽ هرڪو ڪا جو ڪالڪو نه ٿو. پاڻي ڀرت تخت
تي وهي. سيني جن اکي ٿڏي، پر رام جو بنواس وڃي؟ رام
کي راڄ جي پياس ڪانهي. هناءِ ڪپيتي، ته اهو ور گهر ته گهر
ڇڏي وڃي گروه وت لڳي. تنهنجو ڏاهي ٿي سمجهه، نه ته پوءِ
ڏاڍا [illegible] ملندين. ڪٿي ڪل ڪٿي هڪيتي ته جلد ٻڌائي سڀني
کي ستعش ڏي. جيئن نه سورج کانسواءِ ڏينهن، پراڻ بنا شرير،

۽ سڀني کي پرسن ڪندڙ آهين. آءُ تو تان گهوري وڃان. تون پٽ کي سمجهاءِ ته اهڙو ڪم نه ڪري، جنهنڪري پڇاڙيءَ لوڪ منجهه اپ جس ٿئيس."

راجا جي موڙهه ويٺي، ۽ رام رام ڪري پاسو ورايائين. اُن مهل سمنت، رام جو حاضر هئڻ ٻڌائي وينتي ڪئي. راجا جڏهن رامچندر جو اتي هئڻ ٻڌو، تڏهن اکيون کولي نهار لڳو. سمنت اُٿاري ويهاريس، ۽ رامچندر پيرن تي ڪري پيس. سنيهه ڪان وياڪل ٿي رام کي ائين ڇاتيءَ سان لڳايائين جڻ ڏانگر پنهنجي وڇاڙيءَ ملي. راجا، رامچندر کي ڏسي اکين مان جل آلاڻ لڳو ۽ من ئي من ۾ مهيشوران کي سوال پيو ڪري ته "شل رام بن ڏي نه وڃي." رامچندر پتا کي پريم وس سمجهي، ۽ اهو ويچاري ته متان راڻي وري ڪجهه چئي، وجهه وٺي نمرتا سان راجا کي چوڻ لڳو "هي پتا! اڻڄاڻائي ڪري ڪجهه چوان ٿو، ۽ اهو جي اجوڳ چاٺو ته ٻار سمجهي ڪميا ڪجو. توهان ٿوري ڳالهه واسطي ايترو ڏک ڇو سٺو اٿو؟ مونکي اڳ ڇونه ٻڌايو؟ ماتا جڏهن مون ڳالهه ٻڌائي اٿم، تڏهن مون ڪان وٺي اوهان جي ٻڌندي شرم ڪيو ته سيغل تي پيو اٿو. هي پتا! جيڪو ان سوچ ويچار ڪري، آنند منگل ڪريو ۽ خوشيءَ سان آگيا ڏيو، ته مان ٻروچي تي اٿان جو جهرط سڻايو آهي، جنهنجو چرچو ٻڌي ماتا کي آنند اچي ٿو. مطلب ته جڏهن ماتا پتا کي پرسن رکيو، تڏهن جڳ ۾ تنهن ڌاريءَ پدارٿ ڏنا. جڳ ۾ ڌالي ماتا جي آگيا وٺي اچان، ته پوءِ اوهان جا چرط ڇهي بن ڏي روانو ٿيان." ائين چئي رامچندر خاطر لڳو، پر راجا شوڪ وچون ڪجهه به اُتر ڪري نه ڏنس.

سڄي شهر ڳالهه ڦهلجي ويئي ۽ هرڪو ٻڌو وسمي ٿيو

ڏنو ”ابا هي سڀ حال تنهنجي بدولت ٿيو آهي، جو جو راجا
جو تو ۾ ڏاڍو کو پيار آهي. مونکي ٻن ورن ڏيڻ جي قبوليت
ڪئي هواءِ. سو مونکي جيڪي من ڀانئيندو لڳو سو، گهري ورتو
اٿو. اهي ٻڌي راجا کي شوڪ ٿي پيو، جو تنهنجو حجاب اٿس.
دلي ڪي پاسي ڀر جو پير، ته ٻئي طرف وڃڻ جو پاڙو. سو
راجا ويچارو اهي ٻن ٻيڙين اندر ڦاٿو آهي. ٿي سگهي، ته سنديس
آڳيا سر تي رکي سندس ڏک دور ڪر.“

ڪيڪئي جا اهي وچن ٻڌي، آنندڪند شري رامچندر
مرڪيو ۽ چوڻ لڳو ”هي ماتا! اهوئي پٽ وڏ ڀاڳي آهي، جو ماتا
پتا جو چيو مڃي. آها! ماتا پتا کي راضي رکندڙ پٽ سنسار ۾
ڪي ورلا ڏسبا. هي ماتا! ٻن ۾ منهنجو هر ڪنهن طرح ڀلو ٿيندو،
ڇو ته وڻن وڃڻ ۾ رشيشرن جو ميلاپ ٿيندو، ۽ ٻي جنهن ڳالهه
۾ پتا جي آڳيا ۽ تنهنجي پرسنتا آهي، ساڳي ڀائي مٿي' تي.
ٻي ڳالهه، جو ڀرت راڄ ڪندو. سو مان سمجهان ٿو ته ان ۾
وڌاتا پرسن ٿي ٿي ڏسجي. اهڙي آتم ڪم جي ڪري جيڪڏهن
ٻن ڏي نه وڃان، ته پوءِ مون جهڙو مورک ڪير هوندو؟ هي ماتا!
مونکي اهوئي وڏو ڏک آهي، جو پتا کي من اوستا ۾ وياڪل
ڏسان ٿو. مون ڏيرج وان ۽ ڪٺن جيئن ڪاٺ آهي، سو من خسير،
ڳالهه ڪري جو مالدو ٿيندو هوندو؟ ضرور مونکان ڪو اڪرپاپ
ٿيو ٿو ڏسجي، جو پتاجي مون سان ٻولي ٿي ٿا. توکي منهنجو
قسم آهي، سچ ٻڌائيندر ته ڳالهه ڪهڙي آهي؟“ رامچندر جو ٻس
ڏي وڃڻ جو رخ ڏسي، ڪيڪئي پرسن ٿي چوڻ لڳي ”هي رام!
مونکي تنهنجو ۽ ڀرت جو قسم آهي ته ان ڳالهه ڪانسواءِ مونکي
ٻي ڪابه سڌ ڪانهي. هي پيارا! تون ته سداءِ آڳيا ڪاري پٽ آهين،

راڄ تلڪ ڏيو. مونکي ڪڏهن ڪالهه جو وڏو ڏکُ آهي، جو تو جيڪو پيءُ ور گهريو آهي؛ سو اڄ سهائيندو ۽ اڄايو آهي. منهنجي ڇاتي جلي رهي آهي؛ سو ٻڌائينس ته اها ڪا ڪٿي اٿيئي، يا سچ پچ ائين هٺ ڇاهين ٿي. ڪروڌ ڪي ڇڏي سچ ٻڌائينس ته رام تنهنجو ڪهڙو اپراڌ ڪيو آهي. پرجا ته سڀ ڪيس ساڌو ٿي ڪوٺي. خود تون ته هنکي پيار ڪندي هئينءَ، ۽ سنديس واکاڻ ڪندي ڪين ڌاپندي هئينءَ، سو اڄ ڇا ٿيئي؟ جو دشمن ڪي به پيارو آهي، سو ڀلا ماتا جي برخلاف ڪئن هلت ڪندو؟ هي سياڻي! ڪاٺي ڪروڌ ۽ مسخري ڦٽي ڪر؛ خيال ڪري ور گهر، جنهنڪري ڀرت کي تخت تي وهندو ڏسي نيتر ڌاپن؟ مڇي جل کان سواءِ ۽ ناسڪ مٺي بنا ڀلي رهي سگهن، پر آءُ سچ ٿو چوان ته رامچندر کان سواءِ هڪ پل به ڪين جي سگهندس."

دشرٿ جا اهي منا وچن ٻڌي ڪيڪئي آڳي باقي جلي ويئي، ڄڻ ته ڏاهه ۾ گيه جي آهوتي پيئي. ڪيڪئي چوڻ لڳي "ڪاٺي ڳالهين ڳالهين جو ضرور ڪوانبي. ڳڻيون ئي ڪٿي صفايون ڏيکاريو، پر هتي هلنديو هڪ به ڪين. سو يا ته ور ڏيئي انجام پاڙيو، يا ناڪار ڪري لوڪ ۾ پنهنجي رسوائي ڪرايو. سچ آهي ته رام به ساڌو، اوهين به ساڌو ۽ ڪوشليا به ساڌڻ آهي، پر تنهن کي ڇا ڪيو. جيڪي آن ڪيو آهي، تنهنجو ڦل پاڻيهي پيو ڪيندي. سچ نڪرنديئي، هي راجا! جيڪڏهن رام بن جو رستو نه وٺندو ته مونکي مئي سمجهجانءِ، ۽ پوءِ لوڪ ۾ جيڪا تنهنجي نندا ٿيندي، سا به ٻڌج." ائين چئي هن اُٿي تپو ڏنو.

راجا سمجهي ورتو ته انهيءَ جي هٿان موت تنهنجو اٿم. سو ورتب به هٿ کان جهلي وڃاري سمجهائڻ لڳس ته "ڦاڄي ٿيو،

اڃا هن اهي ويچارڻ ۾ ئي هئا، ته هوءَ ناڳڻ (ڪيڪئي)
چوڻ لڳي "ڪهڙا ويچار ٿا ڪريو؟ ڇا، پٽ اوهان جو پتر
ڪينهي؟ ڇا، مونکي ٽڪن ڳڏو هوڙ جو منتر ٿا پڙهايو. سو
وهن ڏيڻ کان اڳ ئي سنڀاليو. هاڻي جواب ڏيو، يا ڪٿي نه
چئو، ته جهڳڙو لٿو. اوهين رگهو ونسي ته سچ جا سمنڊ آهيو نه؟
ور به ته اوهان پاڻ ئي اڳيون ڪري ڏنا. هاڻي نه ڪرڻ به
اوهانجي وس جي ڳالهه آهي. نه ڪريو ۽ ٿيو ساري سنسار ۾
بدنام. ڇا، اوهان سمجهيو هو ته ٿا پڪڙا گهرنديس؟ ياد ڪريو
راجا شبي، دڌيچ ۽ بلي جون وارتائون. هو پنهنجي وچن پاڙڻ
ڪاڻ سڀ ڪجهه ڏيئي، شرير ڏيڻ تان به ڪين ٽريا."

ڪيڪئي جا اهي ڪوڙا وچن ڦٽ تي لوڻ ٻرڪڻ موافق
هوا. ڌرم ڌرڻ راجا ڌيرج ڌري اکيون کوليون ۽ آهه ڀري
ته "هاءِ! هن دشت منهنجو خانو خراب ڪيو." کهڙي ئي ڪي
سمجهايائينس، پر هن ڪجهه به نه ٻڌو. راجا چوڻ لڳس "هي
پياري! آءٌ شوجي کي ساکي ڪري چوان ٿو ته مون کي رام
توکي پٽ ڀني کي سمان آهن. توهان ريت، پرتيت ۽ پريت
وهائي هو اڄ اڃا ٻرا وچن ڪيئي رهي آهين؟ آءٌ اڄهو ٿو لوڪر
مونکي پٽ ۽ شترگهن کي ناڻي گهران گهرائي، ڏان شڀ
ڏينهن ڏسي ٻڌو ۽ چوڪ ڪري، ڀرت کي راج ڏيندس.
رام کي راج جو لوڀ ڪونهي. اهو ته مون ئي وڏو ئي ڪندائي جو
ويچار ڪري راج ڏيڻ موجب ڪيو ٿي. آءٌ هزار واري رام جو
قسم کڻي ٿو چوان ته ڪوشليا کي انهيءَ ڳالهه جي سڌ به ڪانهي،
۽ تنهنجي پڇڻ بنا ئي ڪم ڪيم، تڏهن ته ڪاوڙيس نه. هاڻي
وسڻ ٿيو ڪري سرهي ٿي، ته پوءِ ڪن ڏينهن بعد پٽ کي

جو رامچندر گاديءَ تي ويهندو، تنهنلاءِ اُتي منگل ڳاءِ ۽ جوڙ ڪ
ڪر.“ راجا جا اهي لفظ ٻڌي اندر ۾ ته هوءَ جلي ويئي، پر
ٻاهران ڪلي اڌرو ڏيکر ڏيکاريائين جو ويچارو دشرٿ ڪجهه به
سمجهي نه سگهيو. جيئن ڪ راڻيون نيتيءَ جا ڪم ڪنديون آهن،
پر تڏهن به ترِيا چرِتر جي اڳيان وس ڪونه هلندو اٿن. ڪيڪئي
چوڻ لڳي ”هي پيارا! ڪم ڪم، ادو ته هميشه پيا چئو، پر ڪڏهن
ڪجهه ڏنو به آٿو. ٻه ور ڪرا رهيا پيا اٿم شل اُهي ڏيئي پورا
ڪريو، ته به لڪ شڪرانا.“ راجا چيو ”ڏاڍي سمجهيم. بس اِ انهيءَ
لاءِ رُني هئينءَ؟ مونکي آهي ويسر. سو تڪي توئي گهريا، ۽
ڪي مون ٿي چيو مانءِ ته ون. ڏاڍي به ڪئي ٻڙي آهي؟
ين جا چار گهري ون. رگهوڪل جي ادا اصل ڪان نيتي آهي،
ته پراڻ وڃن ته ڀلي، پر وچن ڪوڙو نه ٿئي. تنهنتي به وري
رامچندر جو قسم کنيو اٿم.“
ڪيڪئي ڏٺو ته ڏاڍي چڱو نيڪ ۾ آيو آهي. سو چوڻ
لڳي ”چڱو! جيڪڏهن اٿا مرضي اٿو، ته ٻارڙن ور اهو ڏيو،
و پوت گاديءَ تي ويهي، ۽ ٻيو ور هي ڏيو، جو تپسوي جو
يس ڌاري، اُداس ورتيءَ ۾ چوڏهن ورهه رام بنواس وڃي.“
ڪيءَ جا اهي لفظ چوڻ، ۽ راجا جو واڻو تي وڃڻ. ويچارو
ڪجهه ڪڇي نه سگهيو. رنگ پيلو ٿي ويس. مٿي تي هٿ
ٿي ٻئي اکيون ڪٽي بند ڪيائين، ۽ من ۾ چوڻ لڳو ”اڙي!
ڪيڏو اندير، ڪيڪئي منهنجو ستيا ناس ڪيو ۽ سڀ
يا تي اُجڙ ڪري. ڪيڏو سندر وقت هو، ۽ ڇا مان ڇاتي
اڙي مون نادان استريءَ تي وشواس ڪيو. مون سان
ڌوهه ٿيو.“

ڪائي. سانجهين جي مهل تي راجا دشرٿ ڪيڪئي جي محل
ڏي ڏاڍي تڪڙ ۾ ويو نڪتو. راڻي جي ڪوپ ڀون ۾ وڃڻ جو
ٻڌي راجا ويچاري جون ٽنگون ٿي ٿڙڪڻ لڳيون. وائي لسي
اڪايس. اسڪرو ديوتن ٻڌي سگهي ويو. واه ري ڪاما! تنهنجي
وڏائي. جو ترشول تلوار شرير تي سهي سگهيو، تنهن کي تون
پنهنجي پشپن جي ٻاڻ سان ماريو وجهين. راجا ڏٺو پياري
ٻچڙي [زال] وت ويئي، ۽ هن جي حالت ڏسي ڏاڍو ڏکي ٿيو. ڏٺا
ڪپڙا ڦاٽا، هو زمين تي سمهي رهي هئي، ڳهڻا ۽ ٻرانگا وسرو ڪٽي
ڦٽيا هوا، ۽ زيور ڏيکاءِ هو ڏاهن اڇلائي ڦٽي ڇڏيا هوائين.
ويجهو وڃي راجا مٺڙو لکيس "اي پراڻ پياري! ٻڌاءِ ته ڪهڙي سبب
ڪاوڙي ڪاه ڪري تون رٺي آهين." ۽ جنهن پاسي ته ٻانهن ۾
هٿ وڌائيس، تنهن هن ڌڪو ڏئي ڪڍي هٿ پري ڪيس،
۽ هن ۾ ڏو وڏي اڻين ناڙ لڳي جيڏي ته ڄڻ مڇين ٻاڻ تي
ڪاڻي. راجا ويچاري ٻيءَ ڀيري مٺڙن ڪرڻ لڳس ته "پنهنجو سچو
سبب ٻڌاءِ، ته ٻيو ڪو پرو ديوتا رهي، ته آئون ناس ڪري
ڇڏيان. جنهن تنهنجو اپراڌ ڪيو هجي تنهنجو ڪٿو ٻڌائينم ته ڪنهن
جو ڏينهن پر لوڪ موڪلي ڏيان. ۽ جي ڪنهن تي ٻرسن ٿي مڃين
ته ماڻهان ڪري ڇڏيانس. هي پياري! آءُ اهو سڀ متئين مڃان
ڪنهن ٿو ڏيان، ٻه ڏاڍين ڏيون. اهو جي ڪو ڪندو مڃان،
ته موڪلي راڄ جو سڄو ڏسو سوڳند [قسم] آهي."

راجا جي وڃڻ ٻڌي ڪيڪئي ڪنهن اٿي ويٺي ۽ ڪاهي.
ٻيو سڀ زيور پاتائين. راجا هيجهو تڏهن وري ۾ ڦڪي پنهنجو
مٺو سچي مني وائي. چوڻ لڳو "ڪٿي پياري! هالي ڪيئن
... ڪهڙا ڪم ڪهڙا ۾ ڪابرا ته آنند لي ويا آهن. سياڻ سهم

پوءِ، تارن ڇٽيندي تي رات وهامي. تون فڪر ڪونه ڪر جو تنهن کان پهچي پڪ ڪري آئي آهيان، جي ڄڻ تا ته ”ڀرت کي تخت تي وهندو. داڻي ڪڏهن آيل آهي ته جي ڪري ته ڏيان“. هو راجا تنهنجي وس ۾ آهي.“ ڪيڪئي جواب ڏنو ”اڙي! تون ڪوه ۾ ڄهو ته ان ۾ پنهنجو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ڄوين ته پڻ ۽ پٽ ٻه تياڳي ڏيان. تون ته منهنجو دڪر ڏسي ٿي صلاح ڏينءِ، سو پنهنجي فائدي ڪي ڪير آڏو ايندو.“ تنهن تي منٿرا چوڻ لڳي ”ڀلا ياد اٿيئي، جو راجا دشرٿ توکي ٻه ور ڏنا هوا، جي تو وٽس امانت رکيا هوا، ۽ چيو هئس ته وقت پئي گهرنديس. سو هينئر اهو وجهه اٿيئي. هڪڙو گهري پٽ کي راج وٺي ڏي، ۽ ٻيو گهري رام کي بنواس موڪلي ڇڏ جو سڀ آنند برباد ڪر، ۽ پنهنجي ڇاتي ٿڌي ڪر. ياد رک، ور تڏهن گهرج جڏهن راجا رامچندر جو قسم کڻي، ته جو پوءِ ڦري نه سگهندو. ٻيءَ ڳالهه ٻئي ڄڻا، ته اڄ جي رات ڀري، ته کيل ختم. تنهن لاءِ هوشيار ٿيءُ ۽ منهنجا وچن ڀراڻي ڪان به پيارا ڄاڻ. ڪوپ ڀڳوان ۾ وڃ، ۽ اتي ڄڻ جوڳو سمجهين تڻن سڀ ڪم پورو پار ڄڻ. جي پوءِ تو ڏان ڪٿيون، ته سوين ڇوڪرن ڪانهيندين.“

راڻي، ڪيڪئي [منٿرا] جي چالاڪيءَ جي مان ۾ سارا ٿي ڪئي ۽ چوڻ لڳيس ”هي سکي! تو بنا مون ڀڳندڙ جو هن وقت ڪير آسرو آهي؟ جيڪڏهن پڳوان تو منهنجو مشورت سڌ ڪري، ته توکي پنهنجين اکين جي پتلي بڻائينديس.“ اهڙي قسم جا ڪيترا وڻن ڪندي وچن چوندي ڪيڪئي ڪوپ ڀوڻ [غصي واري ستان] ڏي ويئي. اتي وڃي سڀ سينگار لاهي ڪري سڃائي ويٺي. لڪڙي ۾ ڪوڙ لکيو آهي، ته هن لٽاڻي جي ڪڏهن ڪي ڪال

ته ڀڳوان منهنجو ڀلو ڪين ڪندو. جيڪڏهن رام سيلن گادي تي
ويٺو، تـہ توهان پنهنجو ڀلو نہ سمجهو. پوءِ تـہ اکيون کڻي ويٺي
ڏانيدي ٿيو. جڏهن لسر پرت سميت چاڪري ڪنديون، تڏهن ڀت
پرڏيهي. پوءِ ڪوشليا پيئي، تو پيئي. پرت قيد خالي جـون هوائون
ڪانيدو ۽ لڪشمڻ وزير ٿيندو." ڪيڪئي اهي ڪوڙا وچن
ٻڌي ڪجهه ڪجهه نہ سگهي، پر وائڙي ٿي ويئي. سڄي ڪڪر جهي
ويٺي ۽ ڪنبڻ لڳي. ڪُٻڙي (منٿرا) ڏٺو ته داءُ وار جو لڳو. سو
هوڏي هسوڏي جـون ڪيتي پرڻ وارڪسائون ٻڌائي ڏيسرج
ڏيڻ لڳيس، پر درحقيقت اهي ڳالهيون اٿلندو ونڪ جا ڏياريندڙ
هيون. خيرا راڻي چوڻ لڳي "اي منٿرا! تون برابر سچي آهين.
منهنجي ساڄي اک هر روز ڦڙڪي پيئي، ۽ آءٌ رکا اپوڻ پيئي
ڏسان. سپنا به اهڙا ٿيا خراب ايان. جـو ڪئوان رکيا ڪري.
سکي! ڇا ڪريان؟ موٽکي ته ٻل ڪهڙ ڪوئي، جـو اندر
ڪڍيءَ، تہ ڀلو ٿي ڪريان. وس ٻچندي تہ هون هيلڪه ڪڍهن
هي وائي ڪار ڪئي آهي. تنهن موٽڏي ٻـہ خبر نہ آهي تـہ
پور و جنم ڪهڙي ڏکر ڏيو هوءِ، جنهنجو ڪيتو ٿـسي هيٺر
لوڙيان. پيڪي وڃي ٻاقي حيوت جا ڏينهن ڪٽيندس، پر پلج
جي. دلسي لي تہ ڪڏهن ڪين رهنديس. دشمن هي مت ميت
نہ عزتي ٿي رهڻ کان مرڻ ڀلو آهي."

راڻيءَ کي اهڙا دين وچن ٻولندو ٻڌي ڪُٻڙي تريا چرتر ڪرڻ
لڳي "راڻي! متان اهي ڪڌ وهن واڻان ڪجيو، شل سدا
سوڀاڳڻ هجين. ٻيو تہ تنهنجو پرو چاهيندي، سا ڀاڳيءَ پنهنجو ڏکيو
ڏسندي. افسوس! جڏهن کان اهو سماچار ٻڌو اٿم، تڏهن کان
هو سب ۽ کر سمان الم ۽ رات جو ٿـہ اکيون ني ڏٺيون

اهڙيون ورن ۽ وڪڙن واريون ڳالهيون ٻڌائي راڻيءَ کي پيچ ۾ آڻي، اهڙي ريت ڳالهائڻ لڳي، جو ڄڻ ته ايوڌيا تي ڪا ساڙي سٽ وڌي اچي ويٺي هجي. هوءَ چوڻ لڳي "هي راڻي! رام ۽ سيتا توکي پيارا آهن، ۽ هو توکي پيار ڪن ٿا، سو سڀ سچ، پر ڪڏهن سچ ٻه معاوري ٿي پوندا آهن. تون راجا تي ڀروسو رکيو ويٺي آهين ته هو توکي ڏاڍو پيارو ڄاڻائي ٿو، پر اندر ۾ ڪهڙيون ڳڙيون اٿس، تنهنجي ٻُـڌ ڪا سـڌ اٿيئي؟ ڀاڄ ڪوشليا جڏهن ٿي ڪهيئي، تنهنجي ڪا ڪل اٿيئي؟ ڪيئن چري ڦٽ ۾ ٿي خوش. واه ڙي ڪوشليا! تنهنجي چالاڪي، ڪڏهن ته وڃڻ ولي پنهنجو ڪم فتح ڪيئي. راجا کي چوري ڀرت ڏاڏاڻن موڪلي ڏنئي. اڙي! ڀاڄين جي سڌ ڪانهيئي؟ راجا توکي پاڻيءَ تو سا ڳالهه هنڌڪان سٽي ته ٿي وڃي، تنهنلاءِ اهو سڄو ڀرپنچ رچيو ويو آهي، جو رامچندر کي ئو تخت ملي، ۽ ورڪي سياڻي صبح جو. آءٌ ڪا ناراض ڪانه آهيان ته رام تخت تي نه وهي، پر اڳيون ڳالهيون ويچاري تو ڊپ ٿئي ٿو. ڀيو ته ڀڳوان کي ڄيڪي ڄڻن ڪڙو هوندو، اهو اٿين ئي ٿيندو." مطلب، تـن اهڙين انيڪ ڦند فريب ڪري ڪيڪئي کي سوين ڀاڄين جون ڪٿائون ٻڌايون، جنهن ڪري ورو ڏو ڏي.

راڻيءَ کي هاڻي وشواس جمي ويو، ۽ منٿرا کي قسم ڏيئي پڇڻ لڳي ته آهي ڇا؟ تنهنتي هوءَ چوڻ لڳي "ڇا، اچا پڇين ٿي؟ توکي پڇندي وهامندي. راڄ تلڪ جي هرڪا تياري ٿي ويٺي آهي، اڃان تون پيئي پڇين. تنهنجي ٻالڪ کي ٻه سڌ آهي، تون راڻي ٿي ٻه سڪ تي رهين. مائي! تنهنجي راڄ ۾ مون سيڪي ٻڙيو پاتو، سو آءٌ نمڪ حرام ڪين ٿينديس. ورڪي جي آءٌ ڪچهه بنائي ڳالهه ڪريان،



ڪيڪئيءَ جو منٿرا کي لالچائڻ

وري سڀني ڪان گهڻو پيار اٿس، جنهنجي مون جاچ به ڪري
ڏلي آهي. آءٌ ته ايشور کي ادوئي سوال ڪري رهي آهيان ته
جي وري جنم ڏيو ته رامچندر جهڙو پٽ ۽ سيتا جهڙي نهن ملي.
ڀاڳي! رامچندر کي تخت ملي، تنهنجو تون جو آرجي لي آهين؟
تو کي پٽ جو سوڳند آهي. ڪپٽ ڇڏي سچ پچ پڌائينم
ته خوشيءَ جي وقت جو لي غم ۽ ڪرين."

اهي لفظ ٻڌي منترا منهن مٺي ڪئيو ۽ ڪپٽ سان پوريل
وچن ۽ ڪوڙ لکي "ڪري ڀيري پڌائڻ ڪري ته سرو پام ملير.
ڏکي ڇڏ من وري آڳهر جي وڌايان. تڏ من سچي ڳالهه ڪريان
د. افسوس! سچ مرڻ ن، ڪوڙ ڳرو. ڀلا! سچ چوندو ڪتي
ٿا من سڀ وٺن. آءٌ به ڏاڻ ۽ ڏان ملايان ها، ته جيڪو چونه
وٺان ها. وڏانا ڪرو ڀناير ڪروپ، ۽ پيو جيڪي سچ چوان،
سو به لکي مالڪن کي ڪروڙ. ڪٿي ڪو به راجا ٿئي ۽ منهنجي
ڪهڙان چالو وڃي؟ ڇا مو لکي داسيءَ مان راڻي ٿيڻو آهي؟ مائي!
منهنجو ڪر دو توکي ڇانڻ. سو جي پرو لکو اليٺي، ته ڪميا
ڪهان... آٿجي پليس." ڪپٽ سان پوريل پيارا وچن ٻڌي،
تيز پڌي ۽ ديوتائن جي مايا جي وس ٿي ڪيڪئي من ڪي
ڪنگهڙي سمجهي، مٿس ڪٿي ڀروسو ڪيو، ۽ ڏاڍن مٺن سان
سڏان وري وري ڀيڙ لکو. جو ون دار جو اٿين ٿي، سو ڏيندم
مٿا راڻي ٿي پنهنجي ٻچه ۽ آٻل سمجهي ڏاڍو ڀرسن ٿي ۽
ڪمن ۽ چيائين "واه ڪڙوان ڀون ٻارڻ آهن." ٻوه مٿين من
مٺان ڀڃ ڪ لکي "مائي! تون ڀڄن ٿي، پر مو لکي پنهنجي
ٻپ اهي سڀ آهي، ڇو جو اڳ ٿي ڏٺيو وچندا ڇڪي وٺي-

ڇو سمهي رهي آهين؟ ايڏي وڏي ڏپ جي ويجهي اچي پهچڻ تي به غفلت ۾ پيئي آهين. امي! مونکي ڪيرسڪيا ڏيندو، ۽ آءٌ هيئنر ڪنهنجي زور تي ٻڪ ٻڪ ڪنديس؟ اڄ رامچندر کي ڇڏي ٻيو ڪنهنکي سڪ هوندو؟ سو سيان راجا هنکي راڄ ڏيوي ٿو ڏئي ڪوشليا جو ته نصيب ٿو وري تون به ڇونٿي هلي اهو آنند ڏسين، جنهنجي ڪري آءٌ هيترو ڏکي ٿي رهي آهيان. پٽر پرديس ۾ آهن، ۽ توکي ڪائي چنتا ڪانهي. توکي ته اهوئي هٺ آهي، ته راجا تنهنجي وس آهي، پر راجا جي ڪپٽ جي به ڪا سڌ اٿيئي؟" راڻي هنجا پيارا وچن ٻڌي ۽ نيچ سڀاءَ واري سمجهي ڪروڌ ڪرڻ لڳي، جنهنڪري هن ڪٽي مات ڪئي. پوءِ راڻي چوڻ لڳيس "وري نه ڪڏهن اهڙيون ڏڦير وجهندڙ ڳالهيون ڪيون اٿيئي، ته جڀ ڪپائي ڇڏينديسانءِ. ڪاڻو، منڊو ۽ ڳڪو، انهنکي ڪٽل ۽ خراب چال وارو سمجهجي، تنهن ۾ وري جي اهي ڏوهه استري ۽ ڏاسي هجن، ته اُن جيتري نيچ ٻي ڪانه سمجهڻ گهرجي. تنهنڪانسواءِ تون وري داسي، سو تنهنجي ته ڳالهه ئي ڪرڻ کان ٻاهر آهي." ائين چئي ڪيڪئي مرڪڻ لڳي ۽ وري چوڻ لڳي "هي سکي! ڏاڍو متان ڪرين. مون ته توکي نصيحت ٿي ڪئي. تو تي ته مون سپني ۾ به ڪڏهن غصو نه ڪيو هوندو. سندر آنند ڏيندڙ شڀ ڏينهن اهوئي آهي، جنهن ڏينهن تنهنجو اهو چوڻ ثابت پوي. وڏو ڀاءُ سوامي ۽ ننڍو سيوڪ ٿئي ٿو. اها اساڻجي ڪل جي اصل کان ريتي آهي. هي سکي! جيڪڏهن سچ پچ سڀاڻي رام جو راڄ تلڪ آهي، ته توکي جيڪي گهرڻو هجي، سو اُماڻڪ گهر. اڙي! رامچندر کي ته سڀ ماتائون برابر آهن، پر مون تي

تڏهن راڄ تلڪ جو ٻڌائي چيس تہ "راجا جي مرضي ٿي آهي
تہ ڪلهہ جو ڏينهن ٺهرايو آهي، تنهنڪري راڄ جو ڪم ڪار تون سنڀالين
تہ چڱو. سو پنهنجي سڀڪا تياري ڪر." ايترا وچن چئي
وسشٽ روانو ٿيو.

شهر جو نظارو اور آهي. هرڪنهن جي وات اها واڻي آهي،
تہ سڀاڻ شڀ لڳن خبر نہ آهي تہ ڪهڙي وقت آهي. ڪيڪئي
جي منٿرا نالي داسي جي ٻڌي ڦري، ڪس اپ جس جو رتو
ڏکئي، سرسوتي ماتا پنهنجو ڪم ڪري ويئي هئي. منٿرا جو
شهر ويئي، سو شهر جي جوڙجڪ ۽ آدمين جو اتساهہ ڏسي ڪائن
پڇڻ لڳي تہ "اڄ ڇا آهي، جو جيتري ڏور ڏام لڳي پيئي
آهي؟" جواب ماڻس تہ "شري رامچندر جو راڄ تلڪ آهي."
راڄ تلڪ جو ٻڌي منٿرا جلي خاڪ ٿي ويئي، ۽ ويچار ڪرڻ
لڳي تہ اڄ رات جو ڪيئن ڪم بگڙي، تڏهن منحوس ڏاڍي منٿرا
سو جڏهن نہ ڀلائي ماڪي جي ماڙي ڪي ڏسي الٽي اداڻ جهڙن
سوڻ ٿيندي آهي، تنهن جي نہ الڪ ۾ ڀڄڻ
لڳي. ليڪن ڀرت جي ماتا ورت هئي. ڪيڪئي هڪي اداس
ڏسي سبب پڇيو ته هن ڪجهہ جواب ڪونہ ڏنو، ۽ ڏکويل
ٿي نه ڏسي هڪ ٻيو واڻ لڳي. ڪيڪئي تڏهن کلي
چيو "تو سمجهان ٿي تہ تون آهين ڪيڏي ڪاهي، سو شرو و لڪشمڻ
ڪيڏا ڀلا ٿي نہ ڏسجن." تڏهن نہ هن ڪاري ناڪڻ
ڪجهہ جواب نہ ڏنو، ويڪ وڏا ساهہ کڻڻ لڳي. راڻي تڏهن
ڏيئي چوڻ لڳي "ائي! تون جواب ڇو نٿي ڏين؟ راجا، رامچندر،
ڀرت، لڪشمڻ ۽ شتروگهن تہ ڀلا چڱا آهن نہ؟" اهو ٻڌي هن
منهن مٺي ڪندي چوڻ لڳي "ساهب جي ايمان ۾ هئي

پوري ڪجي."

راجا جا وچن ٻڌي مني ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چوڻ لڳو "هـ[...]
راجا! دير نه ڪر، جلدي سڀ تياري ڪر، ڇو جو جنهن ڏينهن[...]
راڄ تلڪ ٿئي، اهوئي شڀ ڏينهن آهي." گروءَ جا وچن مٿ[...]
تي سمجهي، راجا پنهنجي منتري سمنت کي سڏي احوال[...]
ٻڌايو ته گروءَ اڄ پرسن ٿي رامچندر کي راڄ تلڪ ڏيڻ [...]
ڇيو آهي. سو جي اها ڳالهه پرجا کي وڻي، ته راڄ تلڪ جـ[...]
سانباهو ڪجي." منتري به اهو ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ راجا کي
چوڻ لڳو "هي ناٿ! اوهين شل هزارين ورهه جيو، ۽ جلدي هن
اها شڀ ڪامنا ڪئي اٿو، تنهن ۾ دير نه ڪريو." راجا انهيءَ
تي منيءَ کان پڇيو ته "ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جو هن سڀ ٻڌايس."

شهر ۾ اها وارتا پکڙندي، شاد مانا ٿي ويا. گهر گهر آنند
ٿيڻ لڳا، ۽ هرڪو لڳو پنهنجي گهر کي سينگارڻ ۽ اندر اڪيـ[...]
هرڪو ڪڍي کان ڪشر ڪٽڻ لڳو. رانين کي جنهن مهل اها
سڌ پيئي، تنهن مهل انهن کي جيڪو آنند آيو، سو چوڻ کان
ٻاهر آهي. ڪوشليا ته آنند ۾ ٻڏي خوب دان ڪرڻ لڳي.
راجا دشرٿ اهو سماچار رامچندر کي وشش کان چوائي موڪليو.
گروءَ کي ايندو ڏسي رامچندر ۽ سيتا ٻئي اٿي پير ڪرڻ
لڳا، ۽ کيس اندر آسڻ تي آڻي ويهارڻ بعد رامچندر چوڻ
لڳو "هي ناٿ! سوامي جو سيوڪ جي گهر ۾ اچڻ منگل داتڪ
آهي؛ پر تنهن ۾ واجب نه اچڻ آهي، جو گهر مهل سيوڪ
کي ٻاڏوت سڏائي آڳيا ڪجي. هي پرڀو! اوهان پنهنجي پرڀو[...]
تائي موتي سنيهه رکيو آهي، جنهنڪري اڄ منهنجو گهر پوتر
ٿيو. سو هي سوامي! ڏٺي جيڪا آڳيا ڪجي، سا ڪجي." [illegible]

نشان، هي وين ديوتا ڇيعولوڪ اوهين سڀ جڳهه سمان ڀاءُ سان
رهو ٿا، تڏهن بہ اوهانجو سڳڻ روپ موٽي ڏاڍو پيارو لڳيٿو.
جڏهن برهما موٽي ايوڌيا ايندو پڻ تڏهن هن موٽي ڪن ۾
هن رهت چيو؛—

ڀڳوان ڇيعولوڪ جاڻي ٿو سڀڪجهه ٿو، جو هو سروانترجامي ۽
ڀڳت وتسل آهي، تڏهن بہ ڏي ٿوارڪيا ڪجالس، تہ جن لاءِ مڪشيہ
ديہ ڌاري اٿو تنهجي سنڀال ڪجو." اهو ٻڌي ڀڳوان مرڪيو ۽
چيائين "هي نارد! برهما کي اچا ڪائين بہ ڌپ آهي ڇا؟ هنجالس
تہ ٿورن ڏينهن بعد آءٌ اهي اوهان سان ڪڏبس." نارد تہ موڪلائي
هليو ويو، پوءِ مهاراج هن سڄو ورتانت سيتا کي ٻڌايو ۽ چيو تہ
"ديوتائن جي مت واسطي هاڻي راج ڇڏي بن ۾ هلڻ گهرجي."

هيڏانهن ڪري ڏينهن راجا دشرٿ راج سڀا ۾ ويٺو هو، ۽ شري
رامچندر جي پراڪرم ۽ گڻن بابت ورڪنهن جي واتان واکاڻ ٻڌي
ڏاڍو پرسن ٿي ٿيو. سمجهيئي راجا آرسي ڪٺي پاتيو تہ مٿهن ڏسان
تہ اُن مهل ڇا ٿو ڏسي تہ ڪن جي پرسان وار اچا ٿي ويا اٿس،
جي ڄڻ تہ اهو اُپديش ڏيئي رهيا آهن، تہ "هي راجا! هاڻي پوڙهو
ٿيو آهين تنهنڪري راج گدي شري رامچندر کي ڏيئي باقي جيون
کي پوڄا پاٺ ۾ لڳاءِ." اهو ويچار ڪري اُٺاڪ گرو وشسٽ وٽ ويو ۽
ڏنڊوت ڪري چوڻ لڳو "ڪرپانڌا! اوهانجي ڪرپا ساڻ سڀ
ڪم پاڻا اٿم، ۽ جيڪي پوڙهو ڪان گهرجي، سو موجود اٿم؛ پر
ابهشيڪ ٿيو اٿم، جا هي آهي، تہ رام جيتر ۾ ڪنهن ريت لائق ٿيو
آهي. سڀ راج ڪرمچاري توڙي لوڪواسي ڪيس پريت جي نظر
سان ڏسن ٿا. سو اهو ڪو شڀ ڏينهن ڏسو، جو اُن ڏينهن
مٿس ڪيس راج تلڪ ڏجي، ۽ پهنجي من ڪاما

ٿو، جنهن لاچار ٿي واڳ نہ ڏسي دشرٿ وٽ پنهنجو پٽ موٽ
مدد گهري. وسشٽ مني ڳالهہ ويچاري راجا کي سمجهايو، ۽ ...
۽ شتروگهن جي ڄاڻڻ ڪري ڏني ۽ جنهن وچ لڙائي ڪر...
راڪشس کي ماري، ڏاني کي راڄ وٺي ڏنو.

جڏهن سيتا ارڙهن ورهين جي ۽ رامچندر ستاويهن ورهين
جو ٿيو، تڏهن من ۾ خيال ڪيائون تہ هاڻي ديوتائن جو ڪم ڪر...
گهرجي. اڃا انهيءَ خيال ۾ هوا، تہ برهما جو موڪليل نارد مني
اچي سهڙيو. نارد کي ڏسي ڀڳوان رامچندر اُٿي ڪڙو ٿيو، ۽ پر...
ڪري کيس آڻي آسڻ تي ويهاريائين، جنهن ڪري هنجا پير ڌوتا،
اُهو جل سڄي محل ۾ ڇڙڪيو ۽ سڄي سنسار جي پوتر ڪند...
ڀڳوان اُن مٿي تي چاڙهيو ۽ چوڻ لڳو "هي مني! هُو، جيڪي
پراڻي مون وانگر ديہ جا ابهماني ۽ وشيہ لمپٽ آهن، اُنهن کي
ست سنگت تڏهن ٿي پراپت ٿئي، جڏهن ڪ ڀڳوان مٿن ڪرپا
ڪري ٿو. ۽ اُنهن لاءِ اڪيلي سنسار ڪونهي، يعني اُهي مڪت
ٿيو وڃن، جنکي بنا پُورو جن سنت مهاتمائون پيارا لڳن ٿا. تنهن
لاءِ هي نارد! جيتوڻيڪ آءٌ گهر ۽ ڪٽنب ۾ لين ٿيو پيو آهيان
تڏهن بہ ڏنہ آهيان." ڀڳوان جا اهي وچن ٻڌي نارد چوڻ لڳو
"اوهين تہ ٻڌ ديا ۽ سنسار جا سڌاري آهيو، سو ڀلا اوهين ٿورن
اُڀا وچن ڇو؟ هي سوامي! اوهان جيڪي عام ماڻهن وانگر وچن
چيا، تنهن اوهانجو ڇا گهٽيو؟ اها تہ اوهانجي هميشہ جي ريت آهي.
جو پنهنجي ڀڳتائي ۽ ڀڳتن جي وڏائي ڪندا رهو ٿا. اوهين پنهنجي
سڀاءَ سيا ڪريشي شرڻاڳت تي پريت رکو ٿا، ۽ پنهنجن داسن لاءِ
تہ منش ديہ ڌاري اٿو. هي ڪرپا سندو! اوهانجا گڻ ڳائيندو آءٌ
... لوڪ ۾ رهيس ٿي، تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙي اها اڃا ٿيہ،
... ڀڳوان جي چرڻن ڏني ڪٿا ڏيڻ ٿيا اٿم، سو هلي اُنجو درشن

شري رامچندر جو سمرڻ ڪريو. هي من ! ايڪ پرڪارن جي
ڪٺن ڪي لتو ڪري پرميشور جي چرڻن ۾ پريت ڪر. مها اگيان
روپي رات ۾ سڀ پهنجو ڪهڙو وقت ملت وڃايو اٿيئي، سو
داڻ ڏاڪ، اڪ ڀت ۽ سڄاڳ ٿي.

ايوڌيا ڪانڊ ٢

گوسوامي تلسيداس شري جو ڏيان ڪريو ته "جنهنجي ڪڇي
پاسي گوڏ ۾ پاروتي، مستڪ تي گنگا جي، للاٽ تي ٻيج جو
چنڊ، ڳلي ۾ وک جي ليڪ، بدن تي ڀسم لڳل، وڏڙيل سوڀيا
ڏيئي رهيا آهن، اهڙو ڀسم لڳايل ديوتائن ۾ سريشٽ سيني جو
اڌيشي، سدا ايڪ رس، سرو وياپڪ، ڪلياڻ روپ مهاديو جي
منهنجي رکيا ڪري !

جڏهن کان شري رامچندر وواه ڪري گهر موٽيو، تڏهن
کان نت نئي قسم جا آنند ٿيڻ لڳا. سڀڪو ڏينهن وشواس سو
ڳنڊ رو ابي محلات ۾ گابو، جو سيني کي ڏاڍو وڻيو. هن کي
سنڪٽي ته ڏاڍا وس ڪيا، پر هن جواب ڏنو ته "جيئن مون
کي آنند جو حڪم ڏنو آهي، تيئن آءُ رهي ٿو سگهان."

ڪيڪئي جهڙو اهو ٻڌو، سو ڪاوڙ ۾ اچي پري اندر ڏاهن
لڳي، ... آهي اندر سمجهي ويو، ۽ ڳنڊ رو کي اٿي رهڻ
ته ايسڏي مرڪي ڏنا، جيسڏا ڪ ايوڌيا واسي هڪ ئي خوشي سان
ڏسڻ ... ۾ چيائون ته "جنهن نئي ڏياريندا، ويٺا هن لکيا
آهن، تن کان ڏينهن ٻه ولي مٿس ڪاٽ جو تڪ لڳايو."
[illegible] وڏو آنند ڪندي گهڻو وقت گذري ويو. ڪسو ڪه [illegible]
ڏکي واڪش ڪيڪيه راڄ جو ديش [illegible] ڪري جڏهن

لاءِ پرارٿنا ڪئي جا جنڪ تمام ڪهڙي ونئي ڪانپوءِ مس مس قبول ڪئي. موڪلائڻ مهل سيتا کي ماءُس آشيرواد ڏيئي من ريت اُپديش ڏيڻ لڳي تہ ”ڌيءَ! تون شل سدا پتيءَ جي پياري هوندين. شل سدا سهاڳڻ هجين. سس سهري جي هر وقت سيوا ڪجانءِ. پتيءَ جو رخ ڏسي آڳيا پالن ڪجانءِ.“ پوءِ تہ ماتا ڌيءَ کي ڇاتيءَ سان لڳايائينس، ۽ سڪين ۾ هر ڪنهن جي سڪ تي لاتي. ساڳيءَ ريت ٻين ٽنهي ڪنوارين سان ۾ گڏ جي موڪلايائون. پوءِ کين پالڪين ۾ چاڙهي ڪهڙي داسيون ۽ نوڪر ساڻ ڏيئي روانو ڪيائون، ۽ ڪجهہ پنڌ تائين اُماڻي وين. وات تي پاٺا ڪندا (ترسندا) شب نڪشتر ۾ اچي ايوڌيا ۾ پهتا.

ايوڌيا ۾ پهچڻ مهل آئيجا رهواسي راجا جي آجيان ڪرڻ لاءِ آيا ۽ خوب ڌوم ڌام سان راجا کي شهر ۾ وٺي ويا. راڻيون ٽئي ڄڻن جي اچڻ جو ٻڌي، ۽ ورن ڄڻن ئي جي پرڻجي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍيون پرسن ٿيون. محلات وٽ پهچڻ شرط ڪل جي رسمن موجب کهوڙن ۽ ڪنوارن کي اندر آندائون، ۽ آرتي وغيره ڪري مٺائون خوب کهورون ڪرڻ لڳا. غريب غربا ڇاپي پيا، جي راجا کي آسيسون ڏيندا واڪاڻ ڪندا ٿي ويا. براهمڻن جي ڀيڙ ڏسي، راجا ۽ راڻيون پرسن ٿي پنهنجو ڏو ڀاڳ سمجهڻ لڳا. هننکي آدر سان آڻي وهاري، پوڄن وناڻي ترپت ڪري، چڱي ڏکڻا ڏنائون، پوءِ سڀني ڇاچين سان ورتي ڦرڻي ڪياءِ، تنهنکانپوءِ سڀڪو پنهنجي گهر روانو ٿيو. مهاديو چوڻ لڳو ”هي پاروتي! تون ڌنيہ آهين جو شري رامچندر جو چرتر مون کي ٻڌي رهين آهين.“

پڙهندڙو! هيءُ شريہ ڪٿن ڪلجڳ جي ملن سان ڀريو پيو آهي، ۽ هنکان ڪو بہ ساڌن ٿي نہ ٿو سگهي، تنهن لاءِ ڀروسو رکي

ڪي ڏسي سڀني جي ماتا کي جيڪو آنند ٿيو، سو چئي ڪان
ٻاهر آهي. آرتي ڪري بعد رامچندر مندپ ۾ ولي وياءِ آڳي
آسڻ تي ويهاريائون. اُن مهل خوب ڳهورون ٿيڻ لڳيون.
ٻائي (ڊمرو) مشعلچي، پٽ ۽ لٽ (ناچو) وغيره ڳهورون ولي
ڪڍ ڪي ليندا هئي ويا. راجا جنڪ پوءِ سيڙ (راجا دشرٿ) کي
جاڃين سوڌو منڊپ ۾ اندر ولي آڳي ڀوڳيه آسڻن تي ويهاريو ۽
ٻيا ڀوڳيه سٽڪار ڪيو. وقت ڏسي وسشٽ مني سڳالند کي
ڪمائي ڪنوار آڻڻ لاءِ چيو، جو آڪيا پائي جلد اوڏانهن ويو.
سيا منڪايڪ وسعوڪي سهيلن سان گڏ ماتا ۽ ڪل جي ٻين
استرين سميت گڏجي منڊپ ۾ آئي. اُن مهل مني شانتي
پاٺ ڪرڻ لڳا ۽ ٻنهي ڪل ڪرن وڏيءَ پتالدر ڪل جون
وهيون رسمون ڪيون، ۽ وواهه سکر ۽ آنند سان پورو ٿيو.
راجا دشرٿ جي ٻاقي ٽن پٽن جو ٻه اڳيو وواهه ٿيو. جنڪ تہ
ڪش ڪيعو راجا جي ڪنيا مالدوي، ڀرت سان پرڻائي ويئي،
ڄانڪي جي ننڍي ڀيڻ اُرمِلا لڪشمڻ سان، ۽ شرتي ڪرتي
شترگهن سان پرڻائي ويئي.

راجا دشرٿ ڀيهنجا چارئي پٽ نهن سميت ڏسي ڏاڍو پرسن
ٿيو. راجا جنڪ خوب ڏاجو ڏنو، جنهن ۾ بيشمار زيور ۽ وڳا هوا.
پوءِ ٻئي سميت هٿ جوڙي راجا دشرٿ کان معافي گهرڻ لڳو تہ
"اوهين هيڏي جا لائق آهيو، آءٌ خالي موٽڪائڻ ڪجهہ بہ
نہ ٿي آهي، ۽ جيڪي ڏنو اٿر، سو بہ پترپشپ سمجهجو، ۽
ڪلي مني ساڄو راج اوهين ٻيهنجو ڪري سمجهجو، ۽ اسانکي
ٻيهنجو سيوڪ ۽ هنن ڪنيائن کي داسيون سمجهي پالنا ڪجو."
ٻنهي ڌرين هٿ جوڙي ورائي ڏنس. راجا دشرٿ پوءِ موڪلائڻ

سگهڻ ڏسڻ ۾ آيا.

ڄڃ جو پڌي راجا جنڪ رستي تي ڪوٺ ڪوٺ ۾ سي
قسم جا سڀ موجود ڪرائي ڇڏيا هوا، جنهنڪري ڄڃ کي
وات تي ڪجهه به تڪليف نه ٿي. ڄڃ کي ويجهو آيو ڏسي
ڪنواريتا اڳواڻي لاءِ ويا، جنسان ڪهوتيتا ڏاڍو پريم پوروڪ ڪڏيا
۽ پوءِ ڄڃ شهر ۾ وٺي آيا. جتي به ڄڃ هر قسم جون شيون
موجود ۽ هر قسم جو سک پراپت ڏسي پنهنجو ڪهر ڀلجي ويئي ۽
راجا جنڪ جي واکاڻ ڪرڻ لڳي. رامچندر ۽ لڪشمڻ پتا جي
اچڻ جو پڌي دل تپا پئي ڏٺا، ته هلي انهنسان ڪڏهن ملجي،
پر وشوامتر جي حياءَ کان ڪجهي نٿي سگهيا. وشوامتر انهنجي ادا
منشا ڏسي کين پاڻ سان وٺي اوڏانهن هليو. راجا دشرٿ جڏهن
وشوامتر کي پنهنجي ٻن پٽرن سميت ايندو ڏٺو، تڏهن ڏاڍو
پرسن ٿي اُٿيو ۽ منيءَ کي پيرين پيو. منيءَ به آشيرواد ڏيئي سکر
ڪلياڻ پڇيس. پوءِ ٻنهي ڀائرن پتا کي ڏنڊوت ڪيو، ۽ راجا ٻنهي
کي ڪڻي ڇاتيءَ سان لاتو، ۽ انهن ٻي سمجهڻ ۾ آيو جو جهڙڪ
مئل ۾ ساهه پيو آهي. ٻئي ڀائر مني وسشٽ کي پيرين پيا جنهن
آشيرواد ڏنو. پوءِ ڀرت ۽ شترگهن ساڻن مليا، تنهنکانپوءِ رامچندر ۽
جيڪي ڄاڃي آيا هوا، انهنسان پتا يوگيه ملڻ لڳو. راجا دشرٿ
جي اڳيان ويٺل چارئي پٽر اهڙي سوڀيا ڏيئي رهيا هوا، جو جهڙڪ
ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش چارئي روپ ڌاري آيا آهن.

وواهه جي مئل تي. خوب نغارا، شرنايون ۽ باجا وڄڻ لڳا،
اهڙو آواز ٿيڻ لڳو، جو ڪو ڪنهنجي پڌي نه ٻڌي سگهي.
ڄڃ ڪنواريتي ڪهر ڏي ماي، جنهنکي ويجهو ايندو ڏسي ڪنوار
آرتيءَ لاءِ سامگري تيار ڪرائي. رامچندر جي سندر سروپ

جي ڇڏي آئي ڏنا. راجا ٻڌي کهڻو پرسن ٿيو. ۽ شيءِ سماچار سڀني درٻارين کي ٻڌي ٻڌايائين، جي ٻڌي اتينت پرسن ٿيا. پرت ۽ شتروگهن جن ٻڌڻ واري ڳالهه ٻڌي، تنهن ۽ پڙهي، سو ويچارا ڪيئين ۽ ٻئي سماچار. راجا پوءِ قاصد کان پترن جي ڪيفيت جو پيڇو لکيو. قاصد تڏهن مرڪي جواب ڏنو "هي راجائن جا سرتاج! اوهانجي پڇڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. جو ته منش روپي شينهن آهن سڀ وڏو ۽ سڀ پهلوان راجا هارائجي ويا، جو شوجي جو ڏنش ڪو ٻه ٽڪرا ٿيو، جيڪي ٽوڙيا هوا، تنهجي رقم نه پڄت ڪي وڃي. سو هي مهاراجا ڏراج! رامچندر جن ٻنا ڪنهن هاڪي جي ڏنش کي اهڙو مروڙيو ڏنو، جو چڙهڻ ڪمل ڪل جي ڏاڍي کي ڪنهن موڙيو. اهو ٻڌي پرشرام ڏاڍو غصي ٿي آيو، ۽ رامچندر کي ڏاڍو اهي ڏمڪايو، پر جڏهن سندن پراڪرم جي سڌ پيس تڏهن آنند ۾ پنهنجو ڏنش ٻه رامچندر کي ڏيئي، معافي گهري، روانو ٿي ويو." قاصدجا اهي رسيلا وچن ٻڌي راجا دشرٿ ڏاڍو پرسن ٿيو. راجا پوءِ سڀني ڪاهه قاصد واري وسشٽ کي ٻڌائي، جو پڻ اتينت پرسن ٿيو. هن پوءِ راجا کي وڃڻ جي تياري ڪرڻ آکيا ڪئي، ۽ جلد اوڏانهن هلڻ لاءِ چيائينس. ڪرو جا وڃڻ مهل، قاصد کي موڪل ڏيئي، راجا محل ۾ راڻين وٽ اچي ڪين سڀني وارتا ٻڌائي، جا ٻڌي اهي ٻه آنند ۾ ٻوڙجي ڪڏ ڪڏ ٿيڻ لڳيون ۽ ڏاڍا دان پڻ ڪيائون. مطلب ته سڄي شهر ۾ آنند منگل ٿي ويو. راجا ڀرت کي گهوڙن، هاٿين ۽ رٿن (گاڏين) وغيره جي ... آکيا ڏني. جڏهن سڀ تياري ٿي رهي، تڏهن راجا کي سندر رٿ ۾ چاڙهي، ۽ پوءِ پاڻ پڻ ۾ چڙهي، ... ڏانهن ڏو ساز روانو ٿي. رستي ۾ سڀ شيءِ

ناهينس، جنهنڪري منهنجو سنديهه نورت ٿئي." رامچندر جو ڌنش کي هٿ ۾ کڻڻ، ۽ اُنجو پاڻيهي نهي پوڻ. اهو ڏسي پرشرام اچرج ۾ پيو ۽ رامچندر جو پرڀاءُ ڏسي هٿ جوڙي چوڻ لڳو "هي راڪشسن کي ڀسم ڪرڻ وارا اگني روپ! هي ديوتائن، براهمڻن ۽ گئن جا هتڪاري! او مان جي جئه هجي. هي ايمان، اگيان، ڪروڌ ۽ ڀرم جي ناس ڪرڻ وارا! اوهانجي جئه هجي. هي ونئي، ديا، شيل ۽ گڻن جا ساگر! هي ڀڳتن کي سک ڏيندڙ! اوهانجي جئه هجي. آءٌ ڪهڙي واکاڻ اوهانجي ڪريان جو مون ٻنا سمجهيئي نه چوڻ جهڙا وچن ڪم آندا آهن، سو هي ڪميا جا ڀنڊار! مونکي معافي ڏيو."

نيٺ "رامچندر جي جئه هجي" ائين چوندو مهي ٻن ڏانهن روانو ٿيو. اهو حال ڏسي ڪتل راجائون ترتر ڪنبڻ لڳا، ۽ ڪاتر اُٺي گهر ڏي روانا ٿيا. خوب خوشيون ٿي ويئيون. جنڪ ڏاڍو پرسن ٿيو، ۽ سيتا جو دک دور ٿيو. راجا جنڪ وشوامتر کي هٿ جوڙي پرڻام ڪيو ۽ چيو ته "هي منيشور! اوهانجي ڪرپا سان سڀ سک سان رهجي آئي. منهنجو منهن مٺي ٿيو، جنهن لاءِ آءٌ جنم جنم جو اوهانجو داس آهيان. هاڻي جيڪا صلاح ڏيو، اُن پرماڻي ڪجي." وشوامتر وراڻي ڏني "هي راجا! ڌنش ٽٽڻ ڪري وواهه ته ٿي چڪو، پر تنهن هوندي به ڪل جي جئن مرياد هجي، تئن وچي ڪريو. ايوڌيا ۾ راجا دشرٿ ڏي اهو شڀ سماچار موڪليو ۽ جو چيچ وني اچي." راجا جنڪ اُمالڪ ائين ڪيو، ۽ شهر ۾ حڪم ڦيرائي ڇڏيائين ته "هرڪو پنهنجو گهر دڪان وغيره سينگاري." نوڪرن کي هڪڙي عمدي منڊپ جوڙڻ لاءِ آڪيا ڪيائين، جن هڪڙو من موهيندڙ منڊپ تيار ڪرايو.

ھيڏانھن قاصد اچي راجا دشرٿ جي دربار ۾ پهتو، ۽ راجا جنڪ

ڪر آڏا، تن مان ڪي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، جنهنڪري هو ليڪ
ڏيڻ لڳو "هي وانرا! تون به پاڻ سمان ايماني آهين. ڇا تون مون
کي وڪيو براهمڻ ني سمجهي رهيو آهين؟ آءٌ ڪهڙو براهمڻ آهيان،
سو ٻڌ. منهنجو ڏاڏو آهي شروا (ڏيڻي والڪو شيءِ، جنهن سان
اگني ۾ هر وقت ڪيه وجهو آهي) ۽ پاڻ آهي آهوتي (هوم جي
سامگري) ۽ منهنجو ڪروڌ اگني آهي، ۽ هي لشڪر جو ڏسين
ٿو، سو آهي سمڌي (ڪاٺيون) ۽ هي جو وڏا وڏا راجائون تو
ڏسين، سي آهن پسو سمان. مون انهن ايڪ راجائن کي ڪهاڙي
سان ٻلي ڏان ڏنو آهي، ۽ ڪروڙين سنگرام روپي يگيه ڪيا
اٿم. تو کي شايد منهنجي پراڪرم جي سڌ ڪانهي، تڏهن ته وکو
براهمڻ ني ڪولي رهيو آهين. ڏاڍو پڪڙي ڪري اهنڪار ڀڙڪي
ويو اٿئي، ۽ ٿاتين ٿو ته ڄڻ جڳت جيتي ورتو اٿئي." رامچندر
جواب ڏنو "هي مني! ويچاري ڳالهايو. منهنجو اپراڌ ڪيترو ۽
توهانجو غصو ڪيترو. هي ڏاڍو پراڻو سان هو، جهڏيئي ڪر
لي پيو. تهنجي آءٌ جو ايمان ڪندس؟ هي ڀرڪوٽ! جيڪڏهن آءٌ
براهمڻ سمجهي اوهانجو نرادر ڪندو هئان، ته پوءِ سچ ته اهو
آهي ته سنسار ۾ ٻيو آهيئي ڪير، جنهنجي اڳيان آءٌ سر لمايان؟
ٻلي پوءِ ڪال ۾ اهي، ته هڪ ڀيرو ضرور سانس لاڻيو. جو ڪبري
ولس ۽ حيرولي لڙائيءَ کان مڏهن موڙي، اُنکي ليک پامر سمجهو.
آءٌ ڪا ڏاڍي ڙ ٿو ڪريان، پر پنهنجو سپايڪ ڏر کو ڏيکاريان،
براهمڻ ڪُل هي اهڙي وڏائي آهي، ته جيڪو اوهان کان ڏڄندو،
سو سڀڪي ڊڄندو." رامچندر جا اهي منا ۽ مورڪ پل وچن ٻڌي
پرسرام هي پڌرو نا ڪپاٽ کلي پيا، ۽ هن رامچندر کسي
ڪشمن ني اهڙي، وشنو پڪوان جسو ڏلش ونب، ۽

لڙائي ڪري پراڪرم ڏيکار، يا پاڻکي رام جي نام سان نہ ڪوٺاءِ.
هي شو دروهي! ڪپٽ ڇڏي جنگ ڪر، نہ تہ هٿي پائرن
جو انت آيو ڄاڻ."

ايترو چئي پرشرام پنهنجي ڪهاڙي ڦيرائي تہ رامچندر ڪلهي
مستڪ نمايو ۽ چيو "مهاراج! اپراڌ لڪشمڻ جو ۽ ڪصو ڇنڊيو ٿسا
مونتي. سچ آهي سنٿين ڪائي تي هر ڪنهن جي نظر پوندي
آهي. ڏنکي ڪان هر ڪو ڏور ڀڄندو آهي. هي منيشن! ڪروڌ
ڪي تياڳيو. هان! اچي هي منهنجو سر حاضر آهي. هي سوامي!
مونکي پنهنجو داس سمجهي اڙو اُپاءُ ڏسيو، جنهنڪري او هان
جو هيءُ ڪروڌ شانت ٿئي. يلا! ڪڏهن سواميءَ ۽ سيوڪ جي
لڙائي ٿئي ٿي؟ اوهانجي ويس کي ڏسي هن بالڪ بہ ڪجهہ
ڳالهائي ورتو آهي، جنهن واجبي هنجو بہ ڏوهہ ڪونهي. ڪهاڙي
ٻاڻ ۽ ڌنش ڪڻندو ڏسي، اوهانکي ويرِ پرش سمجهي، هنکي
ڪروڌ چڙهي آيو. جيتوڻيڪ اوهانجي نالي جي سڌ اٿس، پر
اوهانکي سڃاڻي ڪونہ. هن تہ پنهنجي ونس جي سڀاءُ موجب
جواب ڏنو آهي. هي گسائين! جيڪڏهن اوهين منيءَ جي پوشاڪ
راڇو ها تہ هو اوهانجي چرنن جي رج مستڪ تي رکي ها.
ڄاڻ جي ڀل معاف ڪيڻ کپي، وري اوهين براهمڻ تہ سدائين
ايا جي ڪاڻ آهيو. هي سوامي! اسان د توهانجي برابري ڪٿي؟
ڪٿي چرڻ ۽ ڪٿي مستڪ؟ منهنجو نالو تہ فقط ٽن اکرن وارو
"رام" آهي ۽ اوهانجو "پرشرام" ڇهن اکرن وارو. هي ديو! منهنجو
فقط ڌنش نئي هٿيار گڻ آهي، پر اوهين پرم پويتر نون گڻن
را آهيو. اسان هر طرح اوهان اڳيان هاريو، ۽ اوهين دِيا درشٽي
ڪريو." رامچندر جو ڏري ڏري "منِي، مهاراج" وغيره لفظ ٻيي

مون اوهانجو ڪو ڏوهه ڪونه ڪيو آهي. جيڪڏهن گنهگار آهيان
ته مان ني آهيان. هي سوامي! ڪرپا ڪري ماريو يا ڇوڙيو
وغيره جيڪي ڪرڻو هجيو، سو مونکي داس سمجهي ڪريو، ۽
جنهن طرح اوهانجو ڪرودهه شانت ٿئي، اُن طرح آڪيا ڪريو."
مٿي ڇوڙي لکيو "هي دارا! ٻالڪان منهنجو ڦٽو لهندو؟ ڏس اها
ته ڪانهوڙا اٿس. اڄا مون ڪرودهه ڪري ڪيونه ٿيا، جيڪڏهن
هي ڪهاڙي ڪنڌ ۾ نه هڻيمانس؟ جنهن ڪهاڙي جي آواز
سان گرڀ وتين جا گرڀ ڪري ٿي پيا، ان ڪهاڙي جي هوندي
۾ دشمن راجڪمار کي جيئندو ڏسي رهيو آهيان. ڇاتي ٿي جليرا
۽ مت نه ٿو مليو. عجب ته ڏسو، جو ڪهاڙي جي ڌار ۾ مڏي
ٿي پئي آهي. شايد وڌاتا ۾ موسان ولي ٿي پاڻيجي، جو منهنجو
سياڻ بدلي ڇڏيو اٿس، نه ته منهنجي دل ۾ ديا ڪٿي." اهو
ٻڌي لڇمڻ ورندي ڏني "مهاراج! اوهين ڪرپا جي مورتي آهيو،
۽ اوهانجا وچن ڦان جيان آهن. جڏهن ڪرپا ڪرڻ ڪريٿي ڇڪو
ٿو جليو، تڏهن ڪرودهه ڪرڻ وقت ته خبر نه آهي ڇا ٿيندو هوندو."
وشوامتر تڏهن جنڪ کي سڏي چيو "ڏسين ٿو ته مون ٻالڪ
هي هنيائي؟ مت ٻلي ٿو موت کپي. ڇنڪي جاد ٿي منهنجين
اکين کان ٻيو ڇو نه ٿا ڪريو؟" لڇمڻ جواب ڏنو "هي مني!
اوا ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟ اهو اوهانجي مت ۾ آهي. اکيون
کڻي بند ڪريو، ته پوءِ ڪنهن کي ڀر نه ڏسو، ۽ لڪي ايتري
ڪٺوڙي نه ميڪو ڇوڙيو." وشوامتر تڏهن رامچندر ڏي مهان
ڪري چيو "هي لکڻا شڪ جو ڏاڙهي هاٿي کي چوائي ڏيکارين.
ڏٺو، تنهنجي ٿي ڏوڙتي ته اهي ڪٺوڙا وڃي هٿي رهيو آهي،
تون ٻکلي لاڪت ٻالڪ ڪئن نه مت ڇوڙي ٿو ٻهين. هاٿي

جي نظر ڪريو. ڏيرج وان ۽ گياني ته اصل آهيو."

رامچندر جي انهن وچنن کي ٻڌي پرشرام ٺنڊو ٿيو، جنهن کي ڏسي هو لڇمڻ کان ڇوٽيءَ تائين ڪروڌ ۾ ٻرجي ويو ۽ چوڻ لڳو "هي رام! هيءُ ڇوڪر مهاپاپي آهي. ڏسڻ ۾ سو اڇو آهي، باقي اندر ڏاڍو ڪارو ٿو ڏسجيس. هنجو مک کير پياڪ ٻالڪ جهڙو ڪينهي، پر سرپ سمان زهر ڀريل آهي. ڏاڍو نرلڄ آهي، تنهنجي پاڻ ٿيڻ جو ته اڌڪاري ئي ڪينهي. مونکي پنهنجو ڪال ئي نٿو سمجهي." لڇمڻ تڏهن کلي جواب ڏنو "هي مني! ڪروڌ پاپ جو گهر آهي، جنهنجي وس ۾ اچي ماڻهو اڻوڻ ڪم ڪري وهي، ۽ سنسار جي اُبتڙ هلت ٿو ڪري. آءٌ اوهانجو داس آهيان مون کي معافي ڏيو. پڪل ڏنش وري جڙي نٿو سگهي. اوهين ڪرپا ڪري ويهي رهو. بيٺي بيٺي پير ٿڪجي پيا هوندو. جيڪڏهن هن ڏنش سان اهڙو پيار اٿو، ته ڪنهن هوشيار ڪاريگر کسي گهرائي وري ٺهرائي وٺو."

لڇمڻ اڃا وڌيڪ چوڻ ٿي پاليو، ته جنڪ روڪيس، ۽ پرشرام غصي ٿي رامچندر کي ڏوراهو ڏنو ته "ڏسين ويٺو ڀاءُ جا رنگ. ڇا ڪريان! توڏي ٿو نهارڻو پوي. زهر سان ڀريل سون جي گهڙي وانگر ڪپٽي هنجي ۾ سڀاءُ آهي، تڏهن ڇڏي ٿو ڏيانس." لڇمڻ ڪجهه وڌيڪ چوڻ ٿي پاليو ته پر رامچندر اشارو ڏيئي بند ڪيس، جنهنڪري وڃي گروءَ جي پاسي ۾ ويٺو.

رامچندر هٿ ٻڌي تمام نمرتا سان مٺن وچنن ۾ چوڻ لڳو "هي ناٿ! اوهين سياڻا ڪان ئي گياني آهيو، سو ٻالڪ جي ڳالهه ڇا کڻڻ کپي. ڏيندڙ ٻيو ۽ ٻالڪ دکڙيءَ سياڻا جا ٻڌڙيا ته ٿيندا آهن. تنهنڪري مهاتمائون انهنتي ڪاوڙ ٻائي ڪين آهن. وري

سو اوهانجي مڪان ڪارڻ لڪرڻ سوڻهن ٿي لڳيون. يوڌا پنهنجو
پراڪرم لڙائي ۾ ڏيکاريندا آهن، ۽ نه رڳو مڪان ۾ ئي وڃائيندا آهن.
رڳي ٻڪ ٻڪ ڪرڻ تہ ڪاپرن جو ڪم آهي."

لڪشمڻ جا اهڙا ڪنور وچن ٻڌي پرشرام پنهنجي ڪهاڙي کي
ڌڻي ۽ مت ۾ ڪئي ڇوڙ لڳو "هي لوڪو! هاڻي مونکي ڏوهه
نہ ڏجو، هي جو ڪڙي ڪڙي زبان وارن ٻالڪن کي مارڻ ٿو
گهري. ٻالڪ سمجهي گهڻائي ڀيرا معاف ڪيو اٿس، پر هاڻي نہ
ڇڏيندس." وشوامتر تڏهن پرشرام کي سمجهايو تہ "سياڻا ٻالڪن
جون ڳالهيون ڪين نہ ٻڌندا آهن، تنهنڪري معافي ڏيو." تنهن
تي پرشرام چيو "ٻيا مني! اکيون تہ آءٌ اڪارڻ ڪرو ڌي، وري
ضدي مت ۾ اگر ڪهاڙي، ۽ اکيان اڳيان ڪر دروهي، سو جيڪڏهن
ڪن ۾ ڪري ڇڏيانس، پر خير اوهانجي لحاظ ڪري
ڇڏي ٿو ڏيانس." لڪشمڻ تڏهن ٺٺولي ڇوڙ لڳس تہ
"سچ آهي، اوهانجي ويتا لوڪ پرسڪ آهي، جو ماتا جو پرس الهي
ڪهاڙي سان ڪٽيو هو. لڙائي ۾ ڪو پهلوان ڪين تو ڪڏهن
ڏٺو هو، ۽ آءُ براهمڻ سمجهي ٿو ڇڏي ڏيان. ٿورڙي ڪين آهي
تہ براهمڻ ۽ ديوتائن کي ۾ ٿي ورتا آهن؟"

تہ ضدي تہ پرشرام جي ڪروڌ جو انت نہ رهيو، ۽ پنهنجي
ڪهاڙي تکي ڪرڻ لڳو، جنهن تي چوطرف هاهاڪار مچي ويو.
تڏهن شري رامچندر جي سمهان مٺي وچن چوڻ لڳو "هي ناٿ! ٻالڪ
تي ڪهڙو غضب؟ ٻالڪ تہ ڏوري ڪيرائيندڙ جي مثل. جنهن اوهانجي
پرتاپ جي سڌ ڪانهي، تہ ڇا هن ريت مورک اوهانجي برابري
ڪري ها؟ ڪٿي ايتري غلط ڪئي بہ اٿس، تہ بہ مائٽا، ٻيا ۽
ڪو ڪجهه ڏهاڙو؟ سو اوهين پنهنجو ٻالڪ ۽ داس سمجهي ڪريا

سمجهائي ورمالا رامچندر جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ چيس، ۽ پاڻ
وري ٻه ڳالهڻ لڳيون، تہ ايتري ۾ سيتا رگهونات جي ڳلي ۾
ڪٽي مالا وڌي. مالا جو ڳلي ۾ پوڻ ۽ ٻي سمجهه راجائن جي
ڪرڙ مچائڻ تہ هي ڪير، جو اسان وٽان سيتا وٺي وڃي. مٿي
مارائي بنا نہ ڇڏيندا سون، پل پوءِ جنڪ مدد ڪرين، تہ انکي
بہ ڏسي وٺنداسون. اهو حال ڏسي سيتا تہ سهيلين سميت اُتان
وڃي هلي. من ۾ خوطا کائيندي وڃي تہ پڳوان ڪي اچا،
خبر نہ آهي، ڇا ڪرڻو آهي. لڪشمڻ موڪن راجائن جا لفظ
ٻڌي ڏاڍو ٻوسري پيو، پر رامچندر جي ڊپ ڪري ڪجهي نتو.

اڃا اڃا ڪرڙ اتي ٻي هلي، تہ مهاديو جي ڏنش جو ٻڌي پرشرام
اتي اچي نڪتو، جنهنکي سڀ راجائون ڏسي سسي ويا. پرشرام
جي شڪل ڏسي سڀ راجائون اٿي بيٺا ۽ پرڻام ڪرڻ لڳا. راجا
جنڪ بہ سيتا کي وٺي اچي بيرين پيو. پوءِ وشوامتر بہ ٻنهي
ڀائرن کي وٺي اٿي پرڻام ڪرايو ۽ چيو تہ "هي ٻئي رام ۽ لڪشمڻ
راجا دشرٿ جا پٽ آهن." ٻنهي جي سامهين صورت ڏسي پرشرام
آشيرواد ڏنين. پوءِ جاڻي ٻجهي بہ جنڪ کان پڇڻ لڳو "ٻڌاءِ
تہ هي ايتري پيڙ چو تي آهي؟" راجا سربستو احوال ڪري ٻڌايس.
جنڪ جي ڳالهہ پوري ڪرڻ ۽ شنجو ڏنش ڏاهن نهاري ڪرو ۽
ڪرڻ ۽ چوڻ تہ "هي مورک جنڪ! ٻڌائيندتہ هي ڏنش ڪنهن
ڀڳو؟ جلدي اهو ڏيکار، نہ تہ سڄو راڄ جنهنجو جنهنجو اولاد
تو ڪريان." پرشرام جا اهي لفظ ٻڌي ويچارو جنڪ ڏاڍو ڇتاڻو
ٿيو ۽ ٻيا آيل دشت راجائون خوش ٿيڻ لڳا.

سڀني منشن کي وياڪل ڏسي ۽ سيتا کي وٺت ۾ ڏاڍل
سمجهي، رگهونات چوڻ لڳو "ڪرپالو! اهو ڏنش ابالجي ڪاڻي

سمجھائي ورمالا رامچندر جي ڳچيءَ ۾ وجھڻ لاءِ چيس، ۽ پاڻ
وري ٻه ڳالھ لڳيون، ته ايتري ۾ سيتا رگھونات جي ڳلي ۾
ڪڙي مالا وڌي. مالا جو ڳلي ۾ پوڻ ۽ ٻي سمجھ راجائن جي
ڪو ٻڙ مچائڻ ته ٻي ڪير، جو اسان وٽان سيتا وٺي وڃي. متي
مارائي ٻنا ته ڇڏيندا سون، پال ٻوءِ جنڪ مدد ڪرين، ته اُنکي
ٻه ڏسي وٺندا سون. اهو حال ڏسي سيتا ته سهيلين سميت اُتان
ويجهي هلي. من ۾ خوطا ڪائيندي ويئي ته پکوان کي اچا،
خبر نه آهي، ڇا ڪرڻو آهي. لڪشمڻ مورکن راجائن جا لفظ
ٻڌيو ڏاڍو ٻوسري پيو، پر رامچندر جي چپ ڪري ڪيهي لتو.
اچا اچا ڪڙ ٻڙ اٿي پئي هلي، ته مهاديو جي ڌنش جو ٻڌي پرشرام
اُتي اچي نڪتو، جنهنکي سڀ راجائون ڏسي سسي ويا. پرشرام
جي شڪل ڏسي سڀ راجائون اُٿي بيٺا ۽ پرڻام ڪرڻ لڳا. راجا
جنڪ ٻه سيتا کي وٺي اچي پيرين پيو. پوءِ وشوامتر به ٻنهي
ڀائرن کي وٺي آڻي پرڻام ڪرايو ۽ چيو ته "هي ٻئي رام ۽ لڪشمڻ
راجا دشرت جا پٽ آهن." ٻنهي جي سهائڻي صورت ڏسي پرشرام
آشيرواد ڏنين. پوءِ ڪڙي پڇي ٻه جنڪ کان پڇڻ لڳو "ٻڌاءِ
ته ڪي ايترو ڀيڙ ڇو ٿي آهي؟" راجا سربستو احوال ڪري ٻڌايس.
جنڪ جي ڳالھ پوري ڪرڻ ۽ ڌنش ڏاڍو ڀاري ڪرو ۽
ڪرڻ ۽ ڇوڻ ته هي مورک جنڪا! ٻڌائيم ته هي ڌنش ڪنهن
ڀڳو؟ جلدي ٻڌاءِ، نه ته سڄو راڄ ۽ اولاد
نه ڪريان." پرشرام جا اهي لفظ ٻڌي ويچارو جنڪ ڏاڍو ڇرڪيو
پيو، ۽ ٻيا آيل دشت راجائون خوش ٿيڻ لڳا.
سڀني منشن کي ڳالھ ڏسي ۽ سڀا کي ڏيٺ ۾ ڏالي
سمجھي، رگھونات چوڻ لڳو "ڪرپالو ڌنش ڀڃڻ وارو ڪو



شري رامچندر جو ڌنش ڀڃڻ ۽ سيتا پرڻجڻ

ڪندو ٻڌوان ضرور موليڪي رکوالت جي داسي بنائيندو." سيتا
جا اهي معروف رامچندر سڀ سڄي ٻي ڪيا. سو جڏهن مهل ڏٺش
وت ٻڌو ۽ ڏاڍس لهارائين، ان مهل اڪشمڻ ڏاڍو پرسن ٿيو ۽
واڪو ڪري چوڻ لڳو، "هي دشتن جا ديوتائو! هي ڪيئون اهي
شيش ناڳ! هي واراه! سڀيئي ٿيو ۽ ڌيرج ڌري پرٿوي کي
جهلي بيهجو، [illegible] رامچندر شو جي ڌنش کي
ڀڃڻ ٿو وڃي."

رامچندر ڏٺو ته سڀ آدمي ٽڪٽڪي لڳايو موڙيندي لهاري
رهيا آهن، ۽ ويچاري سيتا جي پيت ۾ [illegible] ساه ڪولهي، ڏڏهن
من ۾ ويچارڻ لڳو ته "جڏهن اجايو ٻالڪ جي رکي ساه تيائي،
ته پوءِ [illegible] ڪاهي ڪر جو، ۽ [illegible] سڪي وجهڻ ڪان
پوءِ جي [illegible] ته ڪاڪ [illegible] جي. سو وقت هنان
[illegible]" [illegible] وڃي ڌنش [illegible]
[illegible] ڪري [illegible]
[illegible] ۽ [illegible] طرف [illegible]
[illegible] خوب [illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

اهو پرڻ ٻڌي پرسن ٿيا ۽ پوءِ هرڪو ڪمر ڪشي پنهنجي
اشٽ ديو جو نالو سمري ۽ مستڪ نمائي ڌنش ڏانهن هلڻ لڳو.
گهڻيئي ويچارا وڃيو حيلا وسيلا ڪن پر ڪنهنکان ڪڻي جو چري
سو بہ نہ. جنڪي ٻڌن جا حال ڏسي ٽيڙ پيهجي آيا سي شرم بچائڻ
لاءِ اُتيائي ڪين ويهي رهيا. جڏهن ڪوبہ نہ پهچي سگهيو ۽
هرڪو ويندڙ ڏڪو تي موٽي آيو، تڏهن ڪيترن ئي راجائن گڏجي
ڌنش پيچڙ پائيو (اُنهن راجائن پاڻ ۾ انجام ڪيو تہ ڌنش پيچڙ
ڪانپوءِ هڪ ٻئي سان لڙائي ڪري جيڪو ڏاڍو ٿيندو سو سيتا
ڪڻندو) مگر پيچڙ تہ پري رهيو، پر رڳو چوري بہ ڪين سگهيا،
جنهن تي سڀني ڏاڍي بي عزتي ٿي ۽ سڀ تماشبين مٺائن
چٿرون ڪرڻ لڳا.

راجا جنڪ اهو حال ڏسي ڏاڍو پشيمان ٿيو، ۽ اهڙي ريت وڃڻ چوڻ
سگهو، جو جنڪ ڏاڍو غصي ٿيو هجي. ”آها افسوس! مون جيڪو
پرڻ ڪيو، سو ٻڌي ديش ديشانترن جا راجائون مهاراجائون اچي
ڪٺا ٿيا. ديتير ۽ ديوتائون منشيہ روپ ڌاري پڻ آيا، تنهنڪان
سواءِ ٻيا بہ انيڪ رڻ ڌير آيا، پر ڪنهن بہ ڌنش نہ پڳو. ڪهڙي
نہ لڄہ جي ڳالهہ آهي؟ پيچڻ ۽ ڪڻڻ تہ پري رهيو، پر ڪو بہ تر
جيترو چوري ڪين سگهيو. تنهنلاءِ هاڻي ڪو بہ پاڻ کي پهلوان
ڪو نہ ڪوٺي، ڇو تہ مونکي سڌ پئجي ويئي تہ هاڻ پرٿوي تي
ڪٿري ٻچو ٻچوئي ڪو نہ آهي هاڻي آشا ڇڏي هرڪو گهر ڏي
روانو ٿئي، ڇو جو ڏسجي ٿو تہ وڌاتا سيتا جي ڀاڳ ۾ پتي ڪرڻ
لکيو ئي ڪين آهي. هاڻي جي انجام ٿو ڇڏيان تہ ڌرم ٿو ناس
ٿئيم، نہ تہ سيتا ويچاري سڄي عمر ڪنواري رهندي. ڇا ڪريان
ڄاڻ اهڙي ڪا سڌ هجيم ها، تہ ڇو اهڙو ڪٺڻ پرڻ ڪري پنهنجي ڪل

ڪري ڇي پوڄا جو سامان ڪٺو ڪري، باقي گلن چونڊڻ لاءِ را
جي باغيچي ۾ ويا. اتي مالهين جي آکيا وٺي پشپ چونڊڻ لڳ
ته ايتري ۾ شري جانڪي به آتي آئي، جنهنکي ماڻس گرجا جي پوڄ
لاءِ موڪليو هو. جانڪي پوڄا ڪري پاڻ جهڙو پاڳوارو ورکهڻ لڳي
هڪڙي سهيلي سيتا کي ڇڏي باغ جو سير ڪرڻ نڪري
ويئي هئي، تنهن جو هنن ٻنهي ڀائرن کي ڏٺو، سو هوءِ خوشي
وچون ڊوڙندي سهڪندي آئي. ٻين سهيلن جو هنجو اهو حال
ڏٺو، سو هو هنڪان لان خوشيءَ جو سبب پڇڻ لڳيون. هوءِ چوڻ
لڳين "هڪڙا ٻه راجڪمار ڏٺا اٿم، جي گل پيا چونڊن، ۽ انهنجي
سونهن جي آءٌ ڪهڙي ڳالهه ڪريان؟" ٻڌڻ کي چوڻ لڳيون "هائي
برابر! هي اهي ئي ٻه ڀائر آهن، جي ڪ وشوامتر منيءَ سان آيا
ڏسجن، ۽ جن هڪي سڄو شهر پاڻتي ڇريو ڪري وڌو آهي.
هلو ته پاڻ به هلي ڏسون ۽ ڪين ڏسڻ ئي کپر جيئون."
کي ٻه اها ڳالهه پسند آئي، جا ڏسڻ لاءِ تڙڻ لڳي، آن
کي اڳواڻ ڪياءِ، جا ڏسي آئي هئي.

نورن ۽ ڇير جو آواز ٻڌي رام چوڻ لڳو "هي لڪشمڻ
آواز ته ٻڌ. چڻ ته ڪامديو نغاري تي ..ن ... وشو (دن
کي جيتڻ جي لاءِ ڪندو پيو اچي." پوءِ اوڏانهن نهارڻ لڳ
جتان سيتا پئي آئي. سيتا کي ڏسي رامچندر لڪشمڻ کي چو
لڳو "هي لڪشمڻا هيءَ جنڪ راجا جي ڌيءَ ٿي ڏسجي، جنهن
ڏنهن يگيه رچيل آهي. سهيلين ساهيڙي گوري پوڄن لاءِ هه
کيس وٺي آيون آهن. آڏا! ڪهڙي ته هن جي سونهن آهي
جنهنکي ڏسي سڀاويڪ منهنجو من ڏانوا ڊول ٿي ويو آهي
منهنجا سڀ ساڄا انگ ڦڙڪن پيا. رگهو ونسين ۾ اهو دڪ

... تہ ڄاڪي ڪري.. آهي پڪ مولڪي تہ ٿي، ٿانهن ٿي بڙوءِ
ڪرا تہ ويچار ”ڪيا لکي وسوط ڪا ”ماڻهو. ۽ ور ابوٿي
اهوٿي بدن، نازڪ هي ڪٿي مولط، ڏاڻي جو مهاڻو ڪٿي
ڪاڙي ”لکي دوط ڪلي ابي ”آهي. مولڪي شڪ ونوڪ
ڪاڙي ڏاڻي هي اڪيان تنهنجي ناري، املپا جنهن آهيو، موڙي
براڪرمي. ۽ ڏاڏو اڙو ٻر آلوٽڻو هنڌوار ٻسط ڪاٽليون ائي آهي وسع
ني ان آهي، ڏنايو سڄون ۽ ڏوڪو ادو ڪي سيعا ڏاڻا جنهن
وڏي والي مني اما ”آهي. بڻايو الاهه ور سالور اهو ڪري تہ ويچار
ڪتاب، وات تنهنجي ”ڪيا لکي ڊوخ ۽ ليون بوسن سب
شل انهن ني ٿني.“

مني: رهنا جسي يڪي ڏاڻش هيڏاهن ديا، پاسي آلهي والي
ڊوڪرد هون وڪيان ڏاڻش دڪ جهنتي تاڙوءِ، ڪهڙ جن ڏڪاڙ ۽ ڏر
مٽيرو ٿورو هيون. وڃايل واسطي راهڻ آيلن ڪرسيون سوليون
ڏالن مني ڪان سيني ۽ هوا، پل ڪرسيون بيٺهہ ۽ ماڻهن عز
وڃا جسي ٻوميؤ رلکر جنهن هو. اهيل استان واسطي ووڙ هي
مونيا. بلغي ۽ ۽ ٻني هي ڪري ٻط ٿي ڏنهن زمانا، قسي
ڪري دپ جنهنجي) ڪري. ڪرڻو مني معاني ٿ نين دپ
رهيو ڪري ۽ ٿڪارط ٻڙو جو ٻاٿن — ... ٿاهي دپ
ڪري ولدن سندبا ۽ ويٺا. ... ... ڪرڻ) ..
ڪي مدي ٿڌهن ليو، ... ... ڪڏ ... ٻڙت
ڪمان ٿاڻ جهنجي) ... ... ٻ ... ڪاڻن
س ڪتنا، تپ ڄاڻ ڪارن ... ... ڪي هي
لڪي ڪري ڪڇهہ سب ٿ ... ...
ڪري سڌن شوج آلي سوال ...). آهي ... ... لي

وشوامتر خوشيءَ سان موڪل ڏنين. پوءِ هو گروءَ کي نمسڪار
ڪري شهر ڏي هليا. اجا رستي تي ئي هليا ته سندن پٺيان ڪاريون
ڇوڪرن جون هلڻ لڳيون ۽ جو جو بت تي هون پيغامبر پهريل،
جتن ۾ هون سندر ڏنش ٻاڻ. ڳلي ۾ هيرن موتين جي مالا ۽
مستڪ تي هون چندن لڳل. وري ڪرو سانورو، ته ٻيو گورو،
سو جوڙي ڏاڍي لهي ٿي. شهر ۾ جا خبر پيئي ته ٻه راجڪمار ڏاڍا
سهامڻا شهر گهمڻ آيا آهن، سو سڀ نر ناريون ڪم ڪاريون ڇڏي
ڪري ڊوڙي آيا درشن لاءِ، جڻ ته درد ري خزاني لٽڻ واسطي
نڪري پيا آهن. ناريون چوڻ لڳيون "واه جي سونهن! وشنو کي
چار ٻانهون آهن، برهما کي چار مک آهن، ۽ مهاديو کي پنجن
مک آهن، ۽ سندس ويس به ڏاڍو ڀينڪر آهي، ٻه اندر سمسار
۾ ٻيو ڪهڙو ديوتا آهي، جنهن جي اهڙا هنن کي ڏجي؟" وري
ڪا چوڻ لڳي "هي سکي! جيڪي مون ٻڌو آهي، سو ته سڻ،
ته هي ٻئي ڪمار راجا دشرٿ جا پٽ آهن. انهن ئي منيءَ وشوامتر
جي يگيه جي رکيا ڪئي هئي، ۽ انهن ئي ته لڙائي ڪري دشٽ
راڪشسن کي ناس ڪيو. هي جيڪو ڏنش ڌاري آهي، سو ڪوشليا
جو پٽ رام نالي وارو آهي. ۽ هي جيڪو مو چارو پٺيان پيو وڃي،
سو سمترا جو پٽ لڪشمڻ نالي آهي." ٻي وري چوڻ لڳي "جنهن جي
جانڪيءَ لائق ور هي رام آهي، ۽ موليڪي پڪ آهي ته ڪواري
راجا ڏسيس سو سڀي، پوءِ پنهنجو پرڻ (انجام) ٻڌ ڇڏي ويندو،
۽ ضرور هن سان پرڻائي ڇڏيندس،" ڪا چوڻ لڳي ته "راجا
منيءَ ورت ڪڏهن ڇڏي ويو هو، تڏهن انهنکي ڏسي آيو آهي، پر
هو ڪڏهن ڪين ڇڏيندو." ڪا وري چوڻ لڳي "جيڪڏهن
وڌاتا سچي آهي، ۽ جتن ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، تڏهن جيڪڏهن هرڪنهن

ايوڌيا ۾ رام ۽ لڪشمڻ، هي باغ جو سير ڪرڻ ويا هوا، سي
۾ اچي سهڻا. پڻا ڪارو سانورو، ٻيو گورو (اڇو)، ڪشور
اوستا سندين ئي سي هڏهن اندر آيا، تڏهن سڀ آلسي بيٺا.
پوءِ وشوامتر کين پنهنجي پاسي ۾ ڪٺي ويهاريو. راجا جنڪ پنهنجي
پاڻون هي ٻڌي ڏسي اچرج ۾ پنهنجي ويو، ۽ منيءَ کان پڇاڻ لڳو
"هي ٻار ڪي رگهوڪرمني ست (پٽ) آهن، يا راجڪمار؟ منهنجو
سڀاءُ جيڪ هن ادو من وس ڪري ڇڏيو آهي، جو ڏاڍهن پيارڻ
کان ڦير ڏاڍن نه لڳا." مني ورلدي ڏني "هي راجا اهن سنسار
۾ جيڪي جاندار پيدا آهن، تن سڀني جا هي پيارا، رگهوڪل
شرومڻي دشرٿ راجا جا پٽ آهن، جنکي من منهنجي هت (واندي)
لاءِ موڪليو هو. رام ۽ لڪشمڻ انهن ٻنهي ڀائرن جا نالا آهن. ڏاڍا
ڪيڪسوي، پراڪرمي ۽ بلوان آهن. انهن نه تسڪ لڙائي ڪري؟
آسون کي ماري اسان مالهن جي يڪيه ڪرڻ ۾ انڪ ارڻي تنهن
لاءِ رکيا ڪئي." راجا جنڪ مني جون اهي ڳالهيون ٻڌي اچرج ۾
پنهنجي ويو، ۽ مني کي شهر ۾ راجڪمارن سميت، وٺي آيو،
جي انهن جي آسان ۾ آلي ودادي ٻاڻ محلات ڏئي موڪليو؛

پهرين جي مهن آهي، جڏهن وشوامتر وسوني وٺي ويٺو آهي،
۽ رامچندر، [illegible] آپ ڪري رهيو آهي. ان وقت
لڪشمڻ جي من ۾ ... ڪجهه ڏسڻ جي، پر رامچندر
جي ڊپ ۽ وشوامتر جي ادب ڪري ڪجهه نه ٿي سگهيو.
شري رامچندر منهنجي من جي ڳالهه سمجهي، ۽ منهنجي من جي ڪاماڻا
پوري ڪرڻ لاءِ وشوامتر کي ويني ڪئي ته "گروجي! لڪشمڻ
جنڪ پور ڏسڻ ٿو گهري، مگر توهان جي ادب جي ڪري ڪهي نه
سگهيو. جيڪي جي آگيا ڪريو، ته وٺي وڃي ڏيکاري اچانس."

تيز هجن، پوءِ تون رت ۾ چڙهي اڳيان هلندو تنهن ۽ آءٌ تنهنجي پٺيان هلنديس." ڀڳيرٿ اُمالڪ اُتين ئي ڪيو. گنگا جو وڏو ڊسيءَ رشي مني سڀ آرامي ٿيا، ۽ ڇٽ لڳائي ڪناري تي ويهي خوب ترپڻ، سنان سنڌيا ڪرڻ لڳا. ڀلا! ڪيئن نه ڪن جو ويد پڪارين ٿا ته "گنگاجي درشن ماتر سان پاپ پري ڀڄيو وڃن، ۽ پاپي سنان ڪرڻ سان سنسار ساگر تريو وڃن."

سمنڊ پروڙن ۽ ڏيشن مان لنگهندي جڏهن هرڊوار وٽ اچي پهتا، تڏهن گنگاجي ڏاڍو پرسن ٿي. اُتان پرياگ ۾ آيا، ۽ تنهن ڪانپوءِ ڪاشيءَ ۾، نيٺ وڃي سمنڊ وٽ پهتا جتي گنگاجي اُن ۾ ملي ويئي. سمنڊ ڀڳيرٿ جي گهٽي واڪاڻ ڪئي. انهيءَ ريت سگر جا سٺ هزار پٽ تري ويا. وشوامتر چيو "هي رامچندر! انهيءَ ريت گنگا جو هن پرٿويءَ تي اچڻ ٿيو آهي ۽ ڀڳيرٿ آندي، تنهنڪري ڪيس ڀاڳيرٿي به ڪوٺيندا آهن."

